شمارو 20
سال 2017 ع

# کينجهر

## (تحقيقي جرنل)

ISSN: 2077-902S

ايڊيٽر
ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
2017 ع

(هائير ايجوڪيشن طرفان منظور ٿيل)

شمارو: ٢٠
سال: ٢٠١٧ع

ISSN: 2077-902S

# ڪينجهر

[ تحقيقي جرنل ]

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو**

## سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

2017ع

# ڪينجهر

[ تحقيقي جرنل ]

| | |
|---|---|
| ايڊيٽر: | ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو |
| شمارو: | 20 |
| سال: | 2017ع |
| تعداد: | 500 |
| قيمت: | 200/- |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. |
| ايڊريس: | چيئرمين، سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. |
| اِي ميل: | editor.keenjhar@usindh.edu.pk. |
| ٽيليفون نمبر: | 022-9213181-9 |
| ڪمپوزنگ: | عبدالحڪيم سميجو |

# EDITORIAL BOARD

**Dr. Fateh Muhammad Burfat** — Patron
Vice-Chancellor,
University of Sindh, Jamshoro

**Dr. M. Anwar Figar Hakro** — Editor
Chairman, Department of Sindhi,
University of Sindh

**Dr. Kazi Khadim Hussain** — Member
Director, Allama Ghulam Mustafa
Qasmi Chair, University of Sindh

**Dr. Adal Soomro** — Member
Ex-Chairman
Department of Sindhi,
Shah Abdul Latif University,
Khairpur

**Dr. Adbul Ghafoor Memon** — Member
Chairman
Sindhi Language Authority,
Hyderabad

**Prof. Jennifer S. Cole** — Member
Associate Professr of Lingustics &
Department of Sindhi, Cognitive Science
Department of Lingustic,
University of Illinois at Urbana,
Champaigb 707, S. Methews,
Urbana Il – 61801, USA

**Prof. Ali Asani,** — Member
Professor of the Practice of the
Indo- Muslim Languages of Religion,
Banker Center 305,
12 Quincy Street,
Harvard University,
Cambridge, MA 02136, U. S. A

# PANEL OF PEPER REVIEWERS

## A. Internal Reviewers

**Dr. Ghulam Ali Allana**
Emeritus Professor,
University of Sindh, Jamshoro

**Dr. Kazi Khadim Hussain Qureshi**
Director,
Allam Ghulam Mustafa Qasmi Chair,
University of Sindh, Jamshoro

**Dr. Adal Soomro**
Ex-Chairman
Department of Sindhi,
Shah Abdul Latif University,
Khairpur

**Dr. Adbul Ghafoor Memon**
Chairman
Sindhi Language Authority,
Hyderabad

**Dr. Naheed Memon**
Department of Sindhi,
Krachi University, Karachi

**Dr. Hakim Burlro**
Aisstant Professor
Department of Pakistani
Languages,
Allama Iqbal Open University
Islamabad.

**Dr. Manzoor Ahmed Vesrio**
National Institute of Pakistan
Studies, Quid-e-Azam
University, Islamabad

## B. External Reviewers

**Dr. Baldev B. Matlani**
Ex-Chairman, Department of Sindhi
University of Mumbai (E),
Mumbai, India – 400098

**Dr. Manoharlal B. Matlani**
Chairman, Department of Sindhi
University of Mumbai (E),
Mumbai, India - 400098

**Dr. Ravi Prakash Tekchandani**
Department of Modem Indian
Languages, University of Dehli,
India- 110007

**Dr. Jagdesh Lachhani**
Principal,
D.T. College of Arts, Science &
Commerce,
Ulhasnagar – 421001

**Dr. M. K Jetli**
Mumbai University, India,
D.127, Wowek Vehar, Delhi,
110095, India

**Dr. Jetho Lalwani,**
Professor (Rtd) Sindhi,
Madhawan, Aditia Bungalows,
Nobel Nagar, Ahmadabad,
382340. India.

**Dr. Anita Dodeja**
Jai Hind Collage, Alhas Nagar,
India

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | پہ اکر | ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو | |
| 1. | علامہ آءِ. آءِ. قاضي<br>سنڌ يونيورسٽي جو محسن ۽ معمار | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 01 |
| 2. | اعليٰ سنڌي اساسي شاعريءَ جي تحقيق ۽ ترتيب لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون ڪيل خدمتون | ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو | 09 |
| 3. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل ادبي تاريخ "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جو تحقيقي مطالعو | ڊاڪٽر منظور علي ويسريو | 19 |
| 4. | ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" جو مختصر جائزو | ڊاڪٽر نواب ڪاڪا/ راز شاهاڻي | 39 |
| 5. | /ڙ/، /ڑ/ ۽ /ڙ/ صوتين بابت ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ جو تحقيقي جائزو | ڊاڪٽر الطاف جوکيو | 54 |
| 6. | پيرومل مهرچند، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي "لطيفي لغتن" جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو | رياضت ٻرڙو | 97 |
| 7. | ڊاڪٽر بلوچ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي تحقيق ۽ قطعہ تاريخن جو جائزو | ميرزا دبير | 116 |
| 8. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو سوانحي خاڪو | | 130 |
| 9. | ٻنڊڻ سوئي ٻنڌ، جو پهچائي پرينءَ ڪي | ڊاڪٽر نور محمد شاهہ | 158 |

# ٻه اکر

"ڪينجهر" تحقيقي جرنل جو ويهون شمارو سنڌ جي نامور عالم، محقق ۽ استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اسم گرامي سان منسوب ڪندي سرهائي ته ٿئي ٿي پر ندامت به ٿئي پئي، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙي وڏي عالم جي خدمتن جو اعتراف ڪرڻ لاءِ هي هڪ شمارو ته ڪجهه ناهي، هيئر ته ائين ڪيو ته سنڌن علم ۽ تحقيق جي سڀني گوشن کي روشن ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪجي ته جيئن ايندڙ نسل انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. سنڌي شعبو ڊاڪٽر بلوچ صاحب متعلق مختلف موضوعن تي اسڪالرن کان اپياس ڪرائيندو رهي ٿو جيئن ئي اسڪالرن جي ڪم جا نتيجا سامهون ايندا تيئن ئي انهن جي اشاعت لاءِ جاکوڙ ڪبي. هن شماري پيش ڪرڻ جو هڪڙو مقصد اهو به آهي ته تحقيق سان دلچسپي رکندڙن کي متوجهه ڪري ڪم ڪرڻ جي ڪوٺ ڏجي. اسانجي گذارش تي جن محققن ٿوري وقت ۾ هي مقالا تيار ڪري 'ڪينجهر' لاءِ موڪلي ڏنا. آءٌ چيئرمين جي حيثيت سان سنڌي شعبي طرفان انهن جو ڪُلي دل سان اعتراف ڪندي شڪريو ادا ڪريان ٿو.

گڏوگڏ سنڌي شعبي جي استادن ۽ ڪارڪنن خاص طور تي عبدالحڪيم سميجي جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جن هر وقت 'ڪينجهر' کي پنهنجو سمجهي محبت ڀريون محنتون ڪيون آهن ۽ آئنده به آءٌ وڌيڪ توقع رکي 'ڪينجهر' کي سنوارڻ لاءِ سنڌن ساٿ ۾ پنهنجو ڀاڱو کي سرهو محسوس ڪندس.

نهايت ئي خوشي جي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر نواب ڪاڪا صاحب کي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر صاحب، مرزا قليچ بيگ چيئر جو ڊائريڪٽر (انچارج) مقرر ڪري سنڌس صلاحيتن کي ڪارآمد بنائڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. اميد ته ڊاڪٽر ڪاڪا صاحب اسان سڀني جي اميدن مطابق موٽ ڏئي ماڻ پائيندو. ڪينجهر جي ايندڙ شماري لاءِ محققن کي عرض ڪريان ٿو ته پنهنجي تحقيقي مقالن ۽ نتيجن سان نوازيندا رهندا.

ساٿ سلامت

**ڊاڪٽر محمد انور فگار هڪڙو**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# علامہ آءِ۔ آءِ۔ قاضي

## سنڌ يونيورسٽي جو محسن ۽ معمار

## ALLAMA I.I. KAZI – THE FOUNDER VICE CHANCELLOR, UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO


## ABSTRACT:

Allama I.I. Kazi [April 9, 1886 – April 13, 1968] was the Scholar and the Man of character, he devoted his life to the cause of human education. He became Vice Chancellor, University of Sindh, in 1951. Sindh University was came into being in 1947 with the resolution passed by the Legislative Assembly of Sindh under the constitutional act no. XVII titled 'University of Sindh', at Karachi. Initially Sindh University started conducting examinations of Schools and Colleges of Sindh. It worked in this capacity as an examination Institution for about 4 years at Karachi. When Allama I.I. Kazi became Vice Chancellor, Sindh University was shifted from Karachi to Vidyala High School, Hyderabad, on May 4th. 1951. Allaama I.I. Kazi, the newly appointed Vice Chancellor, submitted proposal to the Government of Sindh for foundation of Sindh University as Teaching and Research University. He carried out planning and development work and became able to get established University campus at Jamshoro, where Departments of Natural Science Faculty, Humanities and Social Science- in all 24 Departments were established till 1955. It is therefore Allama I.I Kazi is remembered as founder Vice Chancellor, University of Sindh.

سنڌ ۾ جيڪي اعليٰ هستيون پيدا ٿيون ۽ جن صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي ترقي لاءِ سوچيو ۽ سنڌ جي خدمت ڪئي، تن مان هن پوئين ويجهي دور ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي (امداد علي ولد امام علي قاضي) پنهنجي علم، فڪر، اخلاق ۽ ڪردار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. غور ٿو ڪجي تہ حيراني ٿي ٿئي تہ ڪيڏي نہ وڏي هستي هئي جنهن جو سنڌ يونيورسٽي کي حيدرآباد ـ ڄامشوري ۾ قائم ڪرڻ ۾ هٿ هوا ڪيڏي نہ وڏي علم ۽ فڪر واري انسان پنهنجي زندگي جو آخري دور محض سنڌ جي ڀلائي ۽ بهبودي خاطر سنڌ يونيورسٽي کي تعمير ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو تہ جيئن هيءَ اعليٰ تعليمي درسگاهہ عالي دماغ نوجوان پيدا ڪري جيڪي سڄي ملڪ جي اڳواڻي ڪن ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪن!!

علامہ قاضي صاحب ڪيڏي وڏي علم وارو هو ۽ ڪيڏي وڏي ڪشالي سان سنڌ يونيوسٽي جي حفاظت ۽ خدمت ڪيائين، تنهن تي هيٺ مختصر طور روشني وڌي ويندي

## اعليٰ تعليمي لياقت ۽ فضيلت

قاضي صاحب ولايت ۾ پڙهيو ۽ "بار- ايٽ- لا" (بئريسٽر) هو پر سندس علم انهيءَ رسمي سند کان گهڻو مٿي هو. اهو انهيءَ ڪري جو هو فقط 'ڊگري' وٺڻ ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونہ پڙهيو پر پنهنجي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ دل ۽ دماغ کي روشن ڪرڻ خاطر علم جو ڳولائو ٿيو. سالن جو سال پاڻ پنهنجي سر گهرو مطالعو ڪيائين ۽ گهڻو ڪجهہ پروڙيائين: قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ هدايت کي پنهنجي لاءِ مشعل راهہ بنايائين، يونان توڙي هند جي فڪر ۽ فلسفي تي سوچيائين ۽ يورپ جي سائنسي توڙي سماجي فڪر کي گهڻو ڪجهہ سمجهيائين. سندس فڪر انگيز خطابن ۽ ليڪچرن مان اهو صاف طور نظر ايندو هو تہ علامہ صاحب ڪم از ڪم هيٺين علم جو خود مطالعو ڪيو هو: فلسفو (Philosophy) حياتيات (Biology) نباتات (Botany) طبيعيات (Physics) ڪيميا (Chemistry) علم الارض (Geology) صيدلہ (Pharmacy, Pharmacology) علم نجوم (Astronomy) آرٽ (Art) فن تعمير (Architecture) موسيقي (Music) شاعري (Poetry) ۽ علم ادب (Literature).

ايڏو وڏو عالم جنهن کي مشرق توڙي مغرب جي علم ۽ فڪر تي عبور حاصل هو تنهن کي سنڌ ۽ سنڌ جي شرافت ۽ فضيلت سان بي پناهه محبت هئي. زندگي جو وڏو عرصو انگلينڊ ۾ گذاريائين ۽ انگريزي زبان تي پوري دسترس حاصل ڪيائين. باوجود انهيءَ جي پنهنجي سنڌي ٻولي کي صحيح معنيٰ ۾ مادري زبان طور ڳالهايائين. نج سنڌي ٻولي کي نهايت ئي مٺي لهجي ۾ جيئن قاضي صاحب جن ڳالهايو تيئن ٻئي ڪنهن کان ورلي ٻڌو ويو. شاهه عبداللطيف جي رسالي جي ڪين وڏي چاهه هئي ۽ رسالي سان ڪين خاص محبت هئي. شاهه عبداللطيف جي اعليٰ شاعري ۽ ان ۾ سمايل فڪر کي قاضي صاحب جن سمجهيو ۽ سمجهايو تيئن ڪانئس اڳ جو ڪو مثال موجود ڪونه هو.

## سنڌ يونيورسٽي جي تعمير ۽ خدمت

علامه قاضي صاحب جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر جو عهدو نه سنڀالي ها ته شايد اڄ سنڌ يونيورسٽي جو نالو نشان ئي نه هجي ها. 1937ع ۾ جڏهن سنڌ صوبو بمبئي کان جدا ٿيو ته سنڌ جي ڪن دردمند اڳواڻن سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پسماندگي جي مدنظر سنڌ جي پنهنجي يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڏهن سالن جي مخالفت کان پوءِ هو ڪامياب ٿيا ۽ 3 اپريل 1947ع تي سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي ۽ ان باقاعدي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ جي گادي جو شهر ڪراچي هو ۽ يونيورسٽي به اتي ئي قائم ٿي. آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو ۽ ان سال کان وٺي ايندڙ ٻن چئن سالن واري ڏکئي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽي مئٽرڪ توڙي مٿي ٻين ڊگرين وارا امتحان ورتا. اميد هئي ته سنڌ يونيورسٽي جيڪا قومي آزادي واري سال ۾ قائم ٿي ۽ هن نئين دور جي پهرئين يونيورسٽي هئي (جنهن کان اڳ فقط پنجاب يونيورسٽي ۽ ٻي ڍاڪا يونيورسٽي هئي) سا وڏي ترقي ڪندي، پر ائين ڪونه ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽي کي فقط هڪ امتحان وٺندڙ ادارو ڪري ھلايو ويو. البت جڏهن ڪراچي کي پاڪستان جي گادي جي شهر جو درجو ڏنو ويو ته سنڌ يونيورسٽي کي به فيڊرل يونيورسٽي جو درجو ڏيئي ان جي ترقي لاءِ قدم کڻي سگهجن ها. پر ان وقت جن صاحبن کي صحيح معنيٰ ۾ قومي ترقي يا قومي يڪجهتي بدران ڪي ٻيا مقصد سامهون هئا. تن ائين سوچيو ته "فيڊرل ايريا" ۾ ساڳي سنڌ يونيورسٽي نه بلڪ ٻي نئين يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي. جنهن

صاحب کي وڏي چاهہ سان مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ مان سڏي سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. تنهن بہ نئين ڪراچي يونيورسٽي، جو وائيس چانسلر ٿيڻ قبول ڪيو.

هاڻي انهيءَ مجبوري واري وقت ۾ سنڌ جي اڳواڻن کي خيال آيو تہ علامہ آءِ آءِ قاضي کي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪجي. البتہ پنج سال اڳ جڏهن سنڌ يونيورسٽي قائم ڪيائون تڏهن کين اهو خيال ڪونہ آيو. علامہ قاضي صاحب ۽ سندن عالي دماغ اهليہ محترمہ ايلسا قاضي سالن جا سال لنڊن ۾ رهيا هئا ۽ اتي جي زندگيءَ ۽ آبهوا سندن طبيعت موافق هئي. 1936ع کان وٺي بہ چار سال ڪراچي ۾ اچي رهيا هئا جو ان وقت سنڌ بمبئي کان جدا ٿي هئي. باوجود انهيءَ جي حالات جي مدنظر هو موٽي لنڊن هليا ويا هئا. سندن عمر بہ وڏي هئي ۽ وري موٽي اچڻ واسطي هڪ ڪشالو سهڻو هو هڪ تہ وائيس چانسلر، جي عهدي کان قاضي صاحب جن جي علمي بصيرت ۽ شهرت گهٽو مٽي هئي ۽ ٻيو تہ جنهن يونيورسٽي جي وائس چانسلر بڻجڻ جي کين آڇ ڪئي وئي هئي سا جڻ ٻي گهر ٻڻجي يتيم ٿي چڪي هئي. باوجود انهن حالتن جي جناب قاضي صاحب جن اهو عهدو قبوليو يعني تہ هڪ وڏو ڪشالو ڪرڻ قبوليو سندن حب الوطني جي جذبي ۽ سندس اعليٰ تعليمي مقصدن واري نظريي کين آماده ڪيو تہ نئين آزادي واري دور ۾ صحيح طور تي رهنمائي ڪن ۽ پڻ سنڌ يونيورسٽي کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ ۽ سنڌ لاءِ اعليٰ تعليم جي اداري طور روشن ڪن.

قاضي صاحب ۽ سندن اهليہ لنڊن جي آسايشن کي هميشہ لاءِ خيرباد چئي ڪراچي پهتو. اپريل 1951ع تي قاضي صاحب وائس چانسلر جي عهدي جي رسمي طور چارج ورتي ان وقت سنڌ يونيورسٽي محض هڪ الحاقي ۽ امتحاني ادارو هو جنهن کي ان وقت جي مرڪزي حڪومت پنهنجو نہ ڪيو ۽ انهيءَ سال ئي (1951ع) نئين ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪري ڪراچي شهر ۾ سڄي فيڊرل ايراضي کي هن نئين يونيورسٽي جي اعليٰ تعليم اختيار هيٺ آڻي ڇڏيو جنهن ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختيار جو دائرو باقي سنڌ تائين محدود ٿي رهيو. انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي جي الحاقي ادارن جو تعداد بہ گهٽو گهٽجي ويو. سورهن ڪاليجن ۽ اُٺهٺ هاءِ اسڪولن مان هن کي فقط پنج ڪاليج ۽ چوتيهہ هاءِ اسڪول سنڌ يونيورسٽي جي دائري اختيار ۾ باقي وڃي بچيا.

علامہ قاضي صاحب هن مايوس ڪندڙ ماحول جي باوجود مايوس ڪونہ ٿيو. هو پختي ارادي ۽ دور انديشي جو مالڪ هو. وڏي سوچ ڪيائين ۽ فيصلو ڪيائين تہ جيستائين سنڌ يونيورسٽي جو هيڊ ڪوارٽر مستقل طور ڪراچي کان ٻاهر ڪٿي سنڌ ۾ قائم نہ ڪبو تيستائين سنڌ يونيورسٽي جي ترقي محال آهي. اهو هڪ اهم فيصلو هو پر نهايت محنت طلب ۽ مشڪل ڇاڪاڻ جو پنجن سالن بعد وري ٻئي هنڌ ڪٿي جاءِ جوڙڻ ايترو آسان نہ هو. ٻيو ڪو صاحب هجي ها تہ ڪراچي ۾ ئي آفيس کوليو ويٺو هجي ها. جيڪا بندر روڊ تي اڳوڻي پير الاهي بخش بي- ٽي ڪاليج جي شاندار عمارت ۾ هئي. ڪم بہ فقط ايترو هو جو اندروني سنڌ جي پنجن ڪاليجن ۽ چوتيهن اسڪولن لاءِ مئٽرڪ، انٽر ۽ گريجوئيشن ڊگري جا امتحان وٺڻا هئا. پر اڳتي هلي ائين ٿئي ها تہ اهي ساڳيا امتحان وڌيڪ مضبوط ڪراچي يونيورسٽي آساني سان وٺي سگهي ها ۽ سنڌ يونيورسٽي جي نالي ماتر آفيس جي ضرورت ئي نہ رهي ها.

ٻيو وڏو فيصلو جيڪو علامہ قاضي صاحب چارج وٺڻ شرط ڪيو هو تہ سنڌ يونيورسٽي محض هڪ امتحاني ادارو نہ رهي پر استادن ۽ شاگردن تي مشتمل هڪ شاندار درسگاهہ هجي، جنهن ۾ سائنس، آرٽ وغيره اعليٰ تعليمي شعبا قائم ڪيا وڃن ۽ جن ۾ اهي سڀ مضمون پڙهايا وڃن. ان لاءِ سنڌ يونيورسٽي کي پنهنجو شهر هجي، جنهن ۾ تدريسي، انتظامي ۽ رهائشي عمارتون ٺاهيون وڃن. يونيورسٽي شهر (ڪيمپس) واري اها رٿا نئين هئي، جيڪا پاڪستان ۾ پهريائين سنڌ يونيورسٽي جي سلسلي ۾ پيش ٿي ۽ علامہ قاضي صاحب ئي ان جو باني مباني هو. علامہ صاحب جنهن سمي ۽ ڪوشش سان انهيءَ رٿا کي اڳتي وڌايو تنهن جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 9 اپريل تي چارج وٺڻ بعد اجان مهينو پورو ئي ڪونہ ٿيو هو جو پاڻ پنهنجي سر رات ڏينهن محنت ڪري، مختلف اعليٰ علمي شعبن (فيڪلٽيز) ۽ يارهن "يونيورسٽي ڪاليجن" تي مشتمل "يونيورسٽي شهر" جي رٿا جيڪا تعميري سٽاءَ ۽ سهڻائي جي اصولن تي تيار ٿيل هئي سا تاريخ 28 اپريل 1951ع تي سنڌ گورنمينٽ کي پيش ڪيائون. ان وقت جي لحاظ سان، اها رٿا وڏي ڪفايت شعاري سان جملي ٻن ڪروڙن جي تخميني تي تيار ڪيل هئي.

سنڌ گورنمينٽ ان وقت پاڻ سوڙهہ ۾ هئي ۽ کين سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي مان ٻاهر ڪيڻ واري تجويز پسند آئي، جنهن لاءِ حيدرآباد ۾ وديالا اسڪول

۽ ہي هڪ عمارت (هاٽي سٽي ڪاليج) جن ۾ سنڌ حڪومت جا ڪي ڪاتا ڪم ڪري رهيا هئا، سي سنڌ يونيورسٽي کي الاٽ ڪيائون. 28 اپريل تي جڏهن قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي اڏاوت جي رٿا پيش ڪئي تہ سنڌ حڪومت کين وڏو دلاسو ڏنو تہ رٿا واري رقم هلندڙ سال جي بجيٽ ۾ منظور ڪئي ويندي پر ڪراچي کي فورن ڇڏين انهيءَ تاڪيد ۾ ايترو تہ زور هو جو ڇهن ڏينهن کان پوءِ مئي مهيني جي 4 تاريخ تي سنڌ يونيورسٽي جا ٽپڙ ڪراچي مان کنيا ويا. اهو دور سڄي ملڪ ۾ لڏپلاڻ جو هو: پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي ٻين جاين تي پناهہ وٺڻ وارو سلسلو اڃان پورو ڪونہ ٿيو هو. سنڌ يونيورسٽي کي بہ سلامتي خاطر حيدرآباد لڏڻو پيو ۽ اهو لاڏاڻي وارو منظر بہ وڏي عبرت وارو هو. بقول علامہ قاضي صاحب ٻن ڇٽن ٽرڪن تي، ڪرسيون وغيره آفيس جو سامان سڙو ۽ دفتر ۽ لئبرري جا چار هزار ڪن ڪتاب لڏي روانا ٿياسون. حيدرآباد ۾ (وديالا) هاءِ اسڪول جي عمارت ملي تہ ان کي سنڌ يونيورسٽي بڻايو. يونيورسٽي جي اسٽاف ۽ عملي لاءِ ٻيون جايون شهر ۾ ملٽيون هيون، پر سواءِ هڪ گهر جي جيڪو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي مدد سان رجسٽرار هٿ ڪري سگهيو. ٻي ڪابہ جاءِ حڪومت طرفان ملي نہ سگهي. يونيورسٽي جي ڊپوٽي رجسٽرار سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻين مجبور ٿي ساڳي وديالا اسڪول واري بلڊنگ ۾ پنهنجو سر لڪايو.

وڏن ڏکن ڏولاون وارو وقت هاٽي شروع ٿيو. ٻيو ڪو وائيس چانسلر صاحب هجي ها تہ هليو وڃي ها، نااميد ٿي ڪيئن گاڏو گهلي ها ۽ پگهار کڻي ها، پر علامہ صاحب جي پختي ارادي ۽ خدمت جي جذبي ويتر سندس حوصلو وڌايو. سنڌ يونيورسٽي کي حيدرآباد اماڻي سنڌ حڪومت ڄڻ پوري اطمينان سان هر مسئلو حل ڪري ڇڏيو هو. هلندڙ سال واري بجيٽ ۾ ٻہ ڪروڙ تہ ڇڏيو پر ٻہ روپيا بہ ڪين وڌايائون. علامہ قاضي صاحب جن تحريري توڙي زباني تاڪيد نامن جو سلسلو جاري رکيو. ان وقت جي تعليمي سيڪريٽرين توڙي تعليم کاتي جي وزيرن تي بار وجهائيندا رهيا تہ اوهان سنڌ ۾ جاوا نپنا آهيو سنڌ جي تعليمي پسماندگي کان واقف آهيو انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي کي گهربل گرانٽ ڏياريو جو ان جي ضرورت آهي. خاطري ڪريو تہ اها نهايت ئي ڪفايت سان سجائي نموني ۾ خرچ ٿيندي، افسوس جو وقت جي انهن آوازن تي ڪنهن بہ ڪن نہ ڏنو. ويتر ٻہ اهڙا جوابي جملا قاضي

صاحب تائين پهتا، جيڪي حيرت ۽ عبرت وارا هئا. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مالي کاتي جي ڪنهن سپرنٽينڊنٽ يا ٻئي آفيسر چيو ته علامه قاضي هٿ اسان وٽ پاڻ هلي نٿو اچي ته گرانٽ به ڪانه ونڊندي تعليم کاتي جي وزير جيڪو حيدرآباد ۾ سرڪٽ هائوس ۾ منزل انداز هو تنهن کي جڏهن گرانٽ لاءِ چيو ويو ته چيائين ته: "سنڌ يونيورسٽي کي به سنڌ مدرسي واري ساڳي هڪ لک روپيا گرانٽ ملي ٿي، باقي قاضي صاحب جي وڏيڪ گهُر سو کين ڪو سمجهائي ته اسان کي سڀ پئسو حيدرآباد (سنڌ يونيورسٽي) تي ڪونه لڳائڻو آهي پر اسان کي سڄي سنڌ جي تعليم کي سڌارڻو آهي.

اهڙي بي توجهي واري ماحول ۾ جڏهن هلندڙ سال توڙي ٻئي مالي سال 1951ـ1952 ۾ سنڌ جي پنهنجي نمائندن جي حڪومت طرفان سنڌ يونيورسٽي جي گرانٽ ۾ ڪو اضافو ڪونه ٿيو تڏهن به علامه قاضي صاحب نااميد ٿي پنهنجو عزم ۽ ارادو ڪونه بدليو. في الحال هڪ عارضي رٿا طور وديالا اسڪول واري احاطي کي ننڍڙي يونيورسٽي شهر طور تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين ان مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ لک روپئي واري گرانٽ مان پائي پائي ڪري بچائڻ لاءِ يونيورسٽي جي عملي کي زوردار تاڪيد ڪيائين. يونيورسٽي جي ڪم لاءِ توڙي وائس چانسلر جي حيثيت پنهنجي لاءِ ڪا موٽر ڪانه ورتائين، گهر کان يونيورسٽي تائين اچڻ وڃڻ لاءِ 75 رپيا ماهوار جي حساب سان هڪ وڪٽوريا گاڏي رکيائين پر اهي پئسا يونيورسٽي جي بدران پنهنجي پگهار مان ڏنائين. آفيس مان سندن گهر ڏانهن مس، اسٽيلون ۽ ڪي پنا موڪليا ويا ته انهن جو 'بل' پاڻ ادا ڪيائون جو چيائين ته مون کي ڪو حق ڪونهي جو يونيورسٽي جي اسٽيشنري پنهنجي گهر يا پنهنجي ڪم ۾ آڻيان. اهڙي وڏي احتياط سان پئسا بچائي، 1951ع ۾ سيپٽمبر کان سنڌ يو نيورسٽي جو پهريون شعبو 'تعليم' (ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ) قائم ڪيائين ۽ ان بعد هڪ ٻئي پٺيان ٻيا شعبا قائم ڪيائين ۽ پڙهائڻ لاءِ استاد ۽ ٻيو عملو مقرر ڪيائين. اسڪول جي احاطي ۾ پنهنجي شعبي لاءِ خاص عمارت ۽ استادن ۽ ٻئي عملي لاءِ گهر تعمير ڪرايائين. يونيورسٽي جي ٻن خاص ضرورتن يعني پريس ۽ لئبرري طرف خاص توجهه ڏيئي ٻئي پوريون ڪيائين.

علامه قاضي صاحب کي سنڌ جي پنهنجن سياسي اڳواڻن ئي سڌي وائيس چانسلر مقرر ڪيو هو اهو سنڌ تي سندن احسان هو پر افسوس جو ان بعد ڪا

پوئيواري ڪا نہ ڪيائون. بلڪ بي توجهي ڪان ڪم ورتائون. پوءِ جڏهن سنڌ سان قلم ـ92 لڳو ۽ سنڌ يونيورسٽي جي مالي مشڪلات ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو تڏهن نيڪ نيتيءَ سان يا پاڻ سرخرو ٿيڻ لاءِ، بهرحال ڪيس آفرين هجي جو علامہ صاحب جي خط پهچڻ بعد فورن ساليانی گرانٽ هڪ لک مان وڌائي پنج لک ڪيائين پر وڏي ڳالهہ تہ هڪ هڪ پائي ڪري بچائي وئي ۽ تعليم جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڇئن سالن اندر يعني 1955ع تائين چوويهہ پڙهائيءَ جا شعبا (Teaching Department) قائم ٿيا. هاڻي قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جا جدا شهر واري رٿا ڏانهن توجهہ ڏنو انهيءَ ضرورت لاءِ جڏهن حڪومت طرفان شهر لڳ زمين وٺي ڏيڻ لاءِ ڪو قدم نہ کنيو ويو تڏهن درياءَ جي ڀيءَ پر موجود يونيورسٽي واري ايراضي (جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت کي پئسو خرچڻو ڪونہ هو جو سرڪاري زمين هئي) کي قاضي صاحب جن قبول ڪيو. جرمني مان عمارت سازي جي رٿا لاءِ 'آرڪيٽيڪٽ' گهرايائون ۽ پهريائين 'فزڪس ڊپارٽمينٽ' جي ۽ پوءِ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ جي عمارت ٺهي. انهيءَ قدم سان يونيورسٽي شهر جو بنياد پئجي ويو.

اهڙيءَ طرح وڏن ڏکن ڏاکڙن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏنائون ۽ سنڌ يونيورسٽي جي تعمير ڪيائون. علامہ قاضي صاحب کي جيترو علم ۽ ڪمال هو اوترو ئي سندن ارادو پختو ۽ عمل بي مثال هو. پاڻ کي شمع وانگر جلايائون ۽ اسان لاءِ ماحول روشن ڪيائون. هينئر جڏهن قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي زمين هيٺ ستل آهي، تڏهن اسان کي ئي سوچڻو آهي تہ مٿان انهيءَ درسگاهہ کي اسان ڪيتري قدر سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

ڊاڪٽر انور نگار هڪڙو
پروفيسر
سنڌي شعبو

# اعليٰ سنڌي آساسي شاعريءَ جي تحقيق ۽ ترتيب لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون ڪيل خدمتون

## CONTRIBUTION OF DR. NABI BUX BALOCH IN THE COMPILATION OF CLASSICAL POETRY

**ABSTRACT:**

Dr. Nabi Bux Khan Baloch is the great scholor, researcher abd educationist of Sindh. He wrote many books, and compiled the folk literature and classical poetry of Sindhi language. He compiled the poetry of Qazi Qadan, Shah Lutufullahh Qadri, Shah Inayat Rizvi, Khalifo Nabi Bux, Muhammad Siddique Soomro, Qamber Ali Shah and Ghulam Muhammad Khan Zai. These are the great poets of Sindh. Most of them belongs to the Wahadat-ul-Wujood School of thought of mysticism.

سنڌ جي سداحيات محقق ۽ مؤرخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي همہ گير علمي- ادبي خدمتن مان هڪ اهم پهلو سنڌي آساسي (ڪلاسيڪل) شاعريءَ جي تحقيق، ترتيب ۽ اشاعت بہ آهي.

ڊاڪٽر بلوچ ڪلاسيڪل شاعريءَ کي "آساسي شاعريءَ" ۽ "اعليٰ سنڌي شاعريءَ" جي لفظن سان بہ پڌرو ڪيو آهي. (بلوچ 1985ع، ص.2) ان جو بنيادي مقصد نبي ڪريم صہ پاران ڏنل اسلامي تعليم جي روشني ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ معاشري ۾ شخصي ڪردار جي اعليٰ قدرن واري فڪر ۽ فهم تي ٻڌل آهي.(بلوچ 1985ع، ص.2)

ڊاڪٽر بلوچ کي اساسي شاعري جي تحقيق، ترتيب ۽ اشاعت جي اوني جو اصل مقصد اهو هو تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو سنڌي اساسي

شاعريءَ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. مگر سنڌي اساسي شاعريءَ جي مقصد ۽ ماهيت توڙي تاريخي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ ان جي سڄي سرمائي کي سهيڙڻ ۽ سامهون رکڻ ضروري آهي. يعني ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڳ واري دور جي ۽ ڪائنس پوءِ جي اهڙن شاعرن جي ڪلام کي جيڪو اساسي نوعيت جو آهي، پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آهي. (بلوچ 1985ع، ص.2)

ڊاڪٽر بلوچ جي ان نڪتهء نظر مطابق مٿين مقصد ۽ فڪر جو پهريون وڏو شاعر ۽ باني مباني قاضي قادن هو. ان بعد ميون شاهه ڪريم ٿيو جيڪو ڪنهن حد تائين قاضي قادن جو شارح هو. انهن پهرين ٻن وڏن عارفن شاعرن جو سڄو سربستو ڪلام جيڪڏهن سلامت رهي ها ته هرهڪ مجموعو پنهنجي جاءِ تي هڪ رسالو هجي ها.(4) بيتن جي اهڙي اعليٰ معنوي ذخيري کي 'رسالي' جو نالو پهريون پيرو شاهه لطف الله قادري ڏنو. اهڙي طرح مختلف سُرن هيٺ، بيتن ۽ واين جي داستانن واري ترتيب سان پهريون رسالو ميين شاهه عنايت جو آهي. ڪائنس پوءِ حضرت شاهه عبداللطيف جو رسالو آهي، جيڪو فڪر، معنيٰ ۽ بيان جي لحاظ سان سنڌي آساسي شاعريءَ جي آسمان جو سج آهي. شاهه صاحب کان پوءِ سندس رسالي جي صورت ۽ هيئت مطابق جن شاعرن جي بيتن ۽ واين جا مجموعا رسالن جي صورت ۾ مرتب ٿيا، تن کي ڊاڪٽر بلوچ "رسالن جا ڌڻي" سڏي ٿو.

اهي رسالن جا ڌڻي آهن:

1. شاهه لطف الله قادري 2. ميون شاهه عنات 3. شاهه لطيف 4. نقير صوفي محمد صديق 5. قنبر علي شاهه پاڏائي 6. خليفو نبي بخش 7. غلام محمد خانزئي.

انهن ستن شاعرن جي رسالن ۾ اعليٰ سنڌي شاعري جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو سمايل آهي، جنهن کي روشن ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ هڪ اندازي مطابق 1951ع کان ڪوششون ڪندو پئي رهيو. سنڌ جي ان علمي، ادبي ۽ اهم فڪري ذخيري جي ڳولها، دريافت، ترتيب ۽ اشاعت جي اهم مقصد ۾ لڳاتار ٿيهه ورهيه مشقتون ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي، جا نه رڳو ڊاڪٽر صاحب جي ذات گرامي جي ڪاميابي چئبي، پر سموري سنڌ جي ان اهم علمي، ادبي ۽ فڪري سلسلي ۽ ذخيري جي حفاظت ۽ اشاعت سبب سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جي ڪاميابي چئي سگهجي ٿي. هتي هڪ نڪتي جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته آساسي شاعري.

جا اهم شاعر عبدالرحيم گرهوڙيءَ روحل فقير ۽ حضرت سچل سرمست پڻ مقبول ۽ مشهور آهن. جن تي ٻين محققن ۽ عالمن جو ڪم ڪيل آهي. ان ڪري ڊاڪٽر بلوچ انهن کي ڪافي ڄاتو هن هيٺ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خدمتن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

قاضي قادن جو رسالو: قاضي قادن سنڌ ۽ هند جو وڏو صوفي عارف ۽ شاعر آهي. جنهن جي عرفاني ۽ اعليٰ اخلاقي شاعريءَ جو اثر سنڌ جي صوفي درويشن توڙي سنڌ کان ٻاهر هندستان جي سنتن سادن تي پيو. موجوده ڄاڻ موجب. قاضي قادن سنڌ جي صوفيانه فڪر جو اڳواڻ آهي. ان سان گڏ هو سنڌي اساسي (ڪلاسيڪل) شاعريءَ جو ابو هو. قاضي قادن جي بيتن جا مختلف موضوع ۽ عنوان. الفاظ ۽ اصطلاح. بيتن ۾ سمايل فڪر ۽ عرفان. سڀ نوان نرالا آهن. جيڪي ان کان اڳ نظر نه ٿا اچن. البت اهي قاضي قادن کان پوءِ ايندڙ عارفن ۽ شاعرن جهڙوڪ: شاهه عبدالڪريم. شاهه لطف الله قادريءَ. ميين شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف لاءِ ڪنهن حد تائين مثالي نهج ۽ نمونو بڻيا. (بلوچ 1999ع ص2)

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي عالمانه تحقيق ۽ ڏهن ماخذن جي آڌار تي 132 بيت نروار ڪري قاضي قادن جي سوانح ۽ ڪلام جي هر پهلوءَ کي واضح ڪري 277 صفحن تي مشتمل قاضي قادن جو رسالو سن 1999ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري پاران ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ قاضي قادن جي سوانح. ڪلام جي اصل روايت. رسالي جي اهميت ۽ ان ۾ سمايل فڪر تي روشني وڌي ويئي آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ 'قاضي قادن جو رسالو' آهي. جنهن ۾ سنڌس بيتن کي مختلف عنوانن هيٺ موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ سان ترتيب وار ڪري رکيو ويو آهي ۽ پڻ هر بيت جي صحيح پڙهڻي ۽ معنيٰ ڏني وئي آهي. ٽيون ڀاڱو ضميمي طور شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن اهي ڏهه ماخذ (قلمي ۽ ڇاپي ڪتاب) جن مان قاضي قادن جا بيت ڪنيا ويا آهن. تن جو تفصيل پڙهندڙن جي سامهون اچي وڃي. ڇاڪاڻ جو اهي سڀ ڪتاب دستياب ناهن. (بلوچ 1999ع. ص.2)

ڊاڪٽر بلوچ قاضي قادن جي ڪلام جي دريافت. تحقيق. اهميت ۽ افاديت ۽ تاريخي حيثيت مطابق جيڪا جانفشاني ڪئي آهي. تنهن جو اندازو تڏهن ئي لڳائي سگهبو جڏهن ان جو غور سان اڀياس ڪيو ويندو.

## شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام

لطف الله قادري (1611ع_1679ع) اصل پريالوءَ جو هو ۽ اتان مريدن جي اصرار تي اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻي لڏي آيو جتي تعليم جي تڪميل بعد راهہ طريقت ڏانهن مائل ٿيو ۽ قادري طريقي سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي علمي فضليت ۽ ذاتي بزرگي جي ڪري هو خود قادري طريقي جي مُرشد ۽ 'شيخ' واري منزل تي پهتو. سندس رُشد و هدايت سببان کيس "شيخ المشائخ" تسليم ڪيو ويو. حياتيءَ جي پوئين دور ۾ سلوڪ ۽ طريقت جي راهہ روشن ڪرڻ شروع ڪيائين. ان سلسلي ۾ ٽي ڪتاب "تحفة السالڪين"، "منهاج المعرفت" (1078هہ) ۽ "سنڌي رسالو" لکيائين. پهريون ڪتاب دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. البت "منهاج المعرفت" سلوڪ ۽ معرفت بابت صحيح شعور پيدا ڪرڻ لاءِ تصنيف ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سلوڪ جي نڪتن کي سمجهائڻ لاءِ سنڌي بيتن ۾ 'رسالو' جوڙيو ويو. ٻنهي ڪتابن ۾ آيل جملي 400 بيت دريافت ٿيڻ سنڌي ادب لاءِ هڪ نيڪ فال آهي.

هيئت توڙي "فني سٽاءُ" جي لحاظ سان پڻ شاهہ لطف الله قادري جي بيتن ۾ ڪي اهم ۽ نوان اضافا ملن ٿا، جي اڳين شاعرن جي بيتن ۾ ناپيد آهن. ڊاڪٽر بلوچ انهن اضافن کي مقدمي ۾ هيئن سمجهايو آهي:"

قاضي قادن جي ڪلام ۾ "سنڌي دوهي" کان وٺي "سنڌي بيت" تائين محدود آهن. شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ سندس ٽيانوي بيتن ۾ دوهن مان پڻ نوي ٻن مصراعن وارا ۽ فقط ٽي، ٽن مصراعن وارا آهن. ان مان پڻ ظاهر آهي تہ شاهہ لطف الله قادري کان اڳ واري دور ۾ جيتوڻيڪ ٽن يا چئن مصراعن وارن بيتن جي شروعات ٿي چڪي هئي، مگر مجموعي طور سان سنڌي بيت اڃا ٻن مصراعن وارو هو ان جي برعڪس شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ چئن پنجن مصراعن وارا بيت عام جام ملن ٿا. مگر ڪن بيتن ۾ مصراعن جو تعداد وڌي وڃي ڇهن ۽ ستن تائين پهچي ٿو جيئن تہ هن ذخيري ۾ پڻ ٻہ بيت ڇهن مصراعن وارا ۽ ٽي بيت ستن مصراعن وارا موجود آهن." (بلوچ 2004ع، ص.7)

ڊاڪٽر بلوچ وڌيڪ لکي ٿو تہ

"شاعرانہ فن جي لحاظ سان "وراڻ" يا "تڪرار" واري سٽاءُ پهريون ڀيرو شاهہ لطف الله قادري جي بيتن ۾ پوري تسلسل ۽ تفصيل سان نظر اچي ٿو. لفظن جو تڪرار

شاهہ لطف الله کان اڳ شاهہ ڪريم جي بيتن ۾ موجود آهي. 'ورائڻ' يا 'تڪرار' واري فني خصوصيت کي شاهہ لطف الله قادري کانپوءِ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف پنهنجن بيتن ۾ پڻ استعمال ۾ آندو. شاهہ لطف الله قادري ڏگها بيت سِٽي، بيت جي فني سٽاء ۾ اضافو ڪيو. اهڙيءَ طرح پنهنجن بيتن ۾ ڪا ڳالهہ يا قصو ڪونہ ٿو ڪٿي، مگر ڪيفيت جو بيان ٿو ڪري" (بلوچ 2004ع ص. 27 ۽ 28)

ڊاڪٽر بلوچ سنڌي اساسي شاعريءَ جي هن آڳاٽي اهم ذخيري کي هٿ ڪري، ان جي قدامت، فني سٽاء، علمي ۽ ادبي فضيلت ۽ افاديت کي سمجهي ان تي نهايت عالمانہ مقدمو لکي، اساسي شاعري جي ارتقا ۽ عروج کي روشن ڪرڻ لاءِ قابل قدر ڪوششون ڪيون. سندس اهو ڪارنامو سن 1968ع ۾ پهريون پيرو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي پاران ڇپجي منظرعام تي آيو. ان جو ٻيو ايڊيشن 2004ع ۾ ساڳئي اداري پاران پڌرو ٿيو آهي.

ميين شاهہ عنات جو ڪلام: شاهہ ميون شاهہ عنات رضوي نصرپوري شاهہ نَصُرالدين جو فرزند هو سنہ 35_1030ھ (26_1621ع ڌاري ڄائو ۽ سنہ 1133 (1721ع) ۾ وفات ڪيائين. شاهہ خيرالدين قادري سکر واري جي درگاهہ سان عقيدت هئس ۽ تصوف ۾ قادري طريقي جو بزرگ هو. (بلوچ 1999 ص. 161_162)

ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ان ڪلام کي سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب سان تعبير ڪندي لکي ٿو تہ: "ميين شاهہ عنات جو ڪلام اعليٰ سنڌي شاعري جو پهريون شاهڪار آهي، مگر اتفاق سان ورهين جي وٿيءَ بعد سڀ کان پوءِ شايع ٿي رهيو آهي. هن قيمتي ڪلام جي قلمي نسخي جو محفوظ رهڻ چڻ هڪ معجزو آهي ۽ ان جي اشاعت "ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب کان ڪنهن پر ڪم نہ آهي هن ناياب ذخيري جي شايع ٿيڻ سان سنڌي شاعري جي عروج جي تاريخ ۾ پنجاهہ سٺ سالن جو اضافو ٿئي ٿو. هن وقت تائين سنڌ جي سدا حيات ۽ سرتاج شاعر، بلڪ دنياجي عظيم ترين شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعر جو تاريخي پسمنظر مبهم هو. ائين پئي لڳو تہ ڄڻ سنڌي شاعري بنا ڪنهن ارتقا جي، شاهہ جي شعر ۾ اوچتو پنهنجي بلوغت کي پهتي. ميين شاهہ عنات جو ڪلام سنڌي شاعري جي مسلسل ارتقائي اوج ۽ عروج تي شاهد آهي، ۽ شاهہ جي شعر جي تاريخي پسمنظر جو چٽو آئينو آهي." (بلوچ 1963 ص. 1)

ڊاڪٽر بلوچ سن 1944ع کان شاهہ عنات جي ڪلام ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ 1950ع کان ان تي وڏيڪ ڌيان ڏريو، ان جي هٿ ڪرڻ لاءِ جاڪوڙ جاري رکيائين. چوڏهن سالن جي مسلسل محنت ۽ مشقت کان پوءِ وڃي ڪاميابي حاصل ڪيائين. 20 جون 1964ع تي ان ڪلام جو مستند متن تيار ڪري ان تي هڪ سؤ نون صفحن جو نهايت مفيد مهاڳ لکيائين. جيتوڻيڪ شايع ٿيڻ جو مدو آڪٽوبر 1963ع ڪتاب تي درج ٿيل آهي. هي ڪلام سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ميون شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جا 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار ۽ بيا وڏيڪ موقعي وار بيت اسان تائين پهتا آهن. (بلوچ 1963 ص.78)

سنڌس بيتن ۾ پهريون پيرو لغت جي ڳوڙهائي ۽ بيان جي رواني ۽ رنگيني نظر اچي ٿي هو سنڌي ٻولي جي وسعت کي نروار ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حُسن کي ڳايو. ڪائنس اڳ توحيد ۽ تصوف، نصيحت ۽ هدايت حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيہ مضمون آهي.

ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي حيثيت توڙي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ ان جي اُسرندڙ فڪر جي ارتقائي تقاضا موجب ميون شاهہ عنات ۽ شاهہ لطيف پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو. ميين شاهہ عنات قالب گهڙيا تہ ڀٽائي صاحب اهي سوڌي سنواري پريا. ميين شاهہ عنات ديواريون کنيون تہ ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون، ميين شاهہ عنات صورتون ايجاد ڪيون تہ ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهہ عنات چڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بڻجي آيو ۽ اچي ميدان سنواريائين جنهن ۾ ڀٽائي صاحب پوءِ اچي ڪؤنتل ڪڏايا." (بلوچ 1999 ص.89 ۽ 90)

ڊاڪٽر بلوچ ميين شاهہ عنات جي اُملهہ ڪلام کي هٿ ڪري، ان تي جو نور نچويو آهي، تنهن جي خبر ڪتاب جي مطالعي مان ئي پئجي سگهندي، پاڻ ان جي سوانح، خاندان، جنم جواني، شادين، اولاد، شوق شغلن، فقيريءَ ۽ پيريءَ کان سواءِ بين اهم پهلوئن خاص طور شاعريءَ جي فني ۽ فڪري لاڙن جي جائزي وٺڻ سان گڏ شاهہ لطيف جي ڪلام ۽ شاهہ عنات جي ڪلام جو تقابلي مطالعو پيش ڪري، ان کي هر رُخ کان روشن ڪيو آهي، ان اعليٰ شاعري جي تسلسل ۽ ارتقا جي ڇنڊڇاڻ لاءِ

هن ڏينهن ھيٺي ۽ رات چئوٽي محنت ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ان جي ادب تورڙي فڪر سان جيڪو محبت جو اظهار ڪيو آهي، تنهن جو ٻيو ڪو مثال ڪونہ ٿو ملي.

خليفي صاحب جو رسالو: خليفو نبي بخش (1190هہ-1776ع-1280هہ 1863ع) مير ٿاري خان جو درباري هو ۽ مير باگي خان جو دوست پڻ هو. پاڻ پير صاحب محمد زاهد جي نظر فيض اثر سان فقيري ۽ معرفت ڏانهن مائل ٿيو. نهايت اعليٰ پائي جو شاعر هو سنڌي کان سواءِ سرائڪي، هندي ريختہ ڍاٽڪي ۽ اردو ۾ شعر چيائين.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو خليفي صاحب جو رسالو اعليٰ اساسي شاعري جو وڏو قيمتي سرمايو آهي. شاهہ لطيف اعليٰ سنڌي شاعري جي آسمان تي سج ٿي اڀريو، ڪائنس پوءِ واراڪي ناميارا شاعر جڻ تارن ستارن مثل چمڪيا، پر خاص طرح رسالي جي شاعري ۾ خليفي صاحب پنهنجي بلند حوصلي، فڪرجي انفراديت، تخليقي رنگ ۽ اسلوب بيان جي دلپذيري سان چوڏهين جي چنڊ وانگر چانڊاڻ ڪئي. خليفي صاحب جي بيتن ۾ فڪر جي بلندي سان گڏ فصاحت بلاغت ۽ موسيقي ۽ ترنم واري صلاحيت نمايان آهي. (بلوچ 1999 ص. 467 ۽ 468)

ڊاڪٽر بلوچ وڌيڪ لکي ٿو تہ: "خليفي صاحب جي رسالي ۾ اوڻٽيهہ (29) سُر آهن، جن ۾ جملي 745 بيت ۽ 101 وايون آهن. ڀٽائي صاحب کان پوءِ جڏهين ساڳين سُرن ۽ موضوعن کي پوئين دور جي شاعرن ورجايو تہ معنوي لحاظ کان گهٽي قدر جڻ اندا پريائون. پر خليفي صاحب پنهنجي رسالي جي سُرن ۾ وڏي تخليقي ندرت پيدا ڪئي. مثلاً سُر ڪلياڻ، سارنگ، مومل راڻي، مارئي، رپ ۽ سُر گهاتو جي مضمونن کي ٻين شاعرن ۽ خليفي صاحب جي چيل بيتن جي ڀيٽ سان اها حقيقت واضح طور نظر اچي ٿي. وڏي ڳالهہ تہ خليفي صاحب جي فڪر ۾ سنڌ جي عظمت جو احساس ۽ وطنيت جو زوردار جذبو سمايل آهي. انهيءَ جذبي هيٺ خليفي صاحب "سُر ڪيڏاري" ۾ 'ڪرڙي' جي جنگ ۾ جيڪي سنڌ جا سورهيہ افغانن جي حملي کي هٽائيندي شهيد ٿيا هئا، تن کي ساراهيندي، سندن سرفرازي همت ۽ حوصلي کي وڌايائين. (بلوچ 1999 ص. 467-468)

ڊاڪٽر بلوچ سنڌي اساسي شاعريءَ جي سلسلي جي نهايت اهم شاعر خليفي نبي بخش جي ڪلام کي ان جي اهميت ۽ افاديت مطابق جنهن علمي، ادبي

جذبي تحت سوڌي سنواري شايع ڪرايو آهي. تنهن تي ڪيس جيترو ساراهجي گهٽ آهي. خليفي صاحب جو رسالو جون 1966ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. ان جو ٻيو ايڊيشن ساڳئي اداري 2005ع ۾ ڇپايو آهي.

راڳ نامون: فقير محمد صديق سومرو عرف صوفي صادق شاهه (المتولي 1265هه 1847ع) ڳوٺ اَمُر تعلقي عمرڪوٽ ۾ مدفن آهي. سنڌ جي روحاني فيض جي مرڪز درگاهه جهوڪ شريف جي قادري طريقي جي صوفي سڳوري فضل الله شاهه قلندر جي نيڪ نظر فيض اثر سان رڱجي ريٽو ٿيو. مرشد جي وفات کان پوءِ درگاهه تي راڳ جي رسم جو باني مباني به صوفي محمد صديق ئي هو. راڳ جي روايت کي قائم ڪري "راڳ نامون" وجود ۾ آيو. جنهن ۾ فقير صاحب جي بيتن جو ۽ صدائون (وايون) جو ذخيرو آيل آهي. راڳ نامي جو ڪلام ستاويهن سُرن ۾ ورڇيل آهي، جن مان وهاڱڙو موکي ۽ سوزڙو هن راڳنامي جا ئي خاص سُر آهن. راڳنامي ۾ جملي 1406 بيت ۽ 148 وايون شامل آهن، جن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ چوي ٿو ته: "فقير صاحب جو راڳنامو" اعليٰ اساسي شاعري توڙي آڳاٽي روايتي شاعري جو هڪ قيمتي ذخيرو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان "شاهه جي راڳنامي" (رسالي) کان پوءِ هڪ خاص ادبي اهميت رکي ٿو. (بلوچ 1981 ص.15)

شاهه شريف ٻاڏائي جو رسالو: قنبر علي شاهه بخاري (1207هه ـ1264هه (1846ع) تعلقي جاتي جي ٻاڏ مڪان ۾ تولد ٿيو ۽ گنبالي (تعلقي گهوڙاٻاري) ۾ وفات ڪيائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روحاني رهبر جي واٽ تي هلي فيض حاصل ڪيائين ۽ 'شريف' تخلص سان پنهنجو ڪلام سروار رسالي جي صورت ۾ ڇپائين. هن جي فرزند عبدالقدوس شاهه ۽ ٻين مريدن فتح محمد فقير ڪلهوڙي ۽ غلام حيدر فقير ٿيٻي تخلص 'تيرهيو' به 'شريف' جي پنڌ تي پير ڌري رسالي وارو ڪلام چيو. شاهه شريف جو ڪلام ڇويهن سُرن ۾ ڇيل آهي ۽ ڪجهه ڪلام ضايع ٿيڻ جي باوجود به (1268) بيت ۽ 112 وايون محفوظ آهن. ڊاڪٽر بلوچ ان کي اعليٰ سنڌي اساسي شاعري جو هڪ وڏو ذخيرو سڏيو آهي ۽ چوي ٿو ته: "شاهه شريف جي بيتن ۾ توحيد ۽ معرفت سان گڏ غنائي رنگ ڀريل آهي جو هو ٻئي جي ڳالهه ڪندي به پنهنجو حال وڏيڪ اوري ٿو. شاهه لطيف جا بيت سندس سامهون آهن، جن جي ڀران بيت چوندي هو ڀٽائي صاحب واري بنيادي خيال کي جدا جدا طريقن سان ورجائي ۽ وهجائي ٿو جو ڄڻ هو شاهه جو شارح آهي. (بلوچ 1999 ص.466)

شاهہ شريف پاڏائي جو رسالو 1972ع ۾ سنڌالاجي پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

غلام محمد خانزئي جو رسالو: غلام محمد خانزئي (1250هہ_32_1322هہ) ولد خان محمد خانزئي بلوچن جي بروهي قبيلي جي نک مان هو. پير صاحب جهنڊِ واري جو مريد هو. هي "رسالي جو شاعر" آهي ۽ سندس رسالو جنهن ۾ 26 سُر 2590 بيت ۽ 174 وايون شامل آهن. اعليٰ سنڌي آساسي شاعري جي تاريخ ۾ آخري رسالو آهي ۽ رسالن ۾ وڏو رسالو آهي. موضوع توڙي معنيٰ جي لحاظ سان "شاهہ جي رسالي" جو شرح ۽ تفسير آهي. غلام محمد خانزئي جو رسالو ڊاڪٽر بلوچ جي تصحيح ۽ مفصل مقدمي سميت سن 1985ع ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد پاران ڇپجي ظاهر ٿيو. (بلوچ 1985ع. ص. 469)

## حوالا


1. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "رسالو غلام محمد خانزئي جو": شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافت مرڪز حيدرآباد: ص2. 1985ع
2. حوالو ساڳيو
3. حوالو ساڳيو
4. حوالو ساڳيو
5. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "قاضي قادن جو رسالو": انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: ص 59. 1999ع
6. حوالو ساڳيو ص 7
7. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام": انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2004ع ص 27
8. حوالو ساڳيو ص 27 ۽ 28
9. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ادب جي تاريخ": پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 1999ع ص 261_262
10. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "ميين شاهہ عنات جو ڪلام": سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد: 1963ع: ص 1

11. حوالو ساڳيو ص 78
12. حوالو ساڳيو ص 89 ۽ 90
13. ڏسو حوالو 9- ص 467 ۽ 468
14. ڏسو حوالو ساڳيو
15. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "راڳنامون":
شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد: 1981ع ص. 15
16. ڏسو حوالو 9- ص 466
17. ڏسو حوالو پهريون ص 25 ۽ حوالو 9- ص 469

ڊاڪٽر منظور علي ويسريو
ايم آءِ پي ايس، قائداعظم يونيورسٽي،
اسلام آباد

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل سنڌي ٻولي ۽ "ادب جي تاريخ" جو تحقيقي مطالعو

**A RESEARCH STUDFY ON HISTORY OF SINDHI LANGUAGE AND LITERATURE WRITTEN BY DR. NABI BUX KHAN BALOCH**

**ABSTRACT**

Dr. Nabi Bukhsh Baloch was a great scholar. He had spent his whole life serving in education. He served literary and educational institutions with great dedication. Alongside he also worked for Sindhi language, literature, history and culture also highlighted various aspects of archeology with his cognitive skills and insight. Dr. N.A Baloch had done a lot of research work on Sindhi Language and Literature. His book "Sindhi Boli Ain Adab Ji Tarikh" is one of them. In this research article this book is thoroughly analyzed and highlighted prominent aspects.

سنڌ جي ادبي تاريخ جي ترتيب جو ڪم انگريزن جي دؤر ۾ ٻي جنگ عظيم کان اڳ شروع ٿيل نظر اچي ٿو. ان ڪم جي نوعيت مضمون جي صنف ۾ اهم رسالي 'سنڌو' ۾ شايع ٿيل آهن. جي ڊاڪٽر علامه عمر بن محمد دائودپوٽي، پروفيسر لطف الله بدوي، محمد صديق ميمڻ ۽ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي جا ڏنا ويا آهن.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي لکليل ادبي تاريخ ۾"سنڌ جي ادبي تاريخ" کان پوءِ جيڪا ٻي اهم ادبي تاريخ سامهون آئي، اها سنڌ جي نامياري محقق ۽ عالم مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل ادبي تاريخ "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" آهي.

عالمي شهرت رکندڙ عالم مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گھڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهڻ باوجود سنڌي علم و ادب جي جيڪا خدمت ڪئي، اها وسارڻ جوڳي نه آهي. ڊاڪٽر بلوچ مرحوم هڪ شخصيت نه هو بلڪ هڪ اداري جي حيثيت رکندو هو جو هن اڪيلي

سر سنڌي ٻولي، لسانيات، لطيفيات، لوڪ ادب، تعليم، تاريخ، موسيقي ۽ سنڌي اساسي شاعري تي تحقيق ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خزاني ۾ اضافو ڪيو. بقول ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو:

"تالو وڻي ڪٽي بس ڪر، سنڌ جو مايہ ناز ڊاڪٽر بلوچ دنيا جو هڪ بالغء روزگار محقق ۽ دانشور آهي، جنهن پنهنجي عزم، همت جستجوء تحقيق ۾ منزل ماڻي، انهن بلندين تي پهچي چڪو آهي، جنهن لاءِ هر انسان ڪوشان هوندو آهي."[1]

وري اڳتي سندس تحقيقي خدمتن جو وچور هيئن بيان ڪيو اٿس:

"ڊاڪٽر صاحب جي تحقيقي ڪم ۾ جامع سنڌي لغات (پنج جلد) سنڌي-اردو ۽ اردو-سنڌي لغات (ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سان گڏ) هڪ جلدي لغت ۽ روشني (لطيفي لغت) زبان بابت هڪ بنيادي ڪم آهي. ان سان گڏ سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ لکيائون، جنهن جا سڌاريل ۽ وڌايل صورت ۾ چار ايڊيشن شايع ٿيا آهن. سنڌ جي تاريخ جي اهم ماخذن تاريخ معصومي، چچ نامي ۽ تحفة الڪرام جي سنڌي ترجمي تي وضاحتون ۽ نوٽ بہ ڊاڪٽر صاحب لکيا. سنڌي لوڪ ادب جي رٿا تيار ڪيائين. ان جا چاليهہ جلد ڇپيا. وڏن ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام تي تحقيق ڪيائين ۽ تفصيلي مقدمن سميت ڪلام مرتب ڪري شايع ڪيائين. ان کان سواءِ بہ ڊاڪٽر صاحب جا سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ ادب تي هڪ سؤ جي قريب ڪتاب مختلف زبانن ۾ شايع ٿيا آهن."[2]

سنڌ جي هن جاکوڙي محقق سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي، ادب، لطيفيات مطلب تہ هر ميدان ۾ پنهنجي علم ۽ ڄاڻ جا جوهر ڏيکاريا آهن. بقول يوسف سنڌي:

"ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جو هڪ اهڙو سدا بهار وڻ آهي، جنهن جي سرزمين پنن، گلن ۽ ميون ۾ الائجي ڪيترا پکيڙا پر پکيڙيون ويٺا آهن."[3]

مرحوم ڊاڪٽر بلوچ جي ادبي تاريخ، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جنهن جا هيل تائين چار ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. ان کان اڳ جو انهن ڇاپن جو تفصيل

سان جائزو وٺجي ان ڳالهہ جي وضاحت ضروري آهي تہ هن اهم ادبي تاريخ لکڻ جي ابتدا ڊاڪٽر صاحب ڪيئن ڪئي ۽ ان جي نالي ۾ بہ تبديليون ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيون. مرحوم ڊاڪٽر بلوچ صاحب ابتدا ۾ "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" عنوان سان مضمون لکيو جيڪو پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هئائين. جنهن جي تفصيل خود ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي مهاڳ ۾ بيان ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

> "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. جي عنوان سان هڪ مضمون پهريون ڀيرو ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس (لاڙڪاڻو 22، 23 آڪٽوبر 1950ع) ۾ پڙهيو ويو جنهن جو متن (حاشين کانسواءِ) پوءِ ڪانفرنس جي ڪاروائي "تحفہ لاڙڪاڻہ" ۾ ڇپيو ان ساڳئي متن کي ذرا سوڌيءَ سنواري ۽ پويان سومرن جي دور بابت قدري نئين مواد جو اضافو ڪريءَ تفصيلي حاشين ۽ حوالن سان سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" کي اشاعت لاءِ ڏنو ويو ۽ ان رسالي جي جلد پهرين سال 1959ع ۾ شايع ٿيو. ان بعد ڪن سڄڻن زور ڀريو تہ "سنڌي ٻولي جي تاريخ" تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي ۽ هن مضمون، کان اڳتي قدم وڌائي ان بابت هڪ مستقل ڪتاب لکيو وڃي. مگر جيئن تہ هي مسئلو گهري علمي تحقيق جو محتاج آهي ۽ وڌي ويچار جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ متعدد مشغولين سببان پورو وقت ۽ فراغت ميسر نہ آهن. انهيءَ ڪري في الحال سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي کي سمن جي دور جي توڙ تائين پهچايو ويو آهيءِ جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي تہ باقي باب پورا ڪري هن مطالعي کي موجوده دور تائين مڪمل ڪيو ويندو."[4]

مٿين حوالي مان معلوم ٿيو تہ هن ڪتاب جي ابتدا مضمون سان ٿي، جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب ان ۾ ڪجه اضافا ڪري سومرن جي دور تائين جي سنڌي ٻولي ۽ ادب جو جائزو ورتو جيڪو "تماهي مهراڻ" جي "جلد پهريون" 1959ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان ۾ وڌيڪ کوجنا ڪري سمن جي دور تائين سنڌي ٻولي ۽ ادب متعلق مواد جمع ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1962ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو 150 صفحن تي مشتمل هيو. اهو ڇاپو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ پاران شايع ٿيو. پهرين ڇاپي ۾ ڊاڪٽر صاحب گهڻو ٻوليءَ جي ارتقا بابت چند چارٽ پيش ڪيا آهن. بقول ڊاڪٽر صاحب:

> "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾ جيتوڻيڪ ڪن فاضلن آڳاٽي دور ۾ ٻوليءَ جي ابتداء بابت قدري ڪجهه لکيو آهي ۽ پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن، مگر ان بعد پوين دورن جي سلسليوار تاريخ بابت ڪا خاص تحقيق ڪا نه ڪئي آهي. هن ڪتابڙي ۾ قديم دور کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي سلسليوار تاريخ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ سردست انهيءَ سلسلي کي علمي تحقيق جي روشني ۾ دليلن ۽ حوالن سان "سمن جي دور" جي آخر تائين پهچايو ويو آهي."[5]

پهرين ڇاپي ۾ هي ڪتاب ٽن بابن تي مشتمل هو. پهريون باب جنهن جو عنوان "قديم دور: سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون" (600 ورهيه قبل مسيح کان 500 ورهيه بعد مسيح) آهي. هي باب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو "600 ورهيه قبل مسيح کان اڳ" عنوان سان آهي، جنهن ۾ جن موضوعن جو جائزو ورتو ويو آهي انهن ۾ سنڌي جي اوائلي ٻولي ۽ موجوده سنڌي ٻولي، مئن جي دڙي جي ٻولي، دراوڙي ٻوليون ۽ سنڌي ٻولي، سنڌيءَ جي سنسڪرت مان نڪرڻ واري نظريي ۾ شڪ، سنڌي لغت جو پنهنجو نج ذخيرو ڪٿان آيو سنڌي ٻولي جي دراوڙي بنياد لاءِ شرت جا دليل ۽ انهن تي تنقيد، سنڌي ۾ مُنڊا ۽ دراوڙي ٻولين جا الفاظ، منڊا دفعي جا الفاظ، دراوڙي دفعي جا الفاظ، سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولي.

هن باب جو ٻيو حصو " 600 ورهيه قبل مسيح کان 500 ورهيه بعد مسيح" عنوان سان آهي. هن حصي ۾ جن موضوعن تي روشني وڌل آهي انهن ۾ سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت، ٻين حڪمران قومن جي ٻولين جو اثر ٻولين جو عرصيوار خاڪو سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش، اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق، اپڀرنش جي لغوي ۽ تاريخي حيثيت. مذڪوره موضوعن جي اپٽار ڪندي ڊاڪٽر صاحب هيٺيان نتيجا ڪڍيا آهن:

"مٿئين تجربي ۽ تحقيق، دليلن ۽ مثالن جي بناءَ تي اسان هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا.

(1) سنڌ جي قبل-از-تاريخي قديم تهذيب جي ٻولي جا آثار "مئن جي دڙي" جي کنڊرات مان مليل مُهرن ۾ محفوظ آهن. انهن قبل-از-تاريخي قديم ٻولي جي حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪا "سامي صفت" ٻولي هجي، جيڪا عراق جي قديم "سميري تهذيب" جي ٻولي جي ساٿياري هئي. مقامي طور ان جي دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي.

(2) موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اسري. اها هند-آريائي ٻولي آهي. "لهندا" (سرائڪي-بهاولپوري-ملتاني-ديري والي-هندڪو) ڪشميري ۽ اترئين سنڌو ماٿر جون "داردي" ٻوليون ان جون ڀينرون آهن. ٻُڌ-وياش جي لحاظ سان اهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون "هند-آريائي" ٻوليون آهن، پر سٽاءَ ۽ تاريخي ارتقاءَ جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين "هند-آريائي"ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ منڍا ۽ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند-ايراني ۽ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر ڪي پڻ دخل آهي.

(3) سنڌي انهيءَ وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌي جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو. ان جو بڻ بڻياد، ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري "پروٽو-پراڪرت" يا "پهرين-پراڪرت" تائين پهچي ٿي."[6]

باب ٻيو جنهن جو عنوان "سنڌي ٻولي جي سٽاءَ وارو بنيادي دور (500ع-1050ع)" آهي. هن باب جا بہ ٽي ڀُڱا آهن. پهرئين جُز ۾ "راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي

دور ۾ ٻوليءَ جي سڃاڻ ۽ صورت، ٻئي جز ۾ جتن جي ۽ سوڍن ٺڪرن جي ڍاٽڪي ٻولي، ڍاٽڪي ٻولي، جتن جي ٻولي ۽ ٽئين جز ۾ عربن جي دؤر حڪومت ۾ ٻوليءَ جي تشڪيل ۽ ترقي، ٻوليءَ ۾ وڏيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي لغات ۾ واڌارو ٿيو سنڌي جي الف-بي جي سڃاڻ، صورتخطي ۽ صرف-نحوتي اثر پيو ٻوليءَ جي علم ادب جو بنياد پيو تي روشني وڌي وئي آهي. ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر صاحب هيٺيون نتيجو بيان ڪيو آهي:

"راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ عربن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي مسلسل سياسي وحدت سببان "سنڌ جي ٻولين ۾ وڌيڪ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ هڪ عام فهم ٻوليءَ جي اوسر ٿي. عربي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمايي ۾ واڌارو ٿيو ۽ ٻوليءَ جي سڃاڻ، صورتخطي ۽ صرف نموني اثر پيو. سنڌي ٻولي عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ آئي ۽ اها صورتخطي وڌيڪ عام رائج ٿيڻ لڳي، جيتوڻيڪ ٻيون مقامي صورتخطيون پڻ هلنديون رهيون."(7)

باب ٽيون "سنڌي ٻوليءَ جي تعمير ۽ توسيع ۽ زباني ادبي روايت جي اوسر وارو دور "سومرن جي حڪومت": (1050ع-1350ع) جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ سومرن جي حڪومت جو تاريخي ۽ جغرافيائي پس منظر، سنڌي ٻوليءَ جي پڪيڙ سنڌي ۾ ذڪر ۽ سماع جا سلسلا، بابا فريد گنج شڪر جي ذڪر ۽ دوهن ۾ سنڌي الفاظ، سنڌ جي عام مقبول داستانن ۽ مشهور قصن جو بنياد، سومرن جي دور جي جنگين بابت ڳاهون (الف) سومرن ۽ گجرن جون جنگيون (ب) سومرن جي علاؤالدين جي لشڪر سان جنگ (ج) چانر هالي ۽ همير سومري جي جنگ، سومرن جي سخا بابت پڻن ۽ چارڻن جون شڪايتون، سيد بدرالدين رضوي جو پڙهيل بيت عنوانن کي بيان ڪري آخر ۾ هيٺيون نتيجو بيان ڪيو اٿس:

"سومرن جي دور بابت تاريخي اهڃاڻن ۽ سنڌ جي مشهور مقامي روايتن جي بناء تي هي نتيجو قائم ڪيو آهي تہ "اهو "سنڌي ٻوليءَ جو تعميري دور هو. انهيءَ سلسلي ۾ هن دور متعلق سنڌ جي تاريخي ٽوڙي روايتي سرمايي جو نئين سر جائزو ورتو ويو آهي ۽ هن کان اڳ رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيل مضمون ۾ آندل ڪن روايتن

> ڪي پڻ درست ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نئين ترتيب سان هن دور بابت ڪافي نئون مواد پيش ڪيو ويو آهي، جو ان "روماني دور" ۾ سنڌي ٻولي جي تعمير ۾ ترقي تي نئين روشني وجهي ٿو." (8)

بابت چوٿون، معياري سنڌي ٻولي جو توسيع ۽ ان ۾ اعليٰ معياري شاعري جي ابتدا وارو دور "سمن جي حڪومت وارو دور" (1350_1520ع) عنوان تحت آهي. هن باب کي وري ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين حصي ۾ معياري سنڌي ٻولي جي ترقي جا اسباب، ان ۾ سنڌي ٻولي جي سرحدن جو وسيع ٿيڻ، ڪڇ ۾ سنڌي جي ڪڇي محاوري جي تشڪيل، لسٻيلي ۾ "ٻيلي جي ٻولي" جي تشڪيل، بلوچستان طرف سنڌي جو سفر ۽ سنڌي ۽ بلوچي جو هڪ ٻئي تي اثر، سنڌي ۽ سرائڪي جو سٻنڌ، تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي عنوان شامل آهن.

ٻئي حصي ۾ سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي روايتي ادب جو ذخيرو جنهن ۾ سورمن جي سورهيائي بابت ڳاهون، سخي مردن جي سخاوت بابت ڳاهون، عشق ۽ محبت جي داستانن بابت ڳاهون ۽ ماموين جا بيت عنوان شامل آهن ۽ ٽئين حصي ۾ سمن جي پهرين دور جي ٻولي ۽ شعر جو تاريخي ذخيرو جنهن ۾ وري سنڌين جو هڪ جنگي "رجز" يا نعرو چار تماچي لاءِ دعا يا اڳڪٿي جا بيت، شيخ حماد جو بيت، درويش نوح هوٿياڻي جي دعا، خوجن جي پيرن جا گنان، پر صدرالدين ڏانهن منسوب گنان، پير حسن ڪبيرالدين، سمن جي پوئين دور واري ٻولي ۽ شعر جو مستند مواد، ان ۾ پير شيرازي جو منظوم دعائيه فقرو، شيخ عبدالجليل چوهڙ شاهه جي سماع جي مجلسن ۾ ڳايل سنڌي بيت؛ حضرت شيخ عبدالجليل جي سماع جي مجلس ۾ ڏوهيڙي طور پڙهيل سنڌي بيت، شيخ عبدالجليل چوهڙ جي وفات کانپوءِ سماع ۾ پڙهيل بيت عنوان اچي وڃن ٿا. سمن جي بلڪل آخري دور جو شعر، ان ۾ سيد حيدر سنائي جو چيل بيت، مخدوم احمد ڀٽي آڏو سماع جي مجلس ۾ پڙهيل بيت، اسحاق آهنگر (لوهار) جو بيت، شاعر پراڙ جو بيت، هڪ بيت جنهن جي مريدن معنيٰ پڇي، قوال جو سماع ۾ پڙهيل بيت، قاضي قادن جا بيت ۽ ٻولي عنوان شامل آهن ۽ آخر ۾ نتيجا بيان ڪيا ويا آهن. هن باب متعلق مجموعي جائزو ڊاڪٽر بلوچ هن طرح بيان ڪيو آهي:

".... اسان پنهنجي موجوده تحقيق جي بناء تي ٻهريائين سمن جي دور جي ٻولي ۽ ادب جي روايتي ذخيري ۽ ان بعد تاريخي سرمايي کي سلسليوار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ ته ان دور جي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ جيڪو روايتي توڙي تاريخي مواد موجود آهي، سو پوري تحقيق سان پڙهندڙن جي آڏو اچي وڃي. انهيءَ لاءِ اسان ان دور جي ٻوليءَ جي نمونن ۽ نشانن جي ڳاهن، پهاڪن، مصراعن يا بيتن جي صورت ۾ موجود آهن، توڙي انهن جي نروار ڪندڙ دانائن، درويشن ۽ شاعرن جي سلسلي ۽ سوانح تي تحقيقي بحث ڪيو آهي، تان ته سمن جي دور جي ٻوليءَ جا مڙيئي معلوم نشان ۽ آثار تاريخ جي روشنيءَ ۾ پوريءَ طرح نروار ٿين ۽ ايندڙ محقق انهن آثارن جي تاريخي وجود ۽ اهميت کان مطمئن ٿي، سڄو توجهه انهن جي هيئت ۽ سناءَ کي سمجهڻ طرف ڪن." (9)

مذڪوره ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1980ع ۾ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو 342 صفحن تي مشتمل آهي. مطلب ته ٻيو ڇاپو 18 سالن کان پوءِ سامهون آيو ۽ ان ۾ 192 صفحن جو اضافو پڻ ٿيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر صاحب هن ڇاپي متعلق لکيو آهي ته:

"انهيءَ پهرين اشاعت کي ڪافي وڏو عرصو گذري ويو جنهن ۾ هن موضوع تي غور ڪندي وڌيڪ معلومات مليا. جن جي آڌار تي نه فقط اڳئين ڇپيل مواد ۾ درستيون ۽ اضافا ڪيا ويا پر نئين مواد جي مدنظر نوان باب ۽ عنوان مرتب ڪيا ويا. مثلاً باب ٽيون "سنڌي زبان جي انفراديت ۽ بين الاقوامي حيثيت جو تسليم ٿيڻ" نئون باب وڌايل باب آهي. ان کان سواءِ اڳئين ڇاپي جي باب ٽئين (سومرن جو دور) ۽ باب چوٿين (سمن جو دور) ۾ نئين مواد ۽ نون عنوانن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي، ايتري قدر جو هن ڇاپي ۾ اهي باب (چوٿون ۽ پنجون) گهٽي حد تائين نئين سر سنواريل آهن ۽ انهن ۾ ڪي نوان نتيجا نروار ڪيا ويا آهن. باب ڇهون خاص طرح هن

اشاعت لاءِ تصنيف ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ "ارغون، ترخان-مغليہ دور" ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ ۽ ارتقائي لاڙن ۽ خاص خصوصيتن کي روشن ڪيو ويو آهي. پهرين اشاعت ۾ بيان جو سلسلو 1520ع تائين آندل هو مگر هن ۾ "باب ڇهين" جي اضافي سان اهو 1690ع تائين پهچايو ويو آهي. يعني تہ عرصي جي لحاظ سان هڪ سؤ ستر سالن جي وڌيڪ تاريخ کي زيرِ بحث آندو ويو آهي."(10)

جيئن تہ مذڪوره ڪتاب جو نالو پهرين اشاعت ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" هو جڏهن تہ ٻي اشاعت ۾ ان جو نالو "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ" آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ:

"سن 1962ع ۾ پهرين اشاعت جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ملڪ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۽ ٻوليءَ جي ادبي سرمايہ کي سمجهڻ کان سواءِ ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقا جي تاريخ لکڻ مشڪل آهي. اسان ڪوشش ڪري هر دور جي سياسي ۽ سماجي ماحول جو ٻوليءَ جي اوسر جي لحاظ سان جائزو ورتو آهي ۽ خاص طرح هر دور جي ادبي ذخيري کي اجاگر ڪري، ان کي ٻوليءَ جي سٽاءَ جي لحاظ سان توريو تڪيو آهي. باوجود انهيءَ جي هن علمي تحقيق لاءِ اڃان وڌيڪ ڪوشش ۽ ڪشالي جي ضرورت آهي. جنهن ڏانهن اميد تہ هن ڪتاب جي ايندڙ ڇاپي کي بهتر بنائڻ خاطر قدم وڌايو ويندو. هن اشاعت ۾ ادب جي تحريري توڙي روايتي ذخيري کي گهٽ حد تائين بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪتاب جو عنوان پڻ "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ" قائم ڪيو ويو آهي."(11)

ڊاڪٽر صاحب جي مذڪوره تاريخ جي ٻي ڇاپي ۾ باب ٽيون ۽ باب ڇهون نئون اضافو آهن. جڏهن تہ باب چوٿين ۽ پنجين ۾ پڻ سڌارا ۽ واڌارا ڪيا ويا آهن. باب ٽيون جنهن جو عنوان "سنڌي زبان جي انفراديت ۽ بين الاقوامي حيثيت جو تسليم ٿيڻ" (950ع-1050ع) آهي. هن باب ۾ سنڌ جي لساني انفراديت ۽ بين الاقوامي حيثيت جي تسليم ٿيڻ ۽ البيروني جي ڪتاب "الصيدنہ" ۾ آيل سنڌي

نالن جي جدول ڪي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان جي آڌار تي ڪجھ نتيجا ڪڍيا. جيڪي هن طرح آهن:

"راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ عرب اسلامي حڪومت واري عرصي ۾ سنڌ جي مسلسل سياسي وحدت قائم رهي، جنهن ڪري سنڌ جي مقامي ٻولين ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ مجموعي طور سان هڪ عام فهم "سنڌي ٻولي" وجود ۾ آئي. عرب اسلامي دور ۾ "عربي-سنڌي" صورتخطي توڙي "عام فهم سنڌي" ٻولي جي دائري ۾ وڌيڪ توسيع ٿي، جيتوڻيڪ ملڪ ۾ مختلف ٻوليون ۽ مختلف صورتخطيون پڻ رائج رهيون. پوءِ بہ سنڌي ٻولي ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. ٻولي جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمايي ۾ واڌارو ٿيو ۽ ٻوليءَ جي سٽاء، صورتخطي ۽ صرف نحو تي اثر پيو. علمي ۽ تعليمي ترقي سببان "سنڌي ٻولي" جا عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا. عرب عالمن جي سنڌي ٻولي ۽ ادب بابت دلچسپي وڌي ۽ ان بابت تحقيق ڪئي ۽ معلومات پنهنجن ڪتاب ۾ قلمبند ڪيا. محقق البيروني سنڌي ۽ ڪن مقامي ٻولين جا لفظ ۽ نالا عربي صورتخطي ۾ لکيا ۽ عربي حرفن تي وڌيڪ ٽٻڪا ڏيئي انهن کي سنڌي اچارن لاءِ استعمال ڪيو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو علمي مطالعو شروع ٿيو ۽ ڪن مشهور محققن سنڌي ٻولي بابت پنهنجا رايا قلمبند ڪيا. طبي لغات ۾ سنڌي ٻولي جي انفراديت ۽ بين الاقوامي حيثيت تسليم ڪندي ڪيترن ئي جڙين ٻوٽين جا نالا بين ٻولين سان گڏ سنڌي ۾ ڏيڻ ضروري سمجهيا ويا."[12]

ان کانپوءِ باب ڇهون پڻ هن ڇاپي ۾ نئين معلومات تي آڌاريل آهي. جيڪو سنڌي ادب جي "ارغون-ترخان-مغليہ دور" (1520-1690ع) بابت آهي. هن باب ۾ سنڌي ۽ فارسي جي وڌندڙ تعلق، سنڌي اصطلاحن ۽ نثري جملن جي وضاحت، سنڌي جي ادبي ثقافتي دائري جي وسعت، روايتي ادب ۾ اضافي ۽ سنڌي شعر جي تحريري ذخيري ۾ واڌاري ۽ سنڌ کان ٻاهرين روايت واري سنڌي، سنڌي-سرائيڪي ۽ ٻين پاڙيسري ٻولين جي آميزش واري شعر جي اهم ذخيري بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي ۽ ڪن نتيجن جي اپٽار ڪئي، جيئن:

"هي دور فارسي زبان جي اوج ۽ عروج وارو دور هو. تنهن هوندي بہ سنڌي جيئن تہ پنهنجي اعليٰ سطح تي پهچي چڪي هئي، انهيءَ ڪري باوجود فارسي جي عمل ۽ اثر جي سنڌي جي انفراديت ۽ افاديت قائم رهي ۽ سنڌي جي اهميت ۾ اضافو ٿيو. هن دور ۾ سنڌ اندر مقامي طور ڪن اهم سماجي، اخلاقي ۽ علمي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان جي ڪن خاص نثري اصطلاحن، فقرن ۽ جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت تحقيق شروع ٿي. سنڌ کان ٻاهر سنڌي ٻولي ۽ ان جي ثقافت جو دائرو وسيع ٿيو. سنڌ جي روايتي ادبي ذخيري ۾ اضافو ٿيو ۽ خاص طرح سنڌي شعر جي تحريري سرمايي ۾ وڌو واڌارو آيو ۽ هن ئي دور ۾ سنڌ اندر عربي ۽ فارسي جي تعليمي سلسلي توڙي استادن ۽ عالمن جي عربي ۽ فارسي ۾ مهارت باوجود سنڌي ٻولي نج صورت ۾ لکي ۽ ڳالهائي وئي. سڀني جي لحاظ سان هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جون اصلي آڳاٽيون مکيہ خصوصيتون قائم رهيون ۽ سنڌ جي جداجدا ڀاڱن جي مقامي "لغات" ۽ "محاورن" ۾ وڌيڪ هڪجهڙائي پيدا ٿي." (13)

ڊاڪٽر بلوچ جي مذڪوره ادبي تاريخ جو ٻيون ڇاپو 1990ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ان وقت جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل پاران شايع ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مغل لکي ٿو تہ:

"پاڪستاني ٻولين جي مطالعي جي سلسلي ۾ سنڌي ٻولي جو مطالعو هڪ اهم موضوع آهي. سنڌي ٻولي جي تاريخ ۽ ادب تي جناب ڊاڪٽر بلوچ وڏي عرصي کان تحقيق ۽ تصنيف پئي ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ هن سنڌي ٻولي جي ابتدا ۽ اوسر کي نئين سر روشن ڪيو آهي ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق کان اڳ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي دؤروار تاريخ موجود ئي ڪا نہ هئي. "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جي هن موجوده نئين ايڊيشن ۾ دؤروارتاريخ کي انگريزن جي دؤر جي شروع تائين پهچايو ويو آهي. آءٌ استاد

محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو شڪر گذار آهيان جو هن قيمتي ڪتاب جي، هن نئين ايڊيشن جي اشاعت پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي حوالي ڪيائون.“ (14)

ڊاڪٽر بلوچ جي مذڪوره ادبي تاريخ جي هن نئين ڇاپي ۾ نه صرف ٻن بابن جو اضافو ٿيل آهي بلڪهٺي ڇاپي جي ڇهن بابن ۾ ضروري ترميمون ۽ اضافا پڻ ڪيا ويا آهن. جيئن ته هن ڪتاب جو پهريو ڇاپو جيڪو 342 صفحن تي مشتمل هو ۽ هاڻي هي ٽيون ڇاپو 474 صفحن تي مشتمل آهي مطلب ته هن ڇاپي ۾ وڌيڪ 132 صفحن جو اضافو ٿيل آهي. ان کانسواءِ هن ڪتاب جو نالو جيڪو پهرين ڇاپي ۾ ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“ هو ان کي پڻ بدلايو ويو آهي ۽ هن ڇاپي ۾ ان جو نالو ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ رکيو ويو آهي. مذڪوره ڇاپي متعلق ڊاڪٽر بلوچ صاحب ”مهاڳ“ ۾ لکي ٿو ته:

”ڏهن سالن بعد هن ڪتاب جي ٻرين اشاعت لاءِ راهه هموار ٿي آهي. انهيءَ عرصي ۾ تحقيق جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڪافي نئون مواد دستياب ٿيو. جنهن جي روشنيءَ ۾ پهرين ڇاپي جي ڇهن بابن ۾ ضروري ترميمون ۽ اضافا ڪيا ويا آهن. هن اشاعت ۾ خاص طرح ٻن نون بابن ستين ۽ اٺين جو اضافو ڪيو ويو آهي، جن سان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ کي انگريزن جي شروع وارن سالن تائين پهچايو ويو آهي. انگريزن جي دور جو رڪارڊ موجود آهي ۽ ان مواد کي آساني سان پيش ڪري سگهجي ٿو بشرطيڪ ان کي قومي نڪته نظر واري تحقيق ۽ تنقيد سان پيش ڪيو وڃي. البت انگريزن جي دور کان اڳ وارو مواد ناياب هو جنهن کي سهيڙي سنواري پيش ڪرڻ ايترو آسان نه هو. انهيءَ ڪري باوجود راقم جي مسلسل جستجو جي 1950ع ۾ لاڙڪاڻي ادبي ڪانفرنس ۾ سنڌي ٻولي جي تاريخ تي پڙهيل مضمون واري شروعات کان وٺي 1990ع ۾ هن اشاعت تائين چاليهه سال لڳي ويا. ڪافي محنت ۽ تلاش سان جدا جدا ماڳن ۽ جدا جدا ماخذن مان مواد هٿ ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ کي ”دور وار وضاحت“ سان توڙ تائين پهچايو ويو آهي.“ (15)

جيئن ته مذڪوره ڇاپي ۾ پن نون بابن جو اضافو ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ پين ڇهن بابن ۾ پڻ سڌارا ۽ اضافا ڪيا ويا آهن پر جيئن ته انهن جو اڳ ۾ جائزو ورتو ويو آهي ان ڪري هتي ستين ۽ انين باب جو جائزو وٺبو. ستون باب جيڪو "مغليه دور" (1590_1680ع) ۾ مادري زبان يعني سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي حوالي سان آهي. هن باب ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌ ۾ پهريون ڀيرو مادري ٻولي يعني سنڌيءَ ذريعي تعليم ڏيڻ جو نظريو تعليمي مقصد لاءِ سنڌي ۾ درسي، علمي ۽ ادبي ڪتاب لکجڻ، ٻولي جي سٽاءَ ۽ قدامت، اسم، فاعل وغيره ضمير، جري ۽ اضافي صورتون ظرف وغيره، ضمير استفهام، عدد عنوان جي وضاحت ڪان پوءِ هيٺيان نتيجا بيان ڪيا آهن.

"هن دور ۾ سنڌ جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن انهيءَ تعليمي نظريي ۽ تعليمي تحريڪ جو بنياد وڌو ته ٻارڙن کي بنيادي تعليم سنڌن مادري زبان سنڌي ۾ ڏني وڃي ته جيئن هو سولائيءَ سان مڪتبي تعليم پوري ڪري سگهن. انهيءَ تحريڪ هيٺ پڙهڻ پڙهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ان لاءِ درسي ڪتاب سنڌي ۾ مُهيا ڪرڻ جي شروعات ٿي. اهو درسي مواد منظوم صورت ۾ مهيا ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ ته شاگرد توڙي عام پڙهندڙ ان کي ذوق ۽ چاهه سان سکن ۽ پڙهن. اهڙو منظوم مواد جيڪو ان وقت هڪڙي ڪاتب عزت بن سليمان (1067هه_1069هه) وارن سالن ۾ اتاريو ۽ جنهن مان اوڻيتاليهن موضوعن وارا منظوميا سلامت بچيا آهن جن ۾ تيرهن جدا جدا عالمن ۽ استادن جا تصنيف ڪيل منظوميا شامل آهن. ان سان اها تصديق ٿئي ٿي ته مواد جو ايڏو وڏو ذخيرو اتاري وارن سالن کان سؤ ڏيڍ سؤ سالن اڳ واري وڏي عرصي ۾ يا ڪم از ڪم سٺ ستر سالن واري عرصي (1000هه_1067هه) ۾ تصنيف ٿيو هوندو.... ان مان اهو گمان نڪري ٿو ته ان دور اندر سنڌي ۾ ايترو گهڻو مواد تحريري صورت ۾ پيدا ڪيو ويو جيترو ان کان اڳ غالباً پيدا نه ٿيو هو جيتوڻيڪ اهو ذخيرو تعليمي ۽ درسي نوعيت جو آهي پر ان مان ڪجهه نتيجا به نڪرن ٿا. 1 _ هنن منظومين ۾ "سنڌي بيت" جون اهي سيئي سٽائون جيڪي قاضي قادن جي

بيتن ۾ ملن ٿيون سي موجود آهن. 2ـ بيتن کان سواءِ هن ذخيري ۾ "منظوم ڍگهن بندن"جو هڪ وڏو تعداد شامل آهي ۽ ڍگها سنڌي منظوم بند" پهريون ڀيرو هن ذخيري ۾ ملن ٿا. 3ـ جيتوڻيڪ "شعر و شاعري" بدران بنيادي طور هي هڪ منظوم ذخيرو آهي تہ بہ ڪي "صنعتون" پهريون ڀيرو هنن منظومين ۾ ملن ٿيون. جيئن تہ بيتن ۾ "وراڻ" يا "تڪرار" جي صنعت ۽ چوٿي بحر ۾ "مستزاد" واري صنعت معنوي تمثيل جي لحاظ سان "سر ساموندي" جو هڪ بيت بہ وڏي اهميت وارو آهي. گهڻ منظومين جي ٻولي آڳاٽي آهي ۽ ممڪن آهي تہ اهي ڏهين صدي هجري (9050هہ ڌاري يا اجان بہ اڳ) ۾ تصنيف ٿيا هجن."[16]

ان کان پوءِ هن ادبي تاريخ جو آخري ائون باب آهي. جيڪو "آخري مغلن، عباسي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو دور" (1680ع ـ1860ع) عنوان سان آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب يارهن موضوعن کي بحث هيٺ آندو آهي. جن ۾ مادري زبان ذريعي تعليمي تحريڪ جا بنياد مضبوط ٿيڻ ۽ ان جي ڪاميابي، "سنڌي درسي نصاب" جو بنياد مضبوط ٿيڻ، مختلف موضوعن تي وڏي تعداد ۾ سنڌي ڪتابن جو تاليف ٿيڻ، ڪتاب جي ترجمن جو سلسلو شروع ٿيڻ، تجرباتي ۽ تحقيقي نتيجن کي سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ. سنڌي نثر ۾ عبارتن ۽ ڪتابن جي شروعات، سنڌي لفظن ۽ صرف ـ نحو (گرامر) جو مطالعو سنڌي "الف ـ ب" جو ساڳي هڪ نئي صورت ۾ لکجڻ ۽ سنڌي صورتخطي جو وڌيڪ صحيح صورت ۾ رائج ٿيڻ، سنڌي لغات بابت تحقيقي مواد جو شايع ٿيڻ، سنڌ جي روايتي ادبي ذخيري ۾ تفصيلي ۽ تخليقي واڌارو ۽ سنڌي اساسي شاعري جي عمارت جو اڏجڻ شامل آهن. انهن موضوعن تي ڊاڪٽر بلوچ بنيادي معلومات مهيا ڪئي آهي پر ان تي وڌيڪ معلومات مهيا ڪرڻ جو خواهشمند پڻ هو ۽ ان خواهش کي ڊاڪٽر صاحب هيٺين لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

"ائين باب ۾ جن يارهن عنوان تي بنياد معلومات مهيا ڪيا ويا آهن تن کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ضرورت باقي آهي ۽ جيڪڏهن زندگي وفا ڪئي تہ چوٿين اشاعت ۾ ان جي تڪميل ڪئي ويندي."[17]

مٿين يارهن عنوانن تي بنيادي معلومات ڏيندي ڊاڪٽر صاحب انهن جو تت هيئن بيان ڪيو آهي:

"هن دور ۾ مادري زبان سنڌي ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جا بنياد مضبوط ٿيا. معياري درسي ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي"جي عام مقبوليت سان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ ڪامياب ٿي. سنڌيءَ جي خاص نالي سان وڏيڪ درسي ڪتاب شايع ٿيا ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو نظريو عام ٿيو. سنڌي درسي نصاب جو بنياد مضبوط ٿيو. ان تحت ديني ۽ اخلاقي، تعليم ۽ تربيت ۽ عام مطالعي وڌائڻ کي مرڪزي حيثيت حاصل رهي. مختلف موضوعن تي فارسي بدران سنڌي ۾ ڪتاب تاليف ٿيا. تفسير، حديث، فقہ دين اسلام وغيره موضوعن تي فارسي بدران سنڌي ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتاب لکيا ويا. تصنيف تاليف سان گڏ ڪتابن جي ترجمن جي سلسلو شروع ٿيو ۽ سنڌ جي عالمن نہ فقط عربي ۽ فارسي مان سنڌي ۾ ڪتاب ترجمو ڪيا پر سنڌيءَ جي اعليٰ فڪر واري مواد کي عربي ۽ فارسي ۾ آندو. موضوع جي علمي ڄاڻ ۽ ان سان گڏ عربي، فارسي توڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي جي عالمن جو تحقيقي معيار بلند رهيو. سنڌي نثر ۾ عبارتن ۽ ڪتابن لکڻ جو آغاز ٿيو. سنڌي الفاظ ۽ صرف۔ نحو (گرامر) مطالعي هيٺ آيا. ٻولي جي ابتدائي سکيا لاءِ دو۔وايا ۽ ٽہ۔وايا مرتب ٿيا. سنڌي ذريعي فارسي، عربي ۽ سنڌي گرامر جو مطالعو ڪيو ويو. سنڌي "الف۔ب" جا گهٽي ۾ گهٽا حرف ساڳي هڪ ئي صورت ۾ لکجڻ لڳا ۽ سنڌي صورتخطي وڏيڪ سالم صورت ۾ رائج ٿيڻ لڳي. سنڌي لغات باب تحقيقي مواد شايع ٿيو. سنڌ جي روايتي ادبي ذخيري ۾ "تفصيلي" توڙي "تخليقي" نگاهہ کان واڌارو ٿيو. سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ جي عمارت اڏجي راس ٿي. سنڌي بيتن ۽ واين جا ذخيرا (رسالي) جي خاص نالي سان صورت پذير ٿيا. هن دور ۾ اعليٰ فڪر وارا عارف ۽ وڏا ديده ور دانا ۽ شاعر ساماڻا جن پنهنجن سنڌي بيتن ۾ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جا سبق سمجهايا."[18]

ان کان پوءِ ضميمو ڏنل آهي. جنهن ۾پهرين ماڻهن، قومن ۽ ذاتين جي نالن جي فهرست "الف_ب" جي ترتيب سان ڏنل آهي. تنهن کانپوءِ ملڪن، شهرن ۽ ماڳن جا نالا پڻ "الف_ب")، جي ترتيب سان ڏنو ويو آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻن صفحن تي مشتمل صحتنامو شامل آهي.

مذڪوره ادبي تاريخ جي چوٿين ۽ آخري اشاعت ساڳي اداري يعني سنڌ يونيورسٽي جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ڊائريڪٽر پروفيسر چاند بيبي سلطانه جي دور 1999ع ۾ سامهون آئي. ان حوالي سان پروفيسر صاحبہ لکي ٿي تہ:

"پاڪستان ٻولين جي مطالعي جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو هڪ اهم موضوع آهي. سنڌي ٻولي جي تاريخ ۽ ادب تي جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڏي عرصي کان وٺي تحقيق ۽ تصنيف جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر کي نئين سر روشن ڪيو آهي. "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جي هن موجوده چوٿين اشاعت ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب گهڻين مصروفيتن ڪري ڪابہ تبديلي نہ آڻي سگهيو. تنهن هوندي بہ آءُ بلوچ صاحب جي نهايت ئي احسان مند آهيان جو هن قيمتي ڪتاب جي چوٿين اشاعت بہ پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي حوالي ڪئي آهي." [19]

جيئن تہ هن چوٿين اشاعت کان اڳ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٽئين اشاعت جي مهاڳ ۾ ائين باب ۾ شامل عنوانن کي چوٿين اشاعت ۾ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو پر گهڻين مصروفيتن جي باعث ائين نہ ٿي سگهيو. جنهن جو مصنف خود چوٿين اشاعت جي مهاڳ ۾ هيئن اظهار ڪيو آهي.

"هن ڪتاب نالي "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جي چوٿين اشاعت لاءِ راهہ هموار ٿي آهي. انهيءَ عرصي ۾ ادب جي تحقيق جي سلسلو جاري ۽ ساري رهيو. ائين باب ۾ جن ٻارهن عنوانن تي بنيادي معلومات مهيا ڪئي آهي. تن کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي پر زياده مصروف هئڻ جي ڪري ان جي تڪميل ڪري نہ سگهيس. زندگي وفا ڪئي تہ پنجين اشاعت ۾ ان جي تڪميل ڪئي ويندي [20]

مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هيءَ ادبي تاريخ بعنوان "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جيڪا سندن 40 سالن جي تحقيق جو نچوڙ آهي ۽ جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي نهايت ئي عالماڻي انداز ۾ تحقيق ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد متعلق 1872ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جيڪو پهريون نظريو قائم ڪيو هو ته "سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڄائي آهي". جنهن کي پوءِ تقريباً 78 سالن تائين مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي عالم پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪندا پئي آيا. ڊاڪٽر صاحب ان ۾ هڪ نئون موڙ آندو ۽ پنهنجو هڪ الڳ ۽ نئون نظريو قائم ڪيو ته "سنڌي سامي صفت زبان آهي." جنهن تي پوءِ ڪيترن ئي عالمن تنقيد ڪئي ۽ ائين پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد جي حوالي سان تحقيق جو سلسلو شروع ٿيو. خاص طور ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ سراج الحق ميمڻ جي درميان ٽماهي "مهراڻ" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ تاريخ متعلق تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا شايع ٿيا پوءِ بعد ۾ مرحوم سراج الحق ميمڻ 1964ع ۾ ان آڌار تي "سنڌي ٻولي" نالي ڪتاب پڻ لکيو. ان کان سواءِ هندستان ۾ لعل سنگهه هزاري لعل آجواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن ڊاڪٽر صاحب جي راءِ کان اختلاف ڪيو.

سنڌي ٻولي جي ارتقا ۽ اوسر تي تحقيق ڪندي ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي ادب جي خوبين کي پڻ تاريخي تناظر ۾ دور-وار ڪلهي ٽالپرن جي دور تائين بيان ڪيو آهي.

ڪنهن به ادبي تاريخ کي لکڻ لاءِ بنيادي طور ٽن ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري هوندو آهي. پهريون واقعا، ٻيو انهن واقعن جي ڇانڇ ۽ پرک لاءِ شهادتن جي صورت ۾ ماخذن جي ڳولا يا تحقيق ۽ ٽيون انهن واقعن جي تشريح يا تنقيد. ڊاڪٽر صاحب جي هن ادبي تاريخ جو بغور مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اهو وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اهي ٽئي ڳالهيون ڊاڪٽر صاحب جي هن ادبي تاريخ ۾ نمايان طور نظر اينديون. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جو اسلوب بيان ۽ ٻوليءَ جو استعمال به نهايت عالماڻي انداز ۾ ڪيو آهي جو ان ۾ ڪٿي به مطالعي جي دوران ڪا مشڪل يا منجهه نٿي محسوس ٿئي. سڄي بحث کي آخر ۾ نتيجن جي صورت ۾ اختصار سان بيان ڪري تاريخ جهڙي خشڪ موضوع کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪئي اٿس. ان سان گڏوگڏ هر دور جي سياسي، سماجي حالتن ۽ ان جي پسمنظر ۾ پيدا ٿيندڙ ادب جو جائزو به سلسليوار بيان ڪيو اٿس.

انهن سڀني خوبين جي باوجود هن ۾ اڃا به ڪجهه ڪمين ۽ گنجائش نظر اينديءَ جيئن سومرا دور ۾ ماڻي مرڪان شيخڻ ڳيچ کي متعارف ڪرايو. مگر هن

ڪتاب ۾ ان جو ذڪر ناهي ٿيل. ان کان سواءِ ائين باب ۾ جيڪا بنيادي معلومات ڏنل آهي اها سرسري آهي جنهن جو ڊاڪٽر صاحب خود اعتراف ڪيو آهي. ڪپندو تہ ائين هو جو ڊاڪٽر صاحب ان ۾ جن بہ اهم ادبي شخصيتن بابت مختصر معلومات ڏني آهي ان کي ڪجھ تفصيل سان بيان ڪري ها تہ بهتر هو. هن ڪتاب تي ڊاڪٽر هدايت پريم پنهنجو تنقيدي رايو هن طرح بيان ڪيو آهي:

"بلوچ صاحب جي محنت قابل داد آهي. نئون مواد ادبي تاريخ ۾ نهايت اهم آهي. ٻولي جي تاريخ يعني ٻولين ۾ آيل تبديلين جو احوال مختصر ڏنل آهي. اهڙين تبديلين جو رخ ڪهڙو آهي ۽ سو بہ نہ ڄاڻايو آهي. تاريخ وهڪري ۾ آيل ٻولين ۾ چئن قسمن جون تبديليون تصور ڪيون وڃن ٿيون. 1۔لغوي، 2۔آوازي يا صوتي، 3۔معنوي، 4۔صرفي ۽ نحوي. جڏهن زبانن ۾ ڦيرو ايندو آهي تڏهن الڳ الڳ آوازن جو سوال ناهي جيڪي ٻين انفرادي آوازن سان تبديل ٿين ٿا. مگر ساري سرشتي جو سوال آهي جنهن جو نمونو بدلجي وڃي ٿو جنهن جي جاءِ ٻي سٽاء وارو سرشتو والاري ٿو. تنهن ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تاريخي تحقيق لاءِ ضروري آهي تہ ان جي مختلف دورن ۾ ان جي سٽاء جي سموري سرشتي جو پورو پورو جائزو بياني لسانيات موجب وٺجي. بلوچ صاحب جي مذڪوره ڪتاب ۾ ادب جي ڇنڊڇاڻ تہ خوب ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ٻوليءَ جو تاريخي تجزيو گهٽ ڪيو ويو آهي، جنهن جي حقيقت ۾ بيحد گهڻي ضرورت آهي." (21)

ادب جي تاريخ لکڻ واري جي هڪ اهم ذميواري اها بہ هوندي آهي تہ هو غير جانبداريءَ سان، سچائيءَ سان ۽ بغير ڪنهن تعصب جي ادبي شخصيتن ۽ سندن تحريرن ۽ تصنيفن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ۽ سوچ جي عمل کي اڳتي وڌائي. ڊاڪٽر هدايت پريم مطابق ڊاڪٽر بلوچ ساميءَ تي لکندي تعصب جو رويو اختيار ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ هو لکي ٿو تہ:

"ڊاڪٽر بلوچ جي ذاتي راءِ قابل احترام آهي. ساميءَ لاءِ بلوچ صاحب لکيو آهي تہ: "ياني چئنراء لنڊ کي جيتوڻيڪ "سامي" جي نالي سان مشهور ڪيو ويو آهي. مگر نڪو هو سامي سنت

(سوامي) هو نڪي عام سامين واري رنگ ۾ لباس ۾ هو. هو هڪ سيٺ هو واپار ۾ مشغول رهيو سڄي جواني واپار ۾ سود، لوڀ ۾ مايا جي موه ۾ صرف ڪيائين. ڀائي چئنراء جي ٻولي تي ڏرمي پستڪن واري سنسڪرتي زبان جو رنگ چڙهيل آهي... سندس ويچارن تي گهڻي ڀاڱي هندومت جي چُوراسي جنم وارو اوسيئڙو ڇانيل آهي. سنڌ جي سيني وڏن شاعرن جي برعڪس ڀائي چئنراء جا بيت ۾ سلوڪ نڪي سنڌ جي قصن داستانن جي عام روايت سان وابسته آهن ته نه ڪو وري سنڌ جي عوامي زندگيءَ يا سنڌ جي ماحول سان لاڳاپيل آهي، "ساميءَ لاءِ مذڪوره راءِ دل آزاريءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿي. ساميءَ جو ادبي مقام متعين ڪرڻ دوران سندس هندو هجڻ جو سوچڻ هڪ وڏي ناانصافي ٿيندي."(22)

ڊاڪٽر صاحب جي مذڪوره تاريخ ۾ سڀ کان اهم خامي اها به ٿيندي ته ڊاڪٽر صاحب جي مذڪوره تاريخ جا چار ڇاپا سامهون آيا ۽ ڊاڪٽر موصوف ڇپائي اشاعتن لاءِ مهاڳ به لکيا پر ڪنهن به مهاڳ ۾ "ادبي تاريخ" جي حوالي سان ڪا به اهڙي معلومات ناهي فراهم ڪئي جو ايندڙ نسل لاءِ رهنمائي جو باعث بڻجي ها. ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ جي حوالي سان تمام وڏي شخصيت جا مالڪ هئا ان ڪري هتي ان متعلق ڪجهه بيان ڪن ها ته ادبي تاريخ ڇا آهي؟ ان کي ڪيئن لکجي ۽ ان لاءِ ڪهڙا اصول هئڻ گهرجن؟ ته بهتر ٿئي ها. پر ان متعلق نه لکي ڊاڪٽر صاحب ان ڪمي جو احساس ڏياريو آهي. ان کان سواءِ سنڌي ادبي تاريخ جي اها به بدقسمتي ٿيندي جو ڊاڪٽر صاحب جهڙو عالم سنڌي ادب جي تاريخ کي مڪمل نه ڪري سگهيو ۽ صرف ٽالپرن جي دور تائين سنڌي ادب جي سرسري تاريخ لکي سگهيو. اگر ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي ان طرف پنهنجي توجه مرڪوز ڪري ها ته ان ڪمي جو پورائو ٿي پئي سگهيو ۽ موجوده دؤر تائين سنڌي ٻولي ۾ ادب جي مڪمل تاريخ لکجي وڃي ها. بهرحال تنهن هوندي به ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل مذڪوره ادبي تاريخ بعنوان "سنڌي ٻولي ۾ ادب جي تاريخ" سنڌي ادبي تاريخ نويسيءَ ۾ هڪ اهم اضافو ٿيندو.

حوالا


1. جوڻيجو جبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد ٽيون، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2005ع، ص_328
2. ساڳيو
3. يوسف سنڌي، مضمون "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ"، ڪتاب، سنڌي ادب، ساڳيو دڙو سچائي اشاعت گهر، 2011ع، ص_448
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مهاڳ (پهرين اشاعت جو)، ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، مصنف ساڳيو حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز 1980ع، ص_الف
5. ساڳيو ص_ب
6. ساڳيو ص ص_29_30
7. ساڳيو ص_66
8. ساڳيو ص_ج
9. ساڳيو ص_د
10. ساڳيو ص_و
11. ساڳيو ص_ز
12. ساڳيو ص ص_110_111
13. ساڳيو ص ص_311_312
14. مغل، محمد يعقوب، ڊاڪٽر، "ناشر پاران"، ڪتاب، ساڳيو ڇاپو ٽيون، 1990ع، ص_ب
15. ساڳيو ص_11
16. ساڳيو ص ص_369_370
17. ساڳيو ص_12
18. ساڳيو ص ص_475_476
19. چاند بيبي سلطانہ پروفيسر "ناشر پاران"، ڪتاب، ساڳيو چوٿون ايڊيشن، 1999ع، ص_خ
20. ساڳيو ص_12 (الف)
21. هدايت پريم، ڊاڪٽر مضمون "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ"، ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق، مصنف، ساڳيو حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2007ع، ص_87
22. ساڳيو ص_88

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا/
راز شاهاڻي

# ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" جو مختصر جائزو

## Short analysis of classical literature complied & researched by Dr. N.A Baloch

**ABSTRACT:**

Doctor Nabi Bux khan N.A Baloch (16th December 1917-6th April 2011) is one of the most prominent writer and scholar of Sindh, which is introduced and emphasized the newly emerging trends of creative research work both in language and literature. He is the man symbol of courage and honor. He has done his literary work from the different aspects like: Research on History of Sindh, origin of Sindhi Language, Dictionary, folklore, Culture, Islamiat, Philosophy, Education, Geography, Classical (ASASI) poetry etc. He produced his literary work in six languages i.e Sindhi, English, Arabic Persian, Urdu, & Seraeki. He wrote hundreds Books and thousands articles on above topics. In this short article I will discussed on his compilation & research work on Classical poetry of Sindhi language, which is highly appreciable and never forgettable in the history of Sindhi literature.

هونءَ تہ "مداحون ۽ مناجاتون" 1959ع کان شروع ٿيل ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتابن جي، اشاعتي سلسلي جا، مناقبا، مولود، لوڪ گيت، ڳجهارتون، مشهور سنڌي قصا، سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (مختلف جُلد) جُملي ڇيهل 42 کن ڪتاب بہ "اساسي ادبيات" ۾ شمار سمجهڻ کپن پر پاڻ هِن موضوع هيٺ سنڌس اساسي شاعريءَ جي سهيڙيل ڪم . اُن حوالي سان ڪيس پيش آيل ڏکيائين ۽ جستجو جو مختصر جائزو پيش ڪنداسين. اساسي شاعريءَ جي سهيڙ ۾: "قاضي قادن جو رسالو". "شاهہ لطف

الله قادريءَ جو ڪلام"، "مين شاهه عنات جو ڪلام"، "خليفي صاحب جو رسالو" "ڪُليات حمل" وغيره سميت "شاهه جو رسالو" (ڏهه جُلد) ۽ ٻين ڪلاسيڪي/صوفي شاعرن جا ڇپيل رسالا اچن ٿا. جيڪو ادبي تاريخ جو اثاثو ۽ ادبي ڪارنامي کان گهٽ نہ آهي.

اساسي شاعريءَ جي سهيڙيل تاريخ ساز ڪم جو تفصيل ڏيڻ کان اڳ، ڊاڪٽر بلوچ جي عالمانہ (scholarly) خدمتن بابت ڪجهہ رايا معلوم ڪيون تہ اسڪالر سندس ڪم کي ڪهڙي نظر سان ڏسن ٿا. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو سهہ ماهي مهراڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي علمي خدمتن جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (16 ڊسمبر 1917ع، 6 اپريل 2011ع) موجوده دور جو وڏو مورخ، عالم ۽ اديب هو بلڪہ دنيا جي هن حصي ۾ ڪيس ويهين صديءَ جو هڪ وڏو محقق ۽ اسڪالر چئي سگهجي ٿو جنهن جو ثبوت سندن تحقيقي ڪم جي عالمي سطح تي ميجتا آهي. ڊاڪٽر صاحب جو علمي سرمايو ڇهن زبانن ۾ موجود آهي جنهن ۾ سنڌي، انگريزي، عربي، فارسي، اردو ۽ سرائيڪي شامل آهن. سندن غير معمولي تحقيق جي نوعيت ۽ وسعت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان ۾ قرآن ۽ حديث، اسلامي فنون ۽ فلسفو تعليم ۽ تدريس، لغت، لوڪ ادب، تاريخ ۽ جاگرافي آثار قديمہ ۽ ثقافت ويندي موسيقي جهڙا موضوع شامل آهن" (1)

سهہ ماهي مهراڻ جي مٿين ڄاڻايل نمبر ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون ۾ ، ڊاڪٽر غلام علي الانا سندس باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "ڊاڪٽر صاحب هڪ گهڻ – پهلو ۽ ٻهڳڻو دانشور هو. سندن ڄاڻ جو اهو پهلو چاهي علم التعليم جو هجي يا ادبيات جو اهو پهلو چاهي علم اللسان جو هجي يا علم اللغات جو اهو پهلو چاهي سنڌ جي

> آثار سناسيءَ جي باري ۾ هجي يا سنڌ جي ثقافت جي باري ۾ اهو پهلو سنڌ شناسيءَ متعلق هجي يا لطيف شناسيءَ متعلق، اهو پهلو اساسي ادبيات بابت هجي يا لوڪ ادب جي باري ۾ هجي، ڊاڪٽر صاحب انهن سڀني علمن ۾ وڏي ڄاڻ رکندڙ عالم ۽ مُبلغ هو.“ (2)

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راين ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي گهڻ پاسائين علمي خدمتن جي نشاندهي ۽ تعريف ڪيل آهي. اُن ۾ شڪ به نه آهي ته سندس همه گير شخصيت خُداداد صلاحيتن جي مالڪ هُئي. هُونءَ بُنيادي طرح هُن علم التعليم (Education) ۾ پي ايچ ڊي ڪئي هُئي پر سندس لاڙو علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت سان به اوترو ئي چاهه وارو هو. پاڻ ادب جي تقريبن سمورن شاخن ۽ شعبن جهڙوڪ: سنڌ جي تاريخ، ٻولي جو بُڻ بُنياد، ادب ۽ شاعريءَ جي ابتدا، لوڪ ادب، لُغت نويسي، ثقافت و آثار قديمه اسلاميات، فلاسافي، فنِ موسيقي، خاڪا نويسي تي قلم آزمائي ڪئي.

”اساسي ادبيات“ ۾ اساسي شاعريءَ جي سهيڙ ۽ تحقيق جو ڪم به ڊاڪٽر بلوچ جي ادبي خدمتن جو اهم پهلو آهي، جنهن تي هُن دلي خوشي ۽ پوري ذميداريءَ سان تحقيق ڪئي. اساسي شاعريءَ جي کوجنا ۽ تحقيق ۾ ڪيس وڏي دلچسپي ۽ بي چيني هوندي هُئي. پنهنجي تحقيق ۽ ترتيبيل ”قاضي قادن جو رسالو“ جو سڄو مُهاڳ سندس جي اهڙي علمي کڻ ڳوت جي هڪ جهلڪ پيش ڪري ٿو جنهن منجهان اساسي ادبيات ۾ سندس خصوصي دلچسپيءَ جو اظهار پڻ ملي ٿو. رسالي جي مُهاڳ ۾ هُو لکي ٿو ته:

> ”ايترن سارن گهڻن بيتن جو دستياب ٿيڻ قاضي قادن تي نئين سر تحقيق لاءِ هڪ پيغام هو. انهيءَ ڪري وڌيڪ معلومات لاءِ جون 1979ع ۾ آءٌ دهلي ۾ وڃي هيرو نڪر ۽ راجا رام شاستري سان مليس. شري شاستري کان معلوم ٿيو ته راٺيلا واري گرنٿ ۾ لکت جو سال ڄاڻايل ڪونهي، پر ان کان سواءِ تي ٻيا قلمي گرنٿ موجود آهن جن ۾ پڻ هڪ باب هيٺ قاضي قادن ۽ ٻين جا بيت لکيل آهن“. (3)

مهاڳ جي اڳئين صفحي تي مٿئين ڳالهہ جي تسلسل (Continuation) ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"جنهن ڏينهن (24 جون 1979ع) تي آءٌ ساٿس سندس گهر مليس تنهن ڏينهن ان گرنٿ جو نقل پڻ ڏيکاريائين. ۽ 118 ڇپيل بيتن کان سواءِ باقي بيت اردو صورتخطيءَ ۾ لکي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. 26 جون تي وري وڃي ساٽس مليس پر ايجان اهي بيت ڪين لکيا هئائين. پوءِ مون هيري ٺڪر کي صلاح ڏني تہ هو انهن بيتن کي ڏسي ۽ انهن ۾ قاضي قادن جا يا ٻيا جيڪي سنڌي بيت هجن سي گڏ ڪري ۽ سندس ڇپايل ڪتاب"قادن جو ڪلام" جي ٻئي ايڊيشن ۾ اهي شامل ڪري. ان وقت کيس وڏو شوق هو ۽ مون کي بہ خاطري ڏنائين تہ جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو هو اهي سڀ قلمي ڪتاب ڏسي پنهنجي ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن شايع ڪندو. دهلي مان موٽي اچڻ کان پوءِ وري ڏانهس يادگيري لاءِ خط لکيم تہ اهو ڪم پورو ڪري پر پوءِ سندس جواب ڪو نہ آيو. راجا رام شاستري ڏانهن بہ خط لکيم پر ڪو جواب نہ آيو تہ بہ انهيءَ آس اميد ۾ رهيس تہ هيرو ٺڪر، شري شاستري يا ٻيو ڪو اُتي جو اديب اهي قلمي ڪتاب پڙهندو ۽ قاضي قادن جي بيتن جو سڄو ذخيرو شايع ٿيندو. ائين انتظار ڪندي جڏهن ڏهہ سال کن گذري ويا تڏهن آخرڪار سنہ 1988ع ۾ مون ارادو ڪيو تہ آءٌ پاڻ پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪريان ۽ انهن باقي قلمي پستڪن مان قاضي قادن جي بيتن وارو جيڪو ڪجهہ مواد هٿ اچي سو مطالع ڪريان تہ جيئن سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي تاريخ ۾ جيڪو شروعاتي خال آهي سو پرجي سگهجي". (4)

متئين بيان مان. "اساسي ادبيات" جي سهيڙ ۽ چنڊڇاڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي غير معمولي دلچسپيءَ جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. ساڳئي مهاڳ ۾ قاضي قادن جو ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ ورتل مزيد ڪوشش جو هُن، اڳتي هلي ذڪر ڪيو. جنهن ۾ ادبي بورڊ جي ڪُتبخاني مان هٿ ڪيل قلمي نُسخي "حڪايات الصالحين" يا "بيان العارفين" مان قاضي قادن جو ڪلام ڳولي، چنڊڇاڻ ڪرڻ يا راجستان يونيورسٽي جيپور جي پروفيسر ڊاڪٽر ناٿ سان جيپور ۾ موجود دادو پنٿي ادارن ۾ سانديل قلمي گرنٿن جا نُسخا حاصل ڪرڻ لاءِ هُن جيڪي جتن ڪيا ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي اُن کي ڪوبہ مورخ فراموش ڪونہ ڪري سگهندو.

"اساسي ادبيات" سهيڙ ۽ تحقيق جو جائزو:

1. قاضي قادن جو رسالو:

قاضي قادن جو رسالو تحقيق ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌيونيورسٽي . ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" خدمتن جي اهم ڪڙي ۽ علمي ڪارنامو آهي. هيءُ رسالو سال 1999ع ۾ ڇپيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي عالمانہ تحقيق جو هڪ شاهڪار مثال آهي. ترتيب جي لحاظ کان رسالو ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ قاضي قادن جي سوانح حيات، بيتن جون روايتون ۽ ماخذ ۽ قاضي قادن جي فڪر تي روشني وڌل آهي. ٻئين ڀاڱي ۾ بيتن جي موضوع وار ترتيب ڏنيل آهي ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ مختلف ماخذن مان قاضي قادن جا بيت ڏئي ماخذ ڄاڻايل ۽ پڻ جُدا جُدا پڙهڻيون ڏنل آهن.

پهرين ڀاڱي ۾ قاضي قادن جي سوانح کي، تاريخي ماخذن، تاريخ معصومي، طبقات اڪبريہ بيان العارفين، جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. خاص طور سنڌس نالي "قاضي قاضن" يا "قاضي قادن" هئڻ بابت ڊاڪٽر بلوچ عالمانہ بحث ڪيو آهي ۽ اُهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ دُرست نالو "قاضي قادن" آهي. تنهن کان علاوه قاضي قادن جو خانداني پسمنظر، ولادت، تعليم، جواني وارو دور ۽ شادي ، مهدوي طريقي ۾ سنڌس داخل ٿيڻ، شاهہ بيگ ارغون سان سنڌس تعلقات جو قائم ٿيڻ، قاضي القضات جي منصب تي فائز ۽ وفات تائين جا واقعات بيان ٿيل آهن.

ٻئي ڀاڱي ۾ بيتن جي موضوعاتي ورڇ ۽ ترتيب سان، معنوي تشريح ۽ دُرست پڙهڻي ڏنل آهي. گڏوگڏ بيت جو ماخذ بہ ڏيکاريل آهي. بيتن کي سندن پيغام ۽ فڪر جي لحاظ کان ڌار ڌار موضوعن ۾ ورهائڻ وارو ڪم ڊاڪٽر بلوچ اعليٰ نموني انجام ڏنو. جُملي بيتن کي ستاويهن موضوعن ۾ ورڇي ترتيب ڏنو آهي. هيءَ مستقبل جي محققن لاءِ هڪ وڏي آساني پيدا ڪيل آهي. جن موضوعن ۾ بيت ورهايل آهن تن ۾ : ا(1)حمد: سائين جي ساراهہ(2) وحدت ۽ ڪثرت(3) رسمي علم ۽ عمل(4) ناقص علم ۽ عمل(5) علت ۽ عادت (6) سورهيائي ۽ خود اعتمادي (7) ترهي جي تات (8) ڪاهوڙي (9) گهاتو: ڪلاچي جو ڪن (10) لڱو مڱڻو (11) سڪ ۽ سچائي (12) سسئي: لڳي وڃان پير (13) ليلان: توکي وڻان ڪيئن (14) ماڻڪ ۽ موتي (15) ڪي ويجهائي ڏور (16)ڳرا ڳوڙها سپرين (17) اکيون (18) ڪهي ڪيا شهيد (19) جي تو لائي رچمچ (20)عشق جي آتش ۽ اچ (21) محبت کي ڍڪڻ (22) حقيقي سڄڻ (23) هنجهہ : اعليٰ اخلاق وارا (24) سُتا اُٿي جاڳ (25) پهرين پاڻ وڃاءِ (26) پهرين پاڻ پرک (27) الست ارواحن کي

ٽئين ڀاڱي ۾ قاضي قادن جي مختلف ماخذن مان بيت ۽ اُنهن جي پڙهڻي ڏنل آهي. هِن ڀاڱي جي اهميت ۽ اُن کي رسالي ۾ شامل ڪرڻ جي خود ڊاڪٽر بلوچ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

> "هن ڀاڱي هيٺ، جن ڏهن اصل ماخذن جو ذڪر "ڀاڱي پهرين – 2 ۾ ڪيو ويو آهي، تن ۾ قاضي قادن جا بيت (۽ انهن سان گڏيل ٻيا بيت) جيئن ڏنل آهن تئن ڏنا رکيا آهن. هيءَ ضميمو انهيءَ لاءِ شامل ڪيو ويو آهي، تہ جيئن قاضي قادن جي بيتن کي اصل ماخذن جي حوالي سان سڃاتوُ ڃي ۽ پڻ اصل ماخذن واريون جدا جدا پڙهڻيون سامهون اچن ڀاڱي ٻئي هيٺ "رسالي" جي بيتن جي تصديق لاءِ انهن اصل ماخذن جا حوالا لازمي آهن. البت "رسالي" ۾ شامل سيني بيتن کي، اصل ماخذن واري صورتخطي بدران نئين سر صاف ٻولي، معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ سان سنواري رکيو ويو آهي". (5)

ڊاڪٽر بلوچ جي بيان مان هن ڀاڱي جي اهميت جو ازخود اندازو ٿئي ٿو تہ اُهو ڪهڙي ارادي سان رسالو ۾ شامل ڪيو ويو. ڪلُ ڏهن ماخذن مان. سنڌ جي روايت وارا ڇهہ ماخذ: تذڪره قطبيہ گلزار ابرار بيان العارفين. شاهہ جو رسالو حڪايات الصالحين. ملفوظات " خزانتہ الحڪمتہ" ۽ دادو ديال جي روايتن وارا ماخذ جيپور گرنٿ6. سنتون ڪي واڻي. گرنٿ "ورهد" ۽ جيپور گرنٿ 4 شامل آهن. اهڙي ريت "قاضي قادن جو رسالو" ڊاڪٽر بلوچ جي سهيڙ ۽ ترتيبل اساسي شاعريءَ جو هڪ اهم حصو آهي ۽ رسالي ۾ بيتن جي پڙهڻي، اُنهن جا ماخذ يا خاص طور موضوع وار ترتيب ۾ بيتن جي ڪيل ورچ هڪ وڏو عالمانہ ڪارنامو آهي.

2. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام:

شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام . تحقيق ۽ تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌيونيورسٽي . ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" سهيڙ ۾ تحقيق جو هڪ ٻيو وڏو علمي ڪارنامو آهي ۽ اُهو شيخ المشائخ شاهہ لطف الله جي ٻن ڪتابن "منهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي" جي بيتن تي مشتمل آهي. بيتن کي "متن رسالي جو" عنوان سان ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. لڳ ڀڳ 104 صفحن تي مشتمل ڪتاب جي ابتدائي 47 صفحن تي ڊاڪٽر بلوچ مقدمو لکيو آهي، جيڪو عالماناطرز تحرير جو شاهڪار نمونو آهي. ناشر جي نوٽ ۾ شوڪت حسين شورو ڪتاب جي اهميت ۽ مقدمي جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "سنڌ جي قابل احترام عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جنهن سنڌيءَ جي ٻهن بہ ڪيترن ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ تي تحقيق ڪري ۽ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. شاهہ لطف الله قادريءَ جي ٻن تصنيفن "منهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي" مان ساڍن ٽن سون کن بيتن جو آڳاٽو ۽ ناياب ذخيرو هٿ ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي." هُو

> ساڳئي نوٽ ۾ اڳتي هلي لکي ٿو تہ: " ڊاڪٽر بلوچ شاهہ لطف الله قادري جي رسالي بابت جيڪو عالمانہ مقدمو لکيو آهي، اهو سنڌيءَ جي هن اساسي (ڪلاسيڪي) شاعر جي سوانح حيات ۽ سندس شاعريءَ تي هڪ تفصيلي تحقيقي مقالو آهي". (6)

ڪتاب ۾ شامل بيت هٿ ڪرڻ جي لاءِ ڊاڪٽر بلوچ کي قاضي قادن جي ڪلام وانگر هتي بہ وڏا ڪشالا ڪڍڻا پيا جو زماني جي لهہ وچڙ سبب هِنن بزرگ شاعرن جو گهڻو ڪلام وقت جي وهڪري ۾ لُڙهي ويل هو اُن ڪري قوي قياس آهي تہ سنڌ جي علم ادب جو وڏو خزانو تہ اڃا سوڌو هٿ ئي نہ اچي سگهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جيئن تہ علم ادب جو عاشق ۽ اُن جي سهيڙ جو ڪيس وڏو اونو هو تنهنڪري شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ بہ هُن کي وڏا جتن ڪرڻ پيا. اُن حوالي سان ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

> "ڊاڪٽر صاحب (علامہ دائودپوٽو) پنهنجي مضمون ۾ فقط پنج بيت نمونني طور ڏنا هئا پر جيئن تہ "منهاج المعرفت" هڪ آڳاٽو ڪتاب هو. بنده کي بيحد اشتياق رهيو تہ باقي بيت پڻ پڙهي شايع ڪجن. اتفاق سان ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب سگهوئي پورو اسان کان جدا ٿي ويو ۽ راقم کي هن ڪتاب ڏسڻ جو موقعو نہ مليو. جڏهن محترم ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب کان پڇا ڪيم تہ ٻڌايائين تہ: " اهو قلمي ڪتاب ڊي جي ڪاليج، حيدرآباد جي لئبرري جو هو ۽ مون ڊاڪٽر صاحب جن جي حوالي ڪيو هو جو پورو وٽن ئي رهجي ويو." انهي اميد تي تہ من هي ڪتاب ڪٿان ملي وڃي، مسلسل ڳولا جاري رکي وئي. پنجن سالن بعد سنہ 1963ع ۾ حافظ احمد لاکي جي ڳوٺ (تعلقو ميرپور بٺورو) وڃڻ ٿيو جتي سندس وڏن جي ڪتبخاني جا باقي بچيل ڪتاب

ڏنا ويا. حافظ احمد صاحب مهرباني ڪري هڪ قلمي جلد تحفي طور ڏنو. ". (7)

مقدمي جي اڳئين صفحن تي "سنڌي رسالو" هٿ ڪرڻ لاءِ ورتل ڪوشش جو بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

""منهاج المعرفت" جي ملڻ بعد وڌيڪ آسرو ٿيو تہ شايد هن بلندي پايي عالم ۽ عارف جا ڪي ٻيا ڪتاب پڻ دستياب ٿين. انهيءَ ڪري وڌيڪ ڳولا جاري رکي وئي. سنہ 1964ع ۾ اسان جي ساٿي ۽ سڄڻ شيخ محمد سومار صاحب (ساڪن بدين) هڪ سنڌي قلمي جلد مطالعي لاءِ موڪليو." اڳئين صفحي تي اُن جي تسلسلي ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ: "8ــ بيتن ۾ سنڌي رسالو. هن "مجموعي" وارو اهو آخري ڪتاب ٿي شاهہ لطف الله قادري جو رسالو هو جنهن جو دستياب ٿيڻ نهايت نيڪ فال هو." (8)

ڪتاب جي مقدمي ۾ اڳتي هلي ڊاڪٽر بلوچ شاهہ لطف الله قادريءَ جي سوانح حيات، فڪر ۽ تصوفي سلسلي جي باري ۾ تفصيل سان معلومات درج ڪئي، جيڪا اڳ ۾ اهڙي مفصل انداز ۾ نہ ڇاڻايل هُئي. جيڪا يقينن ڊاڪٽر بلوچ جي علم ادب ۽ اساسي شاعرن ۽ ساڻن لاڳاپيل واقعن ۽ حالتن سان بيحد لگن جو اظهار ٿئي ٿو. مقدمي جا آخري 13 صفحا ڊاڪٽر بلوچ، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعرن ۾ هڪجهڙائي بيان ڪرڻ ۾ صرف ڪيا. جنهن منجهان ڪُجهہ مثال هتي پيش ڪجن ٿا:

| شاهہ لطف الله قادري | شاهہ عبداللطيف |
|---|---|
| اُت آهي عجز سيڪنهن کي نہ ڪي گير بہ گلا(ص 3 | مهاٽي جي من ۾ نہ گير ب نہ گاءِ (ڪاموڏ) |
| عمل ات اوچون ٿئي نہ ڪو فڪر پنڌ (ص 4) | عقل ئي اوچون ٿئا، پورو ڪين پڄي (حسيني) |
| عقل ات اوچون ٿئي ڪا جا ڏسي پت | عقل ات اوچون ٿيو هو هليا سامهان هوءِ |
| عقل ات اوچون ٿي نہ ڪا فڪر جاءِ (ص 5) | مونکي ان مذڪور جي، ٻاس نہ پيئي ٻوءِ (يمن) |
| هَي هَي ڪندا هاءِ رُڻندا عارف اڳ وئا (ص 5) | ڪندا ويا تنوار عالم عارف اهڙي (آسا) |

اهڙيءَ ريت هنهيءَ جي ڪلام ۾ پيٽ ڏيکاريندي شاهه تي ميان لطف الله قادريءَ جي فلسفي جو اثر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيڪا يقينن ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق جي علم تي عبور ۽ اساسي شعري خزاني ۾ سندس بيحد دلچسپي ۽ خيرخواهيءَ جو زنده مثال آهي.

### 3. ميين شاهه عنات جو ڪلام:

"ميين شاهه عنات جو ڪلام" ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" جو ٽيون وڏو ڪارنامو آهي. سندس تحقيق ۽ تصحيح ٿيل هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پهريون پيرو سال 1963ع ۽ ٻيو پيرو سال 2010ع ۾ ڇاپيو. ٻيو ڇاپو اي فور سائيز جي لڳ ڀڳ 361 صُفحن تي مشتمل آهي. "ميين شاهه عنات جو ڪلام" ڊاڪٽر بلوچ جي اساسي شاعريءَ تي تحقيق جو نادر نمونو آهي. خاص طور مُهاڳ ۽ مقدمي ۾ شاهه عنات، اُن جي زندگي، شاعريءَ خاندان، اولاد ۽ سندن شاعريءَ شوق ۽ شُغلن جي حوالي سان ڪارائتي ڄاڻ ڏنل آهي. جنهن لاءِ علم ادب جي هِن عاشق کي وڏي محنت ڪرڻي پئي هوندي. ميين شاهه جي ڪلام تي تحقيق ۾ سندس دلچسپيءَ جو هڪ ڪارڻ هيءُ به هو ته اُن کان اڳ، شاهه جي شعري بلوغت به سندس لاءِ ڳجهارت بڻيل هئي، جو سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ فِدائي جستجو ۾ هو ته ڪنهن طرح اِهو ڳُجهه ڳولي لهجي ته شاهه کان اڳ جي شعري حالت ڪهڙي هُئي؟ اُن حوالي سان پنهنجي اُڻ تُڻ جو اظهار ڪندي مُهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

> "شاهه عنايت الله عرف "ميين شاهه عنات" جو ڪلام اعليٰ سنڌي شاعري جو پهريون شاهڪار آهي. مگر اتفاق سان ورهين جي وٿيءَ بعد سڀ کان پوءِ شايع ٿي رهيو آهي. هن قيمتي ڪلام جي قلمي نسخن جو محفوظ رهڻ جڻ هڪ معجزو آهي، ۽ ان جي اشاعت "ڪلاسيڪي سنڌي شاعري" جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب کان ڪنهن پر ڪم نه آهي. هن ناياب ذخيري جي شايع ٿيڻ سان سنڌي جي عروج جي تاريخ ۾ پنجاهه سٺ سالن جو اضافو ٿئي ٿو. هن وقت تائين سنڌ جي سداحيات ۽ سرتاج شاعر بلڪه دنيا

جي عظيم ترين شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي
شعر جو تاريخي پس منظر مبهم هو. ائين پئي لڳو تہ
ڄڻ سنڌي شاعري بنا ڪنهن ارتقاءَ جي، شاهہ جي
شعر ۾ اوچتو پنهنجي بلوغت کي پهتي. ميين شاهہ
عنات جو ڪلام سنڌي شاعري جي مسلسل
ارتقائي اوج ۽ عروج تي شاهد آهي، ۽ شاهہ جي
شعر جي تاريخي پس منظر جو چٽو آئينو آهي." (9)

"ميين شاهہ عنات جو ڪلام" جي بيت ۽ وائين کي موضوع جي لحاظ کان سُرود (سُرن) ۾ ورهائي ترتيب ڏنو ويو آهي. سرود جو ڪُل انگ ٻاويهہ آهي، جن ۾ (1) ڪلياڻ (2) جمن (3) ڪنيات (4) سرود سريراڳ (5) رامڪلي (6) مارئي (7) پرڀات (8) ڏناسري (9) جيتسري (10) پورب (11) ليلا (12) آسا (13) ڪاپائتي (14) ڏهر (15) مومل راڻو (16) بلاول (17) ديسي (18) سورٺ (19) سارنگ (20) توڏي (21) ڪاموڏ (22) ڪارائيڙو شامل آهن. سرود کان علاوہ ڪجهہ شعر "اضافا" جي عُنوان سان پڻ شامل ڪيا ويا، جنهن لاءِ لائق محقق ڄاڻايو آهي تہ اُهو ڪلام (مختلف سُرودن جو) ڪنهن سبب ڪري ابتدا ۾ رهجي ويو تنهن ڪري اُن کي ذڪر ڪيل عنوان تحت مُشترڪ رکيو ويو آهي. مين شاهہ جي ڪلام سهيڙڻ ۽ اُن جي تصحيح دوران ڪيس جيڪي علمي ڏکائيون پيش آيون. يا سهيڙ دوران پاڻ جيڪي علمي ذميداريون محسوس ڪيائون تنهن جو مهاڳ ۾ ذڪر ڪندي لکن ٿا تہ:

"مين شاهہ عنات ۽ سندس گروہ جي شاعرن جي
ڪلام جي تصحيح ۾ ڪافي دشواريون پيش آيون.
اول تہ مين شاهہ عنات جي زبان نهايت ڳوڙهي ۽ لغت
آميز آهي، جنهن کي سمجهڻ ايترو آسان نہ آهي، ٻيو
تہ نسخو ن آڳاٽي سنڌي صورتخطي ۾ لکيل آهي
جنهن کي سولائيءَ سان پڙهڻ مشڪل هو البت
نسخي ق جي صاف سنڌي صورتخطي ۽ سگهڙن جي
ڪن زباني روايتن مان قدري رهنمائي ٿي، پر تنهن
هوندي بہ ڪافي انوکا الفاظ ۽ اصطلاح تحقيق طلب
رهيا. ٽيون تہ اهڙا بيت جي ن توڙي ق ۾ ڪين هئا ۽

نقط ڪنهن هڪ قلمي ماخذ يا زباني روايت ذريعي ملڻيا. انهن کي پيٽڻ لاءِ پيو ڪو ذريعو ڪو نہ هو جنهنڪري انهن جي تحقيق ۽ تصحيح تي ڪافي غور ڪرڻو پيو. مثلا: ڪي بيت نقط "ديواني شاهہ جي درگاهہ" جي مسجد جي ديوار تي نهايت مشڪل ۽ ميساريل صورتخطيءَ ۾ مليا. جن جي صحيح پڙهڻي قائم ڪرڻ ۾ ڇڻ جبل ٽاڪڻو پيو."(10)

قديم صورتخطيءَ يا زباني روايتن تحت دستياب شعري خزاني تي تحقيق ڪرڻ يا اُن جي دُرست پڙهڻي قائم ڪري، لکت ۾ دستياب ڪلام سان موضوع ۽ صحت جي پيٽ ڪرڻ يقينن وڏي ذميداري وارو اوکو ڪم آهي. البت ڊاڪٽر بلوچ ٻولي، وطن ۽ ادب جي عشق ۾ اهڙو ڪم سارانجام ڏيڻ ۾ خاصي مهارت رکندو هو جو اساسي شاعريءَ جو وڏو خزانو گڏ ڪري سنڌي شعري ادب تي وڏو احسان ڪيو آهي. ميين شاهہ جي ڪلام تي تحقيق ۾ سندس، ساڍا ٻارنهن سال (1950ع کان 1961ع) صرف ٿيا تڏهن وڃي تحقيق جو ڪم مڪمل ٿيو ۽ اهو اساسي شاعريءَ جي شعري خزاني ۾ بيش بها اضافو ممڪن ٿيو. مقدمي جي آخر ۾ ڪلام جي ابتدا کان اڳ ميين شاهہ ۽ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ پيٽ ڏسيل آهي، جنهن مان چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| شاهہ عبداللطيف | ميون شاهہ عنات |
| --- | --- |
| اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا (ليلان چنيسر داستان3: بيت 5) | اوڳڻ پائي پاند، پرين آيس تو مٽي (ڪلياڻ فصل 1 : بيت 3) |
| پائي آيس پاند ۾، اوڳڻ عيب اپار (مارئي 8: وائي) | برڪت محمد ميں، پار پهتا پهيڙا (ڪلياڻ 1: 7) |
| سرڻ تهنجي سير، تون پار لنگهائين پهيڙا (ڏهر 2:2) | الست اروحن کي جڏهن جاڳايو جبار (ڪلياڻ2: 1) |
| الست اروحن کي جڏهن جاڳايو جليل (سهڻي 1: 10) | |

## 4. شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام (ڏهہ جُلد):

ڊاڪٽر بلوچ جي "اساسي ادبيات" يا ڪلاسيڪي ڪلام جي سهيڙ جو هڪ وڏو ڪارنامو شاهہ جو رسالو ڏهن جُلدن ۾ ، معياري متن ۽ شرح سان تيار ڪرڻ آهي، جنهن جي تڪميل، هِن اڪابر جي پنيهہ (1966ع کان 1998ع) سالن جي مسلسل اڻٿڪ محنتن جي بدولت ممڪن بڻي. "مستند معياري متن" ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي لکيل تعارف تان حوالو نقل ڪندي ، سهہ ماهي مهراڻ جي خاص نمبر اداريي ۾ هِن حوالي سان لکيل آهي تہ:

> "شاهہ جي رسالي بابت ذري گهٽ هڪ صديءَ تي ڦهليل تحقيق جو آغاز ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڊاڪٽر گُربخشاڻيءَ ڪيو. اها تحقيق ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي هٿان پنيهن سالن جي مسلسل محن سان رسالي جي ڏهن جلدن ۾ پايہ تعڪميل تي پهتي."(11)

ڏهہ جُلدي رسالي جي پهرين جُلد ۾ شاهہ جي سوانح بابت احوال کان علاوه، شاهہ جي رسالي جي اصليت ۽ حقيقت ۽ رسالي جي قلمي نسخن ۽ ڇاپن جي سڃاڻپ ، رسالي جي تدوين ۽ تاريخ بابت قيمتي مواد ڏيڻ سان گڏ سُر ڪلياڻ ۽ يمن جو مستند متن شامل آهي. اهڙي طرح ايندڙ نون جُلدن ۾ پڻ سُروار بيتن جو معياري متن ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ ڇهہ هيٺيان تحقيقي معيار مقرر ڪري بيتن ۽ واين جي پرک ڪئي وئي. معيارن ۾ (1) ماخذن طور رسالن جي تعداد جو معيار (2) رسالن جي قدامت جو معيار (3) رسالن جي پيٽ جو معيار (4) سنڌي ٻولي ۽ بيان جي سهڻائي جو معيار (5) اعليٰ شاعري جو معيار (6)اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار شامل آهن. هِن مضمون ۾، مذڪوره ڪم جو مختصر احاطو بہ ممڪن نہ آهي، ڇو تہ اِهو هڪ الڳ سان پورو موضوع آهي، تنهنڪري بيان کي سميٽيندي ، ڊاڪٽر بلوچ جي هڪ ٻئي اهم ڪم "خليفي صاحب جو رسالو" طرف ايندا سين.

### 5. خليفي صاحب جو رسالو:

"خليفي صاحب جو رسالو" اساسي/ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي آخرين ڪڙي خليفي نبي بخش لغاريءَ جو سهيڙيل ڪلام آهي، جنهن جي تحقيق ۽ تصحيح ڊاڪٽر بلوچ ڪئي آهي. رسالي جو پهريون ڇاپو سال 1966ع ۽ ٻيو ڇاپو 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو. هيءُ رسالو پڻ ڊاڪٽر بلوچ جي عالمانه تحقيق جو هڪ شاندار نمونو آهي. بقول سندس جي ته خليفي صاحب جو سُر سسئي هُن پنهنجي ناني مرحوم لعل بخش خان کان ٻُڌو هو جنهن کان پوءِ کيس اشتياق پيدا رهيو ته سندس ڪلام هٿ ڪري ڇپائجي. جيڪا خواهش بل آخر 1944ع ۾ پوري ٿي ۽ کيس خليفي صاحب جو ڪلام هٿ آيو جنهن کي هُن سنواري سهيڙيو ۽ ادبي بورڊ پوءِ اُن کي 1966ع ۾ ڇپايو. خليفي صاحب جو رسالو اساسي شعري ادب ۾ شاندار اضافو آهي، خاص طور سندس قومي شاعريءَ ۾ سنڌ جي عظمت جو اظهار ۽ وطنيت جو ڀرپور جذبو ملي ٿو. رسالي ۾ 29 سُر آهن جن ۾ ست سو پنجيتاليهه بيت ۽ هڪ سو هڪ وايون شامل آهن.

ڊاڪٽر بلوچ جي ٻين اوائلي شاعرن جي سهيڙيل ڪلام ۾ حمل فقير لغاري جي ڪُليات "ڪُليات حمل"، " شاهه شريف ياڏائيءَ جو رسالو"، رسالو غلام محمد خانزئي جو"، "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" صوفي صادق فقير جو رسالو "راڳ نامون" وغيره شامل آهن. اُن کان علاوه سه ماهي مهراڻ، ماهنامه نئين زندگي ۽ ٻين مخزنن ۾ بعنوان: " سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر"، "عام سنڌي شاعري"، "سنڌي ۽ هندي شاعري جو لاڳاپو" ۽ ٻيا لاتعداد تحقيقي مضمون "اساسي ادبيات" جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي لکيل آهن.

### نتيجو:

مٿئين مختصر جائزي مان ثابت ٿئي ٿو ته "اساسي ادبيات" جي سهيڙ وارو ڊاڪٽر بلوچ جو سرانجام ڏنل ڪم نه فقط سنڌي ٻوليءَ جي شعري خزاني ۾ قابل قدر اضافو آهي پر اُهو سنڌ جي قديم شعري روايت ۽ سماجي حالت جو رڪارڊ پڻ مهيا ڪري ٿو. جنهن مان سماجي ترجيحات، ريتن روايتن ۽ مزاج جو به اُن منجهان پتو پوي ٿو. اهڙو اساسي ڪلام جيڪو ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ پيل هو ڊاڪٽر بلوچ نه رُڳو اُن کي سهيڙيو پر دِل، جان ۽ پُوري ذميداريءَ سان تحقيق ڪئي، پنهنجي ذاتي ۽ مالي وسيلن

جو بہ استعمال ڪيو جيڪو يقينن وڏو قومي ڪم آهي. جيڪو ڊاڪٽر بلوچ خوش دليءَ سان سرانجام ڏنو.سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي علم ادب تي لاءِ خيرخواهيءَ جو ههڙي ڪيل ڪم جا ڪانئس اڳ مثال، صرف چند شخصيتن جي علمي ڪم مان ملن ٿا. البت دور حاضر ۾ اهڙو جذبو بلڪل ناپيد آهي. ڊاڪٽر بلوچ "اساسي ادبيات" جي علمي ۽ شعري خزاني جي سهيڙڻ، اُن جي تحقيق ۽ تصحيح ۾ ذاتي دلچسپي نہ وٺي ها تہ اڄ سنڌ پنهنجي هڪ وڏي اهم علمي خزاني کان محروم هُجي ها.سندس هيءَ دائمي ۽ پائيدار ڪم سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رکيو ويندو.

حوالا:


1. سومرو عبدالغفار ڊاڪٽر،2012/02ع"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: عالم اديب، محقق مورخ ۽ سندس نظريہ تاريخ". ايڊيٽر،دين محمد ڪلهوڙو سہ ماهي مهراڻ (خاص نمبر) ص 47_74، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
2. ايضا ص 75_82
3. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، 1999ع: "قاضي قادن جو رسالو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي، ص2
4. ايضا ص 2، 3
5. ايضا ص 177
6. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) 2004ع: ۾ شاھہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام". شوڪت حسين شورو (ناشر جو نوٽ) ص. 0
7. ايضا ص (2)
8. ايضاً ص (3)، (8)
9. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ڇاپو پهريون 2010ع : "ميين شاھہ عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ ص 5
10. ايضا ص 15
11. اداريہ 2012/02ع: "ڊاڪٽر بلوچ لطيفيات جو ماهر هو". ايڊيٽر،دين محمد ڪلهوڙو سہ ماهي مهراڻ (خاص نمبر) ص 0، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين بابت ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ جو تحقيقي جائزو

## (A Critical study of Dr. Baloch's opinion on Retroflex phonemes /tr/, /dr/, and /dhr/)

Dr. Nabi Bakhsh Baloch has worked on Sindhi scholastic issues and Literature as an institute. He highlighted some of gaps as well as their reasons in Sindhi Orthography in the preface of 'Sindhi Soorat'khati and Khatati'. According to him the standard dialect is Wicholo, whereas the official work and text books' material is being carried out using Hyderabadi local accent which lead to confusions and negligence towards the development of Sindhi Orthography and its standards. His opinion towards the orthography of cluster sounds related to 'ر' and his implemented orthography is studied using linguistics parameters. These sounds /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ are considered as Allophones, whereas in linguistics these are phonemes. These phonemes are regularly being practiced in the Wicholo dialect despite their disappearance in the print media. There is a solution of such type of sounds in different Scripts and Orthographies, but due to the Hyderabadi local language which lacks these sounds; this issue remains disputed. In this paper the efforts of scholars in this regard are analyzed critically in order to achieve a better understanding and opinions towards the Orthography of these sounds and Dr. Daudpotta's solution is suggested to be implemented in the Sindhi Orthography.

1. مسئلي جو بيان
2. اڀياس جا سوال ۽ طريقه ڪار

2.1 ’ر‘ جي لاڙ وارن آوازن بابت عالمن جا رايا ۽ ضروري وضاحتون

2.2 عالمن جي راين جو نچوڙ

2.3 وضاحت طلب نڪتا

3.2.1 /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ ۽ [ٽر] جي آڌار آواز ۽ صوتئي جو فرق

| | |
|---|---|
| 2.3.1 | [ٽر] آواز جي حيثيت |
| 2.3.1 | /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين جي ديسي حيثيت |
| 2.3.1 | سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي جي سڃاڻ |
| 2.4 | 'ر' جي لار وارن آوازن لاءِ عالمن جا تجويز ڪيل حل |
| 2.3.1 | ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو رايو |
| 2.3.1 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو رايو |
| 2.4.1 | ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جو رايو |
| 2.4 | مختلف صورتخطين ۾ 'ر' جي لار وارن آوازن جا ڪيل حل |
| 2.5 | سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ر' جي لار وارن اکرن لاءِ تجويزون ۽ ڇنڊڇاڻ |
| 2.4 | نتيجو/ حاصل مطلب |

/ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين جي مونجهاري بابت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي سهيڙيل ڪتاب 'سنڌي صورتخطي ۽ خطاطيءَ' جي مقدمي ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي ڄاڻايل مونجهارن ۾ جيڪو اهم مونجهارو ڏسيو آهي سو آهي /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين جو!

ٻوليءَ تي مخصوص لهجي جي مالڪي ۽ وچولي ڏانهن بي رخيءَ سبب اهڙن مونجهارن بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي راءِ هيئن ظاهر ڪري ٿو ته: "جيتوڻيڪ سنڌ جي 'وچولي واري ٻوليءَ' کي معياري تسليم ڪري ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو پر عملي طور گهٽي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفتر جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. صورتخطيءَ جي مسلسل سڌاري واڌاري ڏانهن گهٽ توجه سببان ڪافي اوڻايون پيدا ٿيون. اڳيان عالم، انهن سنڌي اچارن لاءِ جن ۾ 'ر' جو آواز سميٽيل هو تن لاءِ 'ر' وڌائي لکندا هئا. جيئن: چنڊر، پٽر، ڪنڊر وغيره. پر حيدرآبادي محاوري ۾ اهڙا لفظ چنڊ، پٽ، ڪنڊ ڪري اچاريا هئا. انهيءَ ڪري ڪتابن ۾ پڻ انهن اچارن سان 'ر' ڪان سواءِ لکيا ويا.... انهيءَ ڪري باوجود انهيءَ جي، جو سنڌي صورتخطي ڪنهن حد تائين معياري ٿي، مگر ان جي مختلف مسئلن کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ جي ضرورت پوري نه ٿي." (بلوچ، 1992: 15_16)

اصل ۾ اهم اختلاف لفظ 'بدل آواز' (Allophone) تي آهي. حيدرآبادي يا لاڙي ماهر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪثيرالتعداد ڪم ايندڙ صوتين /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ کي بدل آواز (Allophone) سمجهيون، نظر انداز ڪيون ويٺا آهن. جڏهن ته علمي طور تي اهو واضح ٿي چڪو آهي ته اهي بدل آواز نه پر، سنڌي ٻوليءَ جي ٻن اهم لهجن اترادي توڙي وچولي ۾ صوتين (Phoneme) جي صورت ۾ ڪم آندا وڃن ٿا.

علمي طور تي ڏٺو وڃي ته حيدرآبادي يا لاڙي لهجي ۾ صوتين /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جي بدران ڪم ايندڙ آواز [ٽ]، [ڊ] ۽ [ڍ] بدل آواز(Allophone) آهن. مذڪوره صوتين جا! پر هتي ابتو سِنڌو ٿو وهي. [ٽر]، [ڊر] ۽ [ڍر] کي بدل آواز ٿو ڄاتو وڃي، صوتين /ٽ/، /ڊ/ ۽ /ڍ/ جو! جڏهن ته اترادي توڙي وچولي لهجن ۾ ٻنهي نوعيتن جا آواز صوتين (Phoneme) جي حيثيت رکن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جِي، خطي جي لحاظ کان حيدرآبادي لهجي سان وابستگي آهي. ليڪن هن مونجهاري تي صاحب موصوف جي نظر وچڙي ۽ انصاف پري آهي. ايتريقدر جو هن بزرگ عملي طور تي سنڌي لنگويج اٿارٽي پاران جيڪي پنهنجا ڪتاب ڇپرايا تن ۾ مذڪوره صوتين جي صورتخطيءَ ۾ اڳين ڪاتبن جيان جنسي 'ر' جو استعمال ڪري ڏيکاريو.

سنڌي ٻوليءَ توڙي صورتخطيءَ جي حوالي سان اهو هڪ نازڪ مسئلو آهي، جنهن تي علمي نموني سان باضابطا طور تي ڪم ٿي ڪونه سگهيو آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ ۾ هڪ دعوت فڪر آهي.

## 1. مسئلي جو بيان

سنڌي ٻوليءَ جي ٻن لهجن اترادي توڙي وچولي خاص ڪري ساهتي پرڳڻي ۾ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جا آواز صوتي حيثيت رکن ٿا. حيدرآبادي يا لاڙي لهجي ۾ مذڪوره صوتين جا بدل آواز[ٽ]، [ڊ] ۽ [ڍ] ڪم آندا وڃن ٿا. ائين، جيئن ڪڇي لهجي ۾ ڄاٽايل صوتين جا بدل آواز [تر] ۽ [در]ڪم اچن ٿا. موجوده حالتن ۾ سرڪاري طور تي حيدرآبادي لهجي کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي، جنهن سبب اڪثريت حيدرآبادي يا لاڙي لهجي جي ماهرن/ عالمن/ اديبن جي آهي، جن وٽ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جو بحث ئي فضول آهي.

ايلس واري آئيوپنا ڪاميٽيءَ ۾ اڪثريت لاڙي يا حيدرآبادي لهجي جي عالمن جي هئي ۽ انگريز عالمن جو هنڌ بہ حيدرآباد هيو جنهن سبب مذڪوره صوتي حيثيت رکندڙ آوازن کي ڪابہ اهميت نہ ڏني وئي. اڄ سوڏو آئيوپنا توڙي صورتخطيءَ ۾ ان جو ڪوبہ نشان باقي نہ آهي. ٻولين جا ماهر اها ڳالهہ ڀلي ڀت ڄاڻن ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن آواز يا اکر کي آئيوپنا يا صورتخطيءَ جي ذريعي نئين نسل ڏانهن منتقل نہ ڪبو تہ هڪ محدود مدت بعد ان آواز جو نانءُ نشان باقي نہ رهندو! پر هتي تہ قصوئي ٻيو آهي- جيئن تہ تيئن وڌ! ان صورت ۾ اهڙن مسئلن / مونجهارن جو ٻيهر علمي اڀياس ضروري آهي.

## 2. اڀياسجا سوال

? چا سنڌي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ مورڏني آوازَ اڄ سوڏو ڪم آڻين ٿا؟

? لسانيات جي اصولن موجب 'ٽر، ڊر، ڍر ۽ ٺر' جا آواز صوتيا (Phoneme) آهن يا آواز (Phone) ؟

? چا /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ کان سواءِ 'ٺر' جو آواز بہ صوتئي جي حيثيت رکي ٿو؟

? چا ديسي آوازن (ٻهريون ساڪن ٻيو متحرڪ) ۾ هنن جو شمار ٿي سگهي ٿو؟

? موجوده آئيوپنا يا صورتخطيءَ ۾ ان جو شمار ڇو نہ ڪيو ويو چا اڳي اهڙو تصور هيو؟

? مذڪوره آوازن جو گهڻو استعمال لکيل پڙهيل ماڻهو ڪن ٿا يا اڻ پڙهيل؟

? چا 'ر' جي لاڙ وارن آوازن جو تصور نندڍي کنڊ جي ٻين ٻولين ۽ صورتخطين ۾ بہ آهي؟

? عربي- سنڌي آئيوپنا يا صورتخطيءَ ۾ اهڙي قسم جي آوازن لاءِ ڪو اکر يا علامت متعيّن ڪرڻ سان ڪنهن ٻوجهہ جو امڪان رهندو؟

? چا ٻين عالمن بہ مذڪوره آوازن جي صورتخطيءَ لاءِ ڪي رايا يا سفارشون ڪيون آهن؟

## طريقهء ڪار

مٿين سوالن جي روشنيءَ ۾ هن مسئلي جي اڀياس جي شروعات عالمن جي راين ۽ خيالن سان ڪجي ٿي ۽ ضروري تنقيدي وضاحتن بعد، ان جي نچوڙ مان ڪي وضاحت طلب نڪتا اخذ ڪيا. ان وضاحت ڪرڻ بعد رٿيل اڀياس جو اختصار ڏبو ۽ ڪنهن نتيجي يا حل ڪڍڻ جي ڪوشش ڪبي.

### 2.1 'ر' جي لار وارن آوازن بابت عالمن جا رايا ۽ ضروري وضاحتون

'ر' جي لار وارن آوازن کي مورڏني(Retroflex)ڪوئيو ويو آهي، جن کي مفرد آواز بجاءِ مرڪب آوازن ۾ شمار ڪندي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ لکي ٿو ته: "ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر ۾ ٻن مخصوص اکرن ٽر (tR _ tr) ۽ ڊر (dr _ fR) کي مورڏني قسم ۾ شمار ڪيو آهي. پر غور سان مطالعي مان اهي مرڪب آواز ٿا محسوس ٿين (ڏسو تعارف نمبر VX) ۽ تنهنڪري انهن کي آئيوٽا مان خارج ڪري ڇڏڻ گهرجي، ۽ انهن کي ٽر tR ۽ ڊر fR لکڻ گهرجي. مثال پُٽرُ (putRu) ـ پراڪرت پُتر، سنسڪرت پُتر. ڊراک (dRwK) ـ سنسڪرت دراڪشا، ڪجهه اسمن ۾ 'ر' وسرڳ 'ڍ' سان گڏ ملي ٿي. مثال: ڍراڀڙُ (FRRwpxu)۽ ان مان نڪتل ڍرائڻ. ڍرءِ ۽ اهي سڀئي صورتون سنسڪرت ڌاتو ترپ (ترپڻ) مان نڪتل آهن. ڏير (جيڪا ڏڳ وانگر بہ لکجندي آهي)، سنسڪرت ددرُ ۽ هندي داد." (ٽرمپ، 2011:48)

ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي بيان ۾ اها ڳالهه ڄاڻائڻ چاهي آهي تہ 'ٽر' ۽ 'ڊر' مرڪب آواز آهن. ان ڪري انهن کي هڪ اکر سمجهي آئيوٽا ۾ شامل ڪرڻ نہ گهرجي: بلڪ انهن کي صورتخطيءَ جي لحاظ کان ڪنهن مخصوص صورت ۾ ڏيڻ کپي. اسان جي عالمن ڊاڪٽر ٽرمپ جي بيان جي پهرين حصي کي اهميت ڏيندي مخصوص لهجي جي بنياد تي، سنڌي صورتخطيءَ مان 'ر' جي لار وارن آوازن کي مخصوص اترادي لهجي جي حصي ۾ ڏئي ڇڏيو. جڏهن تہ ساهتيءَ جي پوري لهجي ۾ مذڪوره آواز صوتئي(Phoneme) جي بنياد تي ڪم آندا وڃن ٿا، توڙي جي لکيا يا پڙهيا بہ نہ ٿا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن پاران /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ صوتين کي /ٽ/، /ڊ/ ۽ /ڏ/ جو Allophone سمجهيو ويو آهي. ايتريقدر جو سنڌي ٻوليءَ جي 'اترادي لهجي' جي ڊاڪٽر هدايت پريم به 'جيڪا سپ جي صلاح' جيان هيئن لکي ٿو ته: "اترادي لهجي ۾ پڻ [ٽر]، [ڊر]، [ٽر] ۽ [ڏر] موجود آهن. پر عيوضي آواز طور ڪم اچن ٿا. منجهن معنوي تبديلي آڻڻ جي سگهه ڪانه آهي، مڪمل صوتين جي حيثيت ڪونه ٿا رکن. تنهنڪري ئي ڪين الف- بي ۾ شامل ڪري نه ٿو سگهجي." (هدايت، 1995:18)

جاگرافيائي ويجهڙائپ سبب اسانجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ هندي ٻوليءَ جي ميل سببان [ر] جي آميزش وارا ٻَٽي آواز /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ آهن. جيڪي مفرد صوتي حيثيت رکن ٿا. جن جو آئيوگنا/ صورتخطيءَ ۾ ڪوبه جوڳو حل ڪونهي. اهڙي دانهن عام پڙهائيندڙ به پنهنجي ليکي ڪيون وينا آهن. انلاءِ سڪندر علي ساجن ميراڻي پنهنجي مضمون 'ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ جا قسم' ۾ 'نصاب يا تدريسي مواد' جي عنوان ۾ لکي ٿو ته: "ٻاراڻي ڪتاب ۾ الف- بي جا آواز سيني نشانين جي پوري نمائندگي نه ٿا ڪن. ڏيڻ ته سمورا آواز گهرجن. نه ته به هر هڪ گروپ جي هڪ هڪ نشانيءَ جي نمائندگي هجڻ گهرجي. سبق پهرين ۾ 'ڪَٽ _ پٽَ' لفظ ڏنل آهن. ٽئين سبق ۾ 'ڇَٽِ _ پٽِ' لفظ ڏنل آهن. مٿي گهٽ ۾ گهٽ 'ٽ' لاڙي لهجي ۽ سري واري لهجي ۾ ساڳيو آهي. پر پٽَ کي ڪي پَٽَ ٿا پڙهن ته ڪي پٽرَ ٿا پڙهن. اهڙي نموني ڇٽِ _ پٽِ ۾ 'ٽ' سان 'ر' جو گڏيل آواز ٿئي ٿو. انهي پڙهائيءَ لاءِ خاص هدايت هجي. اهڙي نموني ڊيل ۾ 'ڊ' جي لهجي ۾ فرق آهي. سري واري لهجي جون اهي ٻئي نشانيون ٻوليءَ جي صحيح نمائندگي نه ٿيون ڪن." (ميراڻي، 1995_ 1996: 68_ 72)

اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن وڏن لهجن: اترادي توڙي ساهتي لهجي ۾ ڪثيرالتعداد ڪتب ايندڙ صوتين /ٽر/،/ڊر/ ۽ /ڏر/ سان جيڪا ويڌن ڪيل آهي، تنهن کي اڄ تائين نه ته سنڌي ٻوليءَ جو مسئلو ڪري ڄاتو ويو آهي ۽ نه وري ان جي ڪنهن جوڳي حل لاءِ سوچيو ويو آهي. لسانيات جي ماهرن ان کي allophone چئي پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو آهي. حالانڪ اهو هڪ صوتيو ئي آهي. ان جو

حل بہ تڏهن نڪري سگهي ٿو يا صاحبِ حيثيت حيدرآبادي لسانيات جي ماهرن کي تڏهن سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن اهو معاملو صوتياتي علمن جي ڪنهن بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ طئہ ٿئي. جيئن وسرگ بابت 1925ع ۾ هين بين الاقوامي ڪانفرنس ٿي! (مجيد، 1972: 156ـ 171)

پروفيسر عبد الڪريم لغاري ايلس واري ڪاميٽيءَ آڏو اکرن جون صورتون هجڻ ۽ آئيوينا جي ترتيب واري معاملي تي مذڪوره صوتين جي رد ٿيڻ جا سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: "ٽ حرف ڪڏهن 'ٽ' جي صورت ۾ تہ ڪڏهن وري /ٽ/ جي اچار لاءِ جنهن ۾ [ر] جو آواز بہ سمايل آهي، تنهن کي / ٽر/ جي صورت ۾ لکيو ويندو هو. ڪاميٽيءَ ان حرف جي هيءَ صورت بہ 'ٽ' ڪري قبول ڪئي. ان جو سبب هيءَ آهي تہ 'ٽ' حرف آخر ۾ گهٽو ڪري ان ئي صورت ۾ لکيو ٿي ويو. [ر] جي آواز گڏيل /ٽ/ جي اچار لاءِ ڪاميٽيءَ ڪنهن جدا حرف جي صورت محسوس نہ ڪئي. ان جو هڪ سبب هيءَ آهي تہ [ر] جي آواز گڏيل /ٽ/ جو اچار لاڙ ۾ عام نہ آهي. اهڙيءَ طرح ان کي غالباً، عام استعمال جي حيثيت ۾ نہ وٺي ڪري، /ٽ/ جي ٻنهي نمونن وارن اچارن لاءِ هڪ ئي حرف مناسب سمجهيو ويو. باقي پڙهندڙن جي سمجهہ يا سندن اچارڻ جي نوع تي ڳالهہ ڇڏي ويئي. بهرحال مٿين اصول تحت 'ڊ' حرف جي بہ ٻنهي نمونن وارن اچارن لاءِ ( 'ر' ڇڙيءَ ۽ گڏيل اچارن لاءِ ) هڪ ئي حرف 'ڊ' مقرر ڪيو. هن ڪان اڳ 'ڊ' حرف ٻن صورتن 'ڊ' ۽ 'ڊر' ۾ لکجڻ ۾ پئي آيو." (لغاري، 1976: 84)

گريئرسن سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي جائزو وٺندي وچولي يا معياري لهجي جي 'ر' آميزشي اچار جي گهٽ وڌائيءَ بابت لکي ٿو : "داردي ٻولين ۾ ٻن سرن (حرف علتن) جي وچ واري 'ر' اڪثر ڪري حذف ڪئي ويندي آهي. ان ڪري 'پشائيءَ' ۾ اسين 'ڪرم' ۽ 'ڪم' (معنيٰ آءٌ ڪم ڪريان ٿو) ٻئي ڏسون ٿا. ۽ بنگاليءَ ۾ 'دائو' ۽ سنسڪرت ۾ 'دارو' آهي (معنيٰ ڪاٺ). معياري سنڌيءَ ۾ اهڙا مثال ڪونہ ٿا ملن. پر ڪڇي لهجي ۾ ڪي مثال آهن: جيئن: 'چارڻ لا' جي بدران 'چايڻ لا'، 'ڪرڻ لڳا' جي بدران 'ڪيڻ لڳا' وغيره. اهڙيءَ طرح 'ر' حذف ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو بہ نوٽ ڪري سگهجي ٿو تہ معياري لهجي وارا 'ٽر ۽ ڊر' لاڙي لهجي ۾ ٽ ۽ ڊ اچاريا وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت معياري لهجي وارو پٽر لاڙيءَ ۾ پٽ ٿئي ٿو ۽ مندر ڦري منڊ ٿئي ٿو."

گريئرسن 'ر' جي آميزشي صوتين جي لکت واري ڪوٽ هيٺن ڄاڻائي ٿو: "سنڌيءَ ۾ 'ر' جڏهن 'ٽ'، 'ڊ'، 'ڏ' سان ملندي آهي تہ اها لکڻ ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن يا انجي ابتڙ بہ ٿئي ٿو تہ ٽ، ڊ، يا ڏ ۾ 'ر' اڪثر ملائي ويندي آهي، جڏهن تہ لکبي ڪانهي." (گريئرسن، 2000: 57)

مسٽر گريئرسن جي نظر ۾ (ان وقت جي حقيقتن موجب) وچولو (ساهتي) لهجو ئي معياري آهي، جنهن ۾ 'پٽر' ۽ 'منڊر' اچاريو وڃي ٿو. مسٽر گريئرسن جي اڀياس جو انحصار هتان جي ملازمن يا ڪلارڪن تي هيو. ان مان اندازو اهو ٿو ٿئي تہ ان وقت جي ماڻهن جي ذهن تي معياري، وچولو لهجو ساهتي هيو جنهن موجب 'پٽر' ۽ 'منڊر' اچاريو وڃي ٿو.

پيرومل پڻ مذڪوره صوتين ڏانهن اشارو ڪندي وچولي (ساهتيءَ) بابت تصديق ڪري ٿو تہ: "اچارن جي باري ۾ مکيہ تفاوت 'ٽ'، 'ڊ' ۽ 'ڏ' اکرن جي اچارن ۾ آهي. انهن اکرن ۾ 'ر' جو ٿورڙو اچار سمايل آهي، پر لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونہ ڪن. جيئن 'پٽر' بدران 'پٽ'، 'چنڊر' بدران 'چنڊ' ۽ 'ڏڍر' بدران 'ڏڍ' چون. وچولي وارا انهن اکرن جا اچار بلڪل صحيح ڪيندا آهن. سري وارا تہ انهن اکرن جا اچار هيڪاري ڇٽو ڪيندا آهن؛ ڪي تہ اهو اچار لکندا بہ آهن، جيئن : 'ٽيڪمداس' بدران 'ٽريڪمداس'. اهڙيءَ طرح سري جي ماڻهن جا اچار ٻنهہ ڇٽا ۽ صحيح آهن."
(پيرومل، 1956: 98)

ڪاڪي پيرومل جي حوالي ۾ اها ڳالهہ واضح طور بيان ڪيل آهي تہ "'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڏر' جا آواز وچولي واري لهجي ۾ درست طور اچاريا ويندا آهن." يعني پيرومل آڏواڻي حيدرآباد واري لهجي کي وچولي کان الڳ لهجو سمجهي ٿو. اهڙي وضاحت سندس هن حوالي مان ملي ٿي: "حيدرآباد ۽ پسگردائيءَ جي ٻولي ٺيٺ ۽ کري ٻولي ليکجي ٿي ... حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي. تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي." (پيرومل، 1956: 93_94)

'ر' جي آميزش وارن صوتين بابت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو مرحوم پڻ پنهنجي هڪ مضمون ۾ سختيءَ وارو انداز اپنائيندي لکي ٿو تہ: "شايد سنڌي دانن کي اها خبر نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا اکر آهن، جي مرڪب آهن يا جيڪڏهن اهڙن جو احساس اٿن، تہ اڃا تائين انهن تي عملي تحقيق سان غور نہ ڪيو

اٿن، ۽ انهن کي ليکن جي وسيلي ماڻهن جي ڌيان تي نہ آندو اٿن. مان هيٺ ڪي مرڪب اکر ڄاڻائي، انهن تي ٿورو بحث ڪرڻ گهران ٿو:

ٽر: جيئن 'ٽريھ' ۾ ٽر.

ڊر: جيئن 'ڊراک' ۾ ڊر.

ڍر: جيئن 'ڍراپڻ' ۾ ڍر. ...

انهن مرڪب حرفن ۾ 'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڍر' کان سواءِ ٻيا باقي مرڪب پوريءَ طرح سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڄاڻايل آهن. رڳو ٽر ڊر ۽ ڍر جي چڱيءَ طرح شناس نہ ٿيل آهي. عام طور انهن مرڪب حرفن کي فقط ٽ، ڊ ۽ ڍ جي صورتن ۾ لکيو ويندو آهي. هرهڪ جا ٻہ اچار ٿيندا آهن. هڪ سخت ٻيو نرم. نرم اچار ۾ 'ر' جو اکر ڳجهو آهي، جو جهوني الف- بي ۾ نروار لکيو ويندو هو مگر جڏهن سڌاريل صورتخطي عمل ۾ آئي، تڏهن اها 'ر' ڪيرائي وئي ۽ فقط ٽ، ڊ ۽ ڍ جون ساديون صورتون قائم رکيون ويون. شايد جن شخصن جي هٿان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قسمت سونپيل هئي، تن کي فقط انهن اکرن جي سخت اچار جي پروڙ هئي، سندن زبان تي انهن جا نرم اچار نہ ٿي وريا. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ کي اشتقاق جي لحاظ ڪري گهڻو نقصان پهتو ۽ پهچي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ گهڻن ماڻهن، جن سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم ورتي آهي ۽ مقرر درسي ڪتاب پڙهيا آهن، جن ۾ انهن حرفن جي سخت ۽ نرم تلفظ جي وچ ۾ ڪابہ شناخت نہ آهي، تن ۽ ٺيٺ سنڌي ڳالهائيندڙ ديهاتي ماڻهن جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. مون ڪيترن ئي ماڻهن جي واتان انهن ٽن اکرن جا سخت اچار ٻڌا آهن، مثلاً: مائٽ (ٽ نرم)، جي بدران مايٽ (ٽ سخت سان)، ڊپ (ڊ نرم) بدران ڊپ (ڊ سخت سان) ۽ ڍاپڻ (ڍ نرم) بدران ڍاپڻ (ڍ سخت سان) چوندا آهن. ازانسواءِ انهن اکرن سان ساڳي صورت وارا ڪيترائي لفظ آهن، جن جي معنائن ۾ زمين آسمان جو ڦير آهي، جنهنڪري سخت ۽ نرم صورتن جي اڻڄاڻائيءَ ڪري انهن ناقص زبان رکندڙن جي ڪلام مان مونجهاري جو امڪان آهي. مثلاً: پٽُ (ٽ سخت) جي معنيٰ آهي ريشم يا زمين جو اڇو ٽڪرو ۽ پٽُ (ٽ نرم سان) مان مراد آهي لوهہ جو پٽ يا ڦيٿي جو پٽُ. منڊ (ڊ سخت سان) مان مراد آهي منڊڪائڻ جو عيب. جيئن تہ هن جي پير ۾ 'منڊُ' آهي، ۽ منڊُ (ڊ نرم سان) مان مراد آهي جادو يا ڪامڻ، جيئن تہ منڊ پڙهڻ وغيره. جنهن صورت ۾ ايترا لفظ آهن جنهن ۾ ٽ، ڊ ۽ ڍ نرم شڪل ۾ ڪم آيل آهن، تنهن

صورت ۾ انهن جي پوري اچار جي شناخت لاءِ خواهه سنڌي درسي ڪتابن ۾ سڌارڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي، منهنجي راءِ آهي تہ 'ٽ'، 'ڊ' ۽ 'ڏ' جي نرم اچارن کي نروار ڪرڻ لاءِ انهن جي پيٺ ۾ ننڍڙي 'ر' لکي وڃي. سنڌ جي تعليم جي اختياريءَ وارن جي خذمت ۾ التجا آهي تہ سنڌي درسي ڪتابن جي صورتخطيءَ ۾ اهڙي تبديلي ڏيکارڻ لاءِ زود قدم کڻن." (دائود پوٽو 1997: 52ـ 54)

گريئرسن ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مثالن آڏان ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي راءِ ڏيکاريندي لکي ٿو تہ: "[ر] جو ادغام سنسڪرت مان آيل لفظن ۾ موجود هو ۽ سنڌيءَ ۾ بہ قائم رهيو. جيڪو ماٽر، مِٽر، چندڙ ڪنڊر وغيره ۾ موجود آهي. اهي لفظ اڄ تائين سڄي سنڌ ۾ ائين ڳالهائجن ٿا ۽ ائين ئي لکڻ کپن. حقيقت ۾ /ٽ/ ۽ /ٽر/ يا /ڊ/ ۽ /ڊر/ جدا جدا صوتيہ آهن ۽ بوليءَ ۾ هرهڪ جي پنهنجي جاءِ آهي، مثلاً: پَٽُ = ميدان ۽ پَٽر= لوهو پٽر، منڊُ = پير يا ٽنگ جو ۽ منڊُر = ٽوٽي ڦيٽي جو." (بلوچ، 1983: 259ـ 260)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جي نظر ۾ وچولي/ معياري جو تصور ساهتيءَ جي ايراضي آهي(جيٽلي، 1999: 46ـ 47) ؛ جڏهن تہ 'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڏر' جي صوتين کي صرف اترادي لهجي جا آواز ڪوٺي ٿو ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ: "ڪن حالتن ۾ اچار ۾ بہ آواز آهن، پر لکڻ ۾ انهن لاءِ ڪا ئي حرف لکيو ويندو آهي. جيئن تہ اترـ سنڌ جي لهجن ۾ 'ٽ'، 'ڊ' ۽ 'ڏ' حرفن جو اچار [ٽر]، [ڊر] ۽ [ڏر] ڪيو ويندو آهي. پر انهن لهجن جا ڳالهائيندڙ لکيت ۾ معياري سنڌي بوليءَ جو پليان 'ر' لڳائڻ کان سواءِ استعمال ڪندا آهن. تازو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو شاهہ جو رسالو مرتب ڪيو آهي، انهيءَ ۾ لکيت ۾ بہ هن انهن آوازن لاءِ گڏيل حرفـ 'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڏر'ـ استعمال ڪيا آهن." (جيٽلي، 1999: 57)

اصل ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جي خيال موجب ساهتي پرڳڻي جي ايراضيءَ ۾ ڳالهائجندڙ بولي معياري بولي آهي، جنهن صورت ۾ اتان جي ڳالهائجندڙ بوليءَ کان واقفيت هجڻ ڪپيس ها، پر جيئن تہ اڄڪلهہ سنڌ ۾ اهو عام تصور رهيو آهي تہ حيدرآبادي لهجو وچولو يا معياري لهجو آهي ۽ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ جا آواز معياري بوليءَ ۾ ڪم نہ ٿا آندا وڃن، جنهن سبب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب ٻڌ جي بنياد تي يا سنڌ جي بين عالمن جي ڄاڻائڻ موجب اهو لکيو تہ 'اهي آواز صرف اتر سنڌ ۾

ڪتب آندا وڃن ٿا'. هيٺئر بہ مشاهدي طور تي اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ساهتي پرڳڻي جي پوري ايراضيءَ ۾ اهڙو ڪوبہ علائقو ناهي جتي /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين جي بدران /ٽ/، /ڊ/ ۽ /ڍ/ جا صوتيا ڪم آندا ويندا هجن: يقين سان ٿو چئجي تہ ساهتي لهجي ۾ بنهي قسمن جا آواز صوتئي جي حيثيت سان ڪم آندا ويندا آهن. جيڪڏهن جيٽلي صاحب ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ کي معياري يا وچولي جي ٻولي پاڻئي ٿو تہ پوءِ ان جي آوازن کي بہ اهميت ڏيڻي پوندي!

ڊاڪٽر جيٽلي، 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' لکڻ بعد هڪ ڪارائتو لسانيات تي ڪتاب 'سنڌي ڏوني وِگيان' لکيو. ڊاڪٽر جيٽلي ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: "ڪن سنڌي عالمن جي لکڻين ۾ ۽ سنڌيءَ جي معياري وياڪرڻ جي ڪتابن ۾ بہ مون کي اڪثر غلط بيان نظر آيا آهن. انهيءَ جو مکيہ سبب آهي جديد ڀاشا وگيان جي مکيہ اصولن جي پوري ڄاڻ نہ هئڻ. جيئن تہ: .... سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ٽ – ڊ' کان سواءِ انهن جا بدليل اچار 'ٽر – ڊر' بہ شامل ڪرڻ گهرجن. 'ٽ-ڊ- ڍ' اکرن جي اچار ڪرڻ معل ٿورو 'ر' جو اچار ڪرڻ گهرجي." (جيٽلي، iii:2000)

ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر جيٽلي جڏهن سنڌي صوتيات تي باريڪبيني سان ڪم ڪيو تہ هن کي علمي لحاظ کان ان ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ اهي 'ٽ ۽ ٽر'، 'ڊ ۽ ڊر' ۽ 'ڍ ۽ ڍر' الڳ صوتيہ آهن ۽ ڳالهائڻ يا صورتخطيءَ ۾ ان جي حل تي ويچار ڪرڻ گهرجي.

ڊاڪٽر الانا ۽ ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪمن ۾ گهڻي قدر مماثلت نظر آئي آهي ۽ هڪٻئي کان ڪجهہ قدر اثر قبوليندا رهيا آهن: اهو هڪ الڳ موضوع آهي جنهن تي تحقيقي اصولن موجب تقابلي اڀياس ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر جيٽلي 1999ع ۽ 2000ع جي ڪتابن ۾ اها ڳالهہ ڪري چڪو تہ 'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڍر' جا آواز اتر سنڌ ۾ ڪم آندا وڃن ٿا. ساڳي ڳالهہ ڊاڪٽر الانا 2005ع ۾ ڄاڻايل آوازن کي اتر سنڌ ۾ ڪم آڻڻ جي ڳالهہ ڪندي ٿوري لچڪ آڻي لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي(خصوصاً سکر ۽ اباوڙي طرف)، [ٽ ۽ ٽر]، [ڊ ۽ ڊر] آوازن ۾، [ٽر ۽ ڊر] اهڙا آواز آهن. جيڪي سنڌيءَ جي نقط ڪڇي لهجي [ڊر ۽ ٽر] ۾ ملن ٿا. پر ڪڇيءَ ۾

[ٿ ۽ ڊ] آواز موجود نہ آهن. ڪڇيءَ ۾ [ٽر ۽ ڊر] جا نعم البدل [تر ۽ در] آهن. پر اهي سنڌيءَ جي اترادي لهجي وانگر ڙار ڙار صوتين [ٽ ۽ ٽر، ڊ ۽ ڊر] جي حيثيت ۾ نٿا اچارجن. سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي اهو سرائڪيءَ جو اثر ٿو معلوم ٿئي" (الانا، 2005: 398)

هتي ان ڳالهہ جي وڌ کي واضح ڪندو هلجي تہ 'سرائيڪي' الڳ سان ڪا ٻولي ڪونهي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي(Dialect) جو اپلهجو (Accent) آهي.

هن کان اڳ ڊاڪٽر الانا صاحب ساڳي انداز جي راءِ جو اظهار 'سنڌي صوتيات' ۾ مذڪوره صوتين کي بندشي- گسڪڻا آواز سڏيندي هيئن ڪري ٿو تہ: "سنڌيءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [ٽر] ۽ [ڊر]. اهي آواز فقط اترادي لهجي ۾ ملن ٿا" مثلاً:

| | |
|---|---|
| /ٽ/ | /ٽر/ |
| پٽ | پٽر |
| پُٽ | پُٽر |

[ٽر] ۽ [ڊر] فقط اترادي لهجي ۾ اچاريا ويندا آهن. سنديلي صاحب جو خيال آهي تہ اهي 'ٽر' ۽ 'ڊر' مرڪب آواز آهن. ۽ تاريخي لسانيات جي لحاظ کان سنسڪرت جي مرڪب آوازن 'تر' ۽ 'در' جون بدليل صورتون آهن. اها دعويٰ بلڪل درست آهي. پر موجوده وقت انهن جو اچار مرڪب آوازن جهڙو نہ بلڪ بندشي- گسڻن آوازن جهڙو آهي." (الانا، 1967: 33- 34)

ساڳيو حوالو نئين ڇاپي مطابق: "سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [ٽر] ۽ [ڊر]. اهي آواز سنڌي ٻوليءَ جي فقط اترادي ۽ ڪڇي لهجن ۾ استعمال ٿين ٿا. پر اهي آواز صوتيہ طور ڪم نہ ايندا آهن: مثلاً:

| معياري لهجو | اترادي لهجو | ڪڇي لهجو |
|---|---|---|
| پِٽ | پٽر | ... |
| پُٽ | پُٽر | پتر |
| چنڊ | چنڊر | چندر |

(پروف جي غلطيءَ سبب

معياري لهجو اترادي لهجو ڪچي لهجو
چندر ڄاٽايل آهي)

[ٽر] ۽ [ڊر] آواز اترادي ۽ ڪچي لهجن ۾ اچاريا ويندا آهن. پر انهن لهجن ۾ به انهن جو ڪارج صوتيه وارو نه آهي . . ." (الانا، 2009: 64_ 65)

مٿين ڊاڪٽر الانا صاحب جي راءِ محدود راءِ جي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اها ڳالهه وثوق سان چئي سگهجي ٿي ته /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي ٻن لهجن ۾ صوتئي جي حيثيت ۾ ڪم آندا وڃن ٿا. سو به رڳو اترادي لهجي- جنهن ۾ اباوڙو سکر، شڪارپور يا خيرپور جا علائقا اچي وڃن ٿا- ۾ نه پر وچولي جي اهم حيثيت رکندڙ 'ساهتي پرڳڻي' جي، ننڍي توڙي وڏي، مڙني ماڻهن ۾ نشي جيان واپرائجي ٿو. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب 'ساهتي پرڳڻي' کي به اترادي لهجي ۾ شمار ڪري ٿو ته پوءِ سندس راءِ ڪنهن حد تي ٺيڪ آهي.

ڪچي لهجي ۾ برحق /ٽ/ ۽ /ڊ/ جا صوتيه نه هجڻ جي صورت ۾ هنن وٽ [ٽر] ۽ [ڊر] جا آواز آهن. ان صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت سان [ٽر] ۽ [ڊر] /ٽ/، /ڊ/ توڙي /ٽر/ ۽ /ڊر/ جا بدل آواز (Allophone) چئي سگهبا. ڊاڪٽر الانا صاحب جو ڪچي ٻوليءَ بابت ڄاڻايل اشارو علمي طور تي /ٽر/ ۽ /ڊر/ سان واسطو نه ٿي رکي. ڇو ته هو /ٽ/ ۽ /ڊ/ يا /ٽر/ ۽ /ڊر/ لاءِ هڪ نوعيت جوئي آواز [ٽر] ۽ [ڊر] ڪم آڻين ٿا. يعني ڪچي لهجي ۾ [ٽر] ۽ [ڊر] بدل آواز (Allophones) آهن. /ٽ/ ۽ /ڊ/ جا، ۽ پڻ /ٽر/ ۽ /ڊر/ جا! ڪچي ٻوليءَ جو مذڪوره آوازن تي گذارو ائين ئي ٿو جيئن لاڙي يا حيدرآبادي لهجي وارا هڪ ئي آواز تي گذارو ڪن ٿا. اترادي توڙي وچولي ٻوليءَ جو قصو ڪجهه نرالو آهي.

ڪچي ۽ لاڙي/ حيدرآبادي لهجي ۾ ٻوليءَ جي نزاڪت رکندڙ ڄاڻايل آوازن مان صرف هڪ قسم جي گروه جا آواز آهن.

اصولي طور تي لاڙي/ حيدرآبادي لهجي ۾ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتيه نه هجڻ ڪري ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. ان صورت ۾ ان کي معياري لهجي جي صوتين جو بدل آواز (Allophone) سمجهڻ ڪا عقلمندي ڪانهي. اها

ڳالهه اثين چٽي سگهجي ٿي تہ ڪن لفظن ۾ لاڙي/ حيدرآبادي موجب [ٽ]، [ڊ] ۽ [ڏ] بدل آواز(Allophone) آهن، صوتين /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ جا! مثال:

| 'ٽ' صوتيو | 'ٽر' صوتيو |
| --- | --- |
| ڪٽي: ڪٽي ذائقي واري شيءِ، ترش يا ٽڙهہ (ڪٽڻ مصدر مان، اسم ذات/ ماضي مطلق) لاپ، ڪمائي، ڪٽيو آمدني، مزوري | ڪٽري: ڏوهي، ڪپڙن ڏوئڻ يا رنگڻ وارو. |

مٿين ڪٽي ۽ ڪٽري اچارن جي معنيٰ ۾ وڏو فرق اچي ٿو جنهن بنياد تي چٽي سگهبو تہ /ٽ/ ۽ /ٽر/ الڳ الڳ صوتيا آهن. اها ڳالهه علم لسان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ کان مسلّم آهي. هاڻي جيڪڏهن لاڙي يا مقرره معياري لهجي وارا ٽڙهہ شيءِ لاءِ ۽ ڏوبيءَ لاءِ ساڳيو اچار 'ڪٽي' ڪن ٿا، تہ ان صورت ۾ ڏوبيءَ لاءِ اچاريل لفظ 'ڪٽيءَ' ۾ آواز [ٽ] بدل آواز (Allophone) آهي، صوتئي /ٽر/ جو! هوڏانهن خود ساختہ معياري لهجي وارن وٽ وري ان جي ابتڙ 'ٽر' جو آواز بدل آواز (Allophone) آهي. آهي تہ اهڙي ڳالهه ڪرڻ بہ شينهن جي وات ۾ هٿ وجهڻ برابر. پر علم لسان موجب راءِ رکڻ جو حق رکي سگهجي ٿو.

مٿين الانا صاحب واري ٿوري منجهائيندڙ خيال تہ "ڪڇيءَ ۾ [ٽر ۽ ڊر] جا نعم البدل [تر ۽ در] آهن. پر اهي سنڌيءَ جي اترادي لهجي وانگر ڏار ڏار صوتين [ٽ ۽ ٽر، ڊ ۽ ڊر] جي حيثيت ۾ نٿا اچارجن" منجهان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي تہ ڊاڪٽر الانا صاحب مذڪوره اچارن کي اترادي لهجي جا صوتيہ تسليم ڪري ٿو. پر وري اهو بہ مونجهارو ٿئي ٿو تہ مذڪوره اچارن کي بيهڪ جي نشانين آڏار صوتئي ۾ نہ پر آوازن جي شڪل ۾ رکيو آهي. ساڳئي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ ڪڇي لهجي وارن وٽ [تر ۽ در] نعم البدل آهن /ٽ/ ۽ /ڊ/ جا!

ڊاڪٽر الانا صاحب جو ساڳيو_ منجهيل راءِ وارو_ حوالو آڻيندي ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب پنهنجو خيال ڏيکاريندي لکي ٿو تہ: "[ٽر ۽ ڊر] آوازن کي ڊاڪٽر الانا صاحب مڪمل صوتيہ قرار ڏئي ٿو. حقيقت ۾ [ٽر ۽ ڊر] سنڌي ٻوليءَ جي /ٽ/ ۽ /ڊ/ صوتين جا عيوضي آواز آهن. سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي اهو سرائڪيءَ جو اثر آهي." (پريم، 1995: 83)

ڊاڪٽر الانا صاحب /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ کي صوتين جو شرف صرف اترادي لهجي لاءِ بخشي ٿو. ٻوليءَ لاءِ مڪمل صوتين جي هجڻ واري راءِ کان پرهيز ڪري

ٿو. ڊاڪٽر الانا جو لفظ ’صوتيو‘ استعمال ڪرڻ تي ڊاڪٽر هدايت پريم ان ڳالهہ تي بغير علمي چنڊ ڇاڻ جي راءِ ٿو ڏئي تہ: حقيقت ۾ [ٽر ۽ ڊر] سنڌي ٻوليءَ جي /ٽ/ ۽ /ڊ/ صوتين جا عيوضي آواز آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب بہ صوتياتي حوالي سان ’ٽر‘ آواز تي تحقيق ڪرڻ ۽ ان لاءِ آئيوڊنا ۾ گنجائش ڪڍڻ لاءِ لکي ٿو تہ: ”.... ڪيترائي اهڙا آواز آهن، جن جي ادائگي اسان جي حرفن سان ٿي نہ ٿي سگهي. مثال طور: ’ڊ‘ جو آواز ڪچي تہ لهجي ۾ (جيئن ڊاڪٽر بلوچ 1950 ڌاري ’عام راءِ‘ ۾ لکيو هو) ’ڊ‘ جي لاءِ ’د‘ ۽ ’ر‘ جا اکر ڪم اچن ٿا. جيئن چنڊ (چندر) ۾ ۽ جنڊ (جندر) ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح ’ٽ‘ جو اهو آواز جيڪو ’پٽ‘ لفظ جي وچولي واري آواز ۾ آهي، سو ’ٽ ۽ ر‘ جي آواز سان ادا ٿئي ٿو پر اسان ان کي بہ ’ٽ- ٽنبڻ‘ لفظ واري آواز جيان لکون ٿا. هن طرح ضرورت آهي انهيءَ ڳالهہ جي تہ اسان پنهنجي لپيءَ جي ڪن ٿورين غير منطقي حالتن جي طرف توجہ ڏيون، پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ هيءَ لپي بدلائي ڇڏيون. بهرحال هن باري ۾ عالمن کي وڌيڪ تحقيق جي طرف توجہ ڏيڻ گهرجي.“(ٻوهيو 1978: 176)

ڊاڪٽر هدايت صاحب خيرپوري لهجي جو صوتياتي جائزو وٺندي لکي ٿو تہ: ”خيرپور لهجي ۾ اترادي جيان /ٽ/، /ٺ/، /ڊ/ ۽ /ڍ/ صوتين جا عيوضي آواز [ٽر]، [ٺر]، [ڊر] ۽ [ڍر] استعمال ٿيندا آهن. خيرپور لهجي ۾ پٽ، ڊيل، ڍؤ ۽ سٺو لفظن ۾ ’ر‘ جو آواز شامل هوندو آهي، يعني تہ پٽر ڊريل، ڍرؤ ۽ سٺرو ڪري اچاريندا آهن. ’ٽ‘، ’ڊ‘ ۽ ’ڍ‘ سان گڏيل ’ر‘ جو آواز سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي نشاندهي ڪري ٿو. سنسڪرت ۾ جنڊ، چنڊ، پاٽ، پٽ لفظن کي جندر، چندر، پاتر ۽ پتر چيو ويندو آهي. اهي لفظ جيڪڏهن سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ آيا آهن تہ بہ انهن جي اچارن ۾ ’ر‘ هئڻ وڌيڪ درست آهي، پر جيڪڏهن سنڌيءَ مان سنسڪرت ۾ ويا آهن تہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اصل ۾ ئي انهن لفظن ۾ [ر] آواز موجود هو. اجا بہ ائين ڪٿي چئجي تہ اهي لفظ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻنهي ۾ هڪجهڙا آهن. جو تہ ٻئي همسر ۽ پينر ٻوليون آهن، تہ بہ [ر] جو آواز ٻنهي ۾ هئڻ گهرجي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ ۾ ’ت‘ ۽ ’د‘ سان [ر] آواز گڏيل هئڻ وارا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي ڪچي لهجي ۾ پڻ موجود آهن.“ (پريم 1999: 123- 133)

ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ جي صوتين کي آواز ڀائيندي، ان کان سواءِ [ٿر] جي آواز جو اشارو به ڪري ٿو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرحوم پڻ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ جي صوتين کان علاوه [ٿر] آواز جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر سنڌي اهڙو خيال 'شڪارپور جي ٻوليءَ' ۾ رکندي لکي ٿو ته: "شڪارپوري لهجي ۽ سريلي محاوري ۾ جزوي ادغام وارا وسرگن کانسواءِ ٻيا به آهن، جيڪي لاڙي ۽ ٻين ڪيترن محاورن ۾ ڪونهن. مطلب ته شڪارپوري محاوري ۾ 'ٽ - ڊ- ڏ- ٿ' جون به صورتون آهن. اهي هي آهن:

'ٽ - ٽر، ڊ - ڊر، ڏ - ڏر، ٿ - ٿر'.

ان جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ٽ : پٽ (ريشم)، پٽ (زمين جو ٽڪرو)، ڪَٽ، هٽَ، ڪَنارِ، گَٽ، ڇٽ

ٽر: پٽر، سٽر، سِٽر، سِٽرا، ماٽر، ڪٽريه ڪاٽر، آڳاٽرو ڏاٽرو.

ڊ: ڪنڊُ، ڪنڊو منڊو ڏنڊو.

ڊر: ڪنڊرُ منڊرُ ننڊرَ ڊراهڻ، ڊرڪائڻ، ڊروهه

ڏ: ڏرو ڏورَ.

ڏر: ڏرءُ، وڏر واڏر (رسو نوڙيا)

ٿ: سٿ، ماٿ، ڪاٿ، ٿڪر.

ٿر: سٿرو سٿرا، سٿريون، اوٿرو (خراب)." (ميمڻ، 1993: 38_ 39)

ڊاڪٽر هدايت پريم يا ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مذڪوره صوتين/ آوازن تي بغير علمي نظر رکندي ٻوليءَ جي انهن صوتين/ آوازن جي درست ورڇ ڪري نه سگهيا آهن، بلڪ جزوي طور انهن جو ذڪر ڪيو آهي. حالانڪ علم لسان جي اصولن موجب /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڏر/ ٻوليءَ ۾ صوتين (Phonemes) جي حيثيت رکن ٿا، جڏهن ته [ٿر]، /ٿ/ صوتئي جو بدل آواز (Allophone) آهي. اهڙو آواز ٻوليءَ ۾ نئين اکر يا شڪل لاءِ سگهه نه ٿو رکي سگهي، ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪوبه لفظ ڪونهي، جيڪو ان آواز جي هٽ سان مونجهارو پيدا ڪري. مثلاً: /ٽ/ - /ٽر/، /ڊ/ - /ڊر/ ۽ /ڏ/ - /ڏر/ صوتين جي هٽ سان لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ٿئي ٿو انڪري اهي الڳ الڳ صوتيه آهن، جيئن:

ڪوٽ = ڏوڙ، خيانت، چالاڪي.

ڪوٽر = ڪنهن هنڌ کي ڪوٽڻ يا اکيڙڻ جو عمل.

[ڊ- ر] جو ڳُڪ ۾. انهن آوازن کي بندشي لرزيدار سڏڻ بهتر آهي: جو تہ منجهن گهسڪيدار آواز جي بجاءِ 'ر' جو لرزيدار آواز سمايل آهي. لاڙي سنڌيءَ ۾ اهو مرڪب آواز ڪونہ ٿو اچارجي." (جتوئي، 1996: 61)

سنڌي ٻوليءَ جي لسانيات جي علم تي ڦلڪو رکندڙ ٻن عالمن پروفيسر جتوئي ۽ ڊاڪٽر الانا جي علمي وضاحتن ۾ التباس آهي. جتوئي صاحب چوي ٿو تہ: "انهن آوازن کي بندشي لرزيدار سڏڻ بهتر آهي: جو تہ منجهن گهسڪيدار آواز جي بجاءِ 'ر' جو لرزيدار آواز سمايل آهي"; جڏهن تہ الانا صاحب چوي ٿو تہ "پر موجوده وقت انهن جو اچار مرڪب آوازن جهڙو نہ بلڪ بندشي- گسڻ آوازن جهڙو آهي." بهرحال ايترو ضرور آهي تہ اهي ديسي آوازن واري نوعيت جا آواز آهن.

پروفيسر عبدالڪريم لغاري مذڪوره صوتين بابت لکي ٿو تہ: "اسانجي ٻوليءَ ۾ 'ٽر ۽ ڊر'، 'لھ ۽ ڙھ' جا اچار برابر موجود آهن ۽ موجوده سنڌي الف- بي ۾ پهرين اچارن لاءِ هڪ حرف ٺ/ ڊ (بغير ر ڊيڪارڻ جي) مقرر آهن. ان جو قوي سبب اهو آهي جو لاڙي لهجي ۾ انهن آوازن ۾ 'ر' جو مدغم آواز موجود ناهي . . ." (لغاري، 1976: 98)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي بابت گريئرسن جي راءِ تي، ٻوليءَ جي لسانياتي تبديليءَ تي تحقيق ڪئي آهي: صاحب موصوف هڪ مقالي ۾ 'ٽر'، 'ڊر' ۽ 'ڍر' جي حوالي سان لکي ٿو تہ: "گريئرسن (1919ع) جي اڀياس مطابق [ر] جو آواز خاص محاوري سان لاڳاپيل آهي. سندس چوڻ مطابق لاڙي محاوري ۾ [ر] جو آواز ڪيرايو وڃي ٿو يعني اچاريو نہ ٿو وڃي. جنهن لاءِ هن مثال طور: ٽي، ڪنڊ ۽ ڏڍ وغيره لفظ ڏنا آهن. جڏهن تہ سريلي ۽ وچولي محاوري ۾ [ر] جو آواز اهڙن مڙني لفظن ۾ اچاريو وڃي ٿو. گريئرسن کان پنجاهہ سال پوءِ ڊاڪٽر بلوچ (1965ع) ۽ ڊاڪٽر الانا (1967ع) جي تجزئي مطابق تہ اها 'ر' صرف سريلي محاوري جا ڳالهائيندڙ مذڪوره لفظن ۾ استعمال ڪن ٿا، ۽ وچولي توڙي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي محاوري جا ڳالهائيندڙ استعمال ڪونہ ٿا ڪن. مٿين حاصل ڪيل معلومات مان چٽيءَ طرح اخذ ڪري سگهون ٿا تہ وقت سان گڏ سنڌيءَ ۾ اهم لسانياتي تبديلي رونما ٿي چڪي آهي. جنهن مطابق 'ر' جو مقامي / فطري اچار نئين 'نہ اچارڻ' واري قرٽي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي."

ڊاڪٽر ٻگهيو صاحب اڳتي لکي ٿو ته: "لکتن جي گهڻي واهپي مطابق خاص لکتن ۾ 'ڙ' جو اکر شامل ڪونه آهي. تنهنڪري اخبارن، نصابي ڪتابن توڙي ٻين علمي ادبي لکتن ۾ جتي اهڙا لفظ اچن ٿا. انهن ۾ 'ڙ' شامل ٿي ڪونه ٿي ڪئي وڃي. ايتريقدر جو پڙهيل لکيل ماڻهو ۽ انهن جي اثر ۾ ڪيترا اڻ پڙهيل به 'ڙ' جو آواز ڪونه ٿا ڪڍن"

ڊاڪٽر ٻگهيو صاحب نتيجو ڄاڻائي ٿو ته: "مٿئين بحث جي روشنيءَ ۾ اسين چئي سگهون ٿا ته اسانجي تحقيقي ايريا ۾ اڀياس هيٺ لسانياتي برادرين ۾ پڙهيل لکيل ۽ نون مواصلاتي اثرن هيٺ آيل ماڻهو 'ڙ' اچار مذڪوره لفظن ۾ ڪونه ڪڍندا آهن. جڏهن ته اڻ پڙهيل ۽ وڏي عمر جا ماڻهو جيڪي مواصلاتي رابطن جي اثر ۾ گهٽ هوندا اهي 'ڙ' جو اچار ڪڍندا هوندا." (ٻگهيو 1998: 83_ 84)

ڊاڪٽر ٻگهيي صاحب جي تحقيق برحق ليڪن جيڪا اهم ڳالهه سامهون اچي ٿي سا آهي 'وچولي لهجي' جي تعيّن جي! ڊاڪٽر ٻگهيي صاحب جيڪو وچولو لهجو تحقيقي ايريا ۾ آندو سو آهي حيدرآباد کان هالا پراڻا تائين، حالانڪ وچولي لهجي جي حد قائم ڪرڻ ۾ اختلاف رهيا آهن. انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ وچولي جو تصور موجوده ساهتي پرڳڻو هيو. گريئرسن جي راءِ ته: "جڏهن ته سريلي ۽ وچولي محاوري ۾ [ڙ] جو آواز اهڙن مڙني لفظن ۾ اچاريو وڃي ٿو." مان اهو ٿي معلوم ٿئي ٿو ته موجوده ٻوليءَ جي ماهرن 'وچولي ٻوليءَ جي چڪي' ساهتيءَ مان پٽي حيدرآباد ۾ نسب ڪئي آهي. جنهن بنياد تي حيدرآبادي ماهرن حيدرآباد کي ٻوليءَ جو وچولو حصو تصور ڪيون. گريئرسن جي ان بيان مان اهو اخذ ڪيو آهي ته اڳ جا ماڻهو 'ڙ' جي لار وارا اچار لفظن ۾ ڪڍندا هئا. ليڪن هينئر حالت ان جي ابتڙ آهي، يعني پراڻا ماڻهو 'ڙ' جي لار وارا اچار ڪم آڻين ٿا. پر گهڻا باقي نئون نسل اهڙي عادت کان آجو ٿي چڪو آهي.

**عالمن جي راين جو نچوڙ**

'ڙ' جي لار سان سلهاڙيل آوازن بابت عالمن جا گهڻ_ پاساوان رايا نچوڙ جي صورت ۾ هيٺ رکجن ٿا:

- ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ جي 'ڙ' جي لار وارن آوازن کي مرڪب آواز طور تسليم ڪري ٿو جنهن بنياد تي سندس اڻ سڌيءَ طرح راءِ آهي ته مذڪوره آوازن کي آئيوڻا ۾ نه پر صورتخطيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ گهرجي.

- ڊاڪٽر هدايت پريم لکي ٿو تہ: "اترادي لهجي ۾ پڻ [ٽر]، [ڊر]، [ٺر] ۽ [ڍر] موجود آهن، پر عيوضي آواز طور ڪم اچن ٿا. منجهن معنوي تبديلي آڻڻ جي سگهہ ڪانہ آهي، مڪمل صوتين جي حيثيت ڪونہ ٿا رکن، تنهنڪري ٿي کين الف- بي ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي."
- پروفيسر عبدالڪريم لغاري لکي ٿو تہ: "[ر] جي آواز گڏيل /ٽ/ جي اچار لاءِ ڪاميٽيءَ ڪنهن جدا حرف جي صورت محسوس نہ ڪئي. ان جو هڪ سبب هيءَ آهي تہ [ر] جي آواز گڏيل /ٽ/ جو اچار لاڙ ۾ عام نہ آهي. بهرحال 'ڙ' حرف جي بہ پنهي نمونن وارن اچارن لاءِ ( 'ر' چڙي ۽ گڏيل اچارن لاءِ) هڪ ئي حرف 'ڙ' مقرر ڪيو. هن کان اڳ 'ڙ' حرف ٻن صورتن 'ڙ' ۽ 'ڊر' ۾ لکجڻ ۾ پئي آيو."
- گريئرسن جي تحقيق موجب: "'ر' حذف ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو بہ نوٽ ڪري سگهجي ٿو تہ معياري لهجي وارا 'ٽر ۽ ڊر' لاڙي لهجي ۾ ٽ ۽ ڊ اچاريا وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت معياري لهجي وارو پٽر لاڙيءَ ۾ پٽ ٿئي ٿو ۽ منڊر ڦري منڊ ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ 'ر' جڏهن 'ٽ'، 'ڊ'، 'ڍ' سان ملندي آهي تہ اها لکڻ ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن يا انجي ابتڙ بہ ٿئي ٿو تہ ٽ، ڊ، يا ڍ ۾ 'ر' اڪثر ملائي ويندي آهي، جڏهن تہ لکبي ڪانهي."
- پيرومل ڇاٽائي ٿو تہ: "لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونہ ڪن. جيئن 'پٽر' بدران 'پٽ'، 'چنڊر' بدران 'چنڊ' ۽ 'ڏيڊر' بدران 'ڏيڊ' چون. وچولي وارا انهن اکرن جا اچار بلڪل صحيح ڪيندا آهن. سري وارا تہ انهن اکرن جا اچار هيڪاري چٽو ڪيندا آهن، ڪي تہ اهو اچار لکندا بہ آهن. جيئن : 'ٽيڪمداس' بدران 'ٽريڪمداس'، اهڙيءَ طرح سري جي ماڻهن جا اچار بنهہ چٽا ۽ صحيح آهن." ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ: "حيدرآباد ۽ پسگردائيءَ جي ٻولي ٺيٺ ۽ کري ٻولي ليکجي ٿي ... حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي، تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي."
- ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم هن مسئلي تي مثالن آڌار سختيءَ سان لکيو آهي تہ: "شايد سنڌي دانن کي اها خبر نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا اکر آهن، جي مرڪب آهن يا جيڪڏهن اهڙن جو احساس اٿن، تہ اچا تائين

انهن تي عملي تحقيق سان غور نہ ڪيو اٿن. ۽ انهن ڪي ليکن جي وسيلي ماڻهن جي ڌيان تي نہ آندو اٿن ... نرم اچار ۾ ’ر‘ جو اکر ڳجهو آهي، جو جهوني الف بي ۾ نروار لکيو ويندو هو مگر جڏهن سڌاريل صورتخطي عمل ۾ آئي، تڏهن اها ’ر‘ ڪيرائي وئي ۽ فقط ٽ، ڊ ۽ ڍ جون ساديون صورتون قائم رکيون ويون. شايد جن شخصن جي هٿن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قسمت سونپيل هئي، تن کي فقط انهن اکرن جي سخت اچار جي پروڙ هئي، سندن زبان تي انهن جا نرم اچار نہ ٿي وريا. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ کي اشتقاق جي لحاظ ڪري گهڻو نقصان پهتو ۽ پهچي رهيو آهي ... جنهن صورت ۾ ايترا لفظ آهن جنهن ۾ ٽ، ڊ ۽ ڍ نرم شڪل ۾ ڪم آيل آهن، تنهن صورت ۾ انهن جي پوري اچار جي شناخت لاءِ خواه سنڌي درسي ڪتابن ۾ سڌارڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي. منهنجي راءِ آهي تہ ’ٽ‘، ’ڊ‘ ۽ ’ڍ‘ جي نرم اچارن کي نروار ڪرڻ لاءِ انهن جي پيٽ ۾ ننڍڙي ’ر‘ لکي وڃي.“

- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ: ”[ر] جو ادغام سنسڪرت مان آيل لفظن ۾ موجود هو ۽ سنڌيءَ ۾ بہ قائم رهيو. جيڪو ماٽر، مِٽر، چنڊر، ڪنڊر وغيره ۾ موجود آهي. اهي لفظ اڄ تائين سڄي سنڌ ۾ ائين ڳالهائجن ٿا ۽ ائين ئي لکڻ کپن.“

- ڊاڪٽر جيٺلي ڄاٽائي ٿو تہ: ”جيئن تہ اتر- سنڌ جي لهجن ۾ ’ٽ‘، ’ڊ‘ ۽ ’ڍ‘ حرفن جو اچار [ٽر]، [ڊر] ۽ [ڍر] ڪيو ويندو آهي ... تازو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو شاهہ جو رسالو مرتب ڪيو آهي، انهيءَ ۾ لکيت ۾ بہ هن انهن آوازن لاءِ گڏيل حرف _ ’ٽر‘، ’ڊر‘ ۽ ’ڍر‘ _ استعمال ڪيا آهن.“ پر بعد ۾ صوتيات جي اڀياس دوران لکي ٿو تہ: سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ٽ — ڊ‘ کان سواءِ انهن جا بدليل اچار ’ٽر- ڊر‘ بہ شامل ڪرڻ گهرجن. ’ٽ-ڊ- ڍ‘ اکرن جي اچار ڪرڻ مهل ٿورو ’ر‘ جو اچار ڪرڻ گهرجي.“

- ڊاڪٽر الانا ڄاٽائي ٿو تہ: ”ڪڇيءَ ۾ [ٽر ۽ ڊر] جا نعم البدل [تر ۽ در] آهن. پر اهي سنڌيءَ جي اترادي لهجي وانگر ڌار ڌار صوتين [ٽ ۽ ٽر، ڊ ۽ ڊر] جي حيثيت ۾ نٿا اچارجن. سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي اهو سرائڪيءَ

جو اثر ٿو معلوم ٿئي . . . سنڌيءَ ۾ اهڙا آواز آهن: [ٽر] ۽ [ڊر]. اهي آواز فقط اترادي لهجي ۾ ملن ٿا . . . موجوده وقت انهن جو اچار مرڪب آوازن جهڙو نہ بلڪ بندشي _ گسڻن آوازن جهڙو آهي."

- ڊاڪٽر ڀوڳيو لکي ٿو تہ: "اهو آواز جيڪو 'پٽ' لفظ جي وچولي واري آواز ۾ آهي، سو 'ٽ ۽ ر' جي آواز سان ادا ٿئي ٿو پر اسان ان کي بہ 'ٽ_ ٽنڊڻ' لفظ واري آواز جيان لکون ٿا. هن طرح ضرورت آهي انهيءَ ڳالهہ جي تہ اسان پنهنجي لپيءَ جي ڪن ٿورين غير منطقي حالتن جي طرف توجہ ڏيون."
- ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب لکي ٿو تہ: "[ٽر ۽ ڊر] آوازن کي ڊاڪٽر الانا صاحب مڪمل صوتيہ قرار ڏئي ٿو. حقيقت ۾ [ٽر ۽ ڊر] سنڌي ٻوليءَ جي /ٽ/ ۽ /ڊ/ صوتين جا عيوضي آواز آهن. سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي اهو سرائڪيءَ جو اثر آهي . . . خيرپور لهجي ۾ اتراديءَ جيان /ٽ/، /ٺ/، /ڊ/ ۽ /ڍ/ صوتين جا عيوضي آواز [ٽر]، [ٺر]، [ڊر] ۽ [ڍر] استعمال ٿيندا آهن."
- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: "شڪارپوري محاوري ۾ 'ٽ_ ڊ_ ڍ_ ٺ' جون ٻہ صورتون آهن. اهي هي آهن: 'ٽ _ ٽر، ڊ _ ڊر، ڍ _ ڍر، ٺ _ ٺر.'"
- پروفيسر علي نواز جتوئي چاٽائي ٿو: "دنيا جي ڪن ٻولين ۾ ڪي وينجن مرڪب معلوم ٿيا آهن. جن ۾ پهريون وينجن بندشي هوندو آهي ۽ ٻيو گهسڪيدار. . . معياري سنڌيءَ ۾ اهڙي نموني جا ٻہ آواز آهن: هڪ: [ٽ_ ر] جو مرڪب آواز پُٽ ۾، ۽ ٻيو [ڊ_ ر] جو ڏُڪ ۾. انهن آوازن کي بندشي لرزيدار سڏڻ بهتر آهي، ڇو تہ منجهن گهسڪيدار آواز جي بجاءِ 'ر' جو لرزيدار آواز سمايل آهي. لاڙي سنڌيءَ ۾ اهو مرڪب آواز ڪونہ ٿو اچارجي."
- پروفيسر عبدالڪريم لغاري لکي ٿو: "موجوده سنڌي الف_ بي ۾ پهرين اچارن لاءِ هڪ حرف ٽ/ ڊ (بغير ر ڊيڪارڻ جي) مقرر آهن. ان جو ٿوري سبب اهو آهي جو لاڙي لهجي ۾ انهن آوازن ۾ 'ر' جو مدغم آواز موجود ناهي."
- ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو صاحب لکي ٿو تہ: "گريئرسن کان پنجاهہ سال پوءِ ڊاڪٽر بلوچ (1965ع) ۽ ڊاڪٽر الانا (1967ع) جي تجزئي مطابق تہ اها

جي انهن کي باقاعده صوتيو تسليم ڪيو وڃي؛ پر جيڪڏهن ڪنهن ٽرڻي ۾ ڦرن ٻه ٽا ته ان ٽرڻي کي هٿوهٽ ڪري روڪيو وڃي، ڇوته ان سان ٻوليءَ جي نفاست ۽ وسعت کي ڌڪ ٿو لڳي.

اصولي طور 'ڇ' جو 'ش'، (يا لاڙي لهجي موجب 'ڇ' جو 'ڇ') هڪٻئي جاallophone آهن. جيڪڏهن انهن آوازن کي ڏسندي انهن اکرن جي مٽ سان لفظ سامهون رکجن ته شايد هرويرو ايڏو مونجهارو نه ٿئي، جيڏو /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ کي نظر انداز ڪرڻ سان ٿئي ٿو ته پوءِ ڇو نه انهن 'ڇ' ۽ 'ش' جي جڳهه تي ڪوبه هڪ اکر 'ڇ' يا 'ش' وٺي قوم تان گهٽڻ آوازن جو بار هلڪو ڪجي! اهو ائين ان لاءِ نه ٿو ڪري سگهجي ته علمي حوالي سان انهن آوازن جي مٽ سان لفظن ۾ فرق يقيناً ٿئي ٿو. مثلاً: ڇرڪُ ـ شِرڪُ. جڏهن ته نج سنڌي ٻوليءَ ۾ ان آواز جي مٽ سان اهڙا لفظ مشڪل سان ملندا يا ممڪن آهي ته هوندا ئي ڪونه جبڪي ٻوليءَ جي ميدان ۾ مونجهارا ڪندا هجن. مثلاً:

| 'ڇ' آواز سان لفظ | 'ش' آواز سان لفظ |
| --- | --- |
| ڇوڪرو | شوڪرو |
| ڇڪار | شڪار |
| ڇهر | شهر |
| خوڇ | خوش |
| هنبوڇي | هنبوشي |
| ڇُڇڪڙ | شُشڪڙ |
| ڇپر ڇانو | شپر شانوَ |
| ڇانهين | شانهين |

هاڻي جيڪڏهن انهن لفظن مان بدل آوازن يا غير مستعمل صورتخطيءَ وارن لفظن کي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن واري در در رلائبو ته به ڪا نرالي معني ڪونه ڏيندا. ته ڇا پوءِ ان کي آئيوينا جي ڪنڊ پاسي ۾ ڪا جڳهه مليل ڪانهي؟ پر جيئن ته هي هڪ علمي معاملو آهي، ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ توڙي سنڌي ٻوليءَ تي اثر انداز ٿيندڙ ٻين ٻولين جي مستعمل لفظن ۾ ڪم ايندڙ اهڙن آوازن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي.

### 2.3.2 [ٺر] آواز جي حيثيت

ها، البت ماهرن پاران ڄاڻايل اترادي آواز [ٺر]، علم لسان موجب بدل آواز (Allophone) جي حيثيت رکي ٿو. ڇوته [ٺر] جي آواز ۾ معنوي فرق رکڻ جي قوت هڪانهي! هيٺ چند مثال آڏو رکجن ٿا:

| حالت | 'ٺ' آواز سان لفظ | 'ٺر' آواز سان لفظ |
| --- | --- | --- |
| اڳيان | ٺڪر | ٺرڪر |
| وچ ۾ | بيٺڪ | بيٺرڪ |
| پويان | سيٺ | سيٺر |

مٿي ڄاڻايل لفظن تي غور ڪرڻ سان پتو پوندو ته /ٺ/ ۽ [ٺر] جي مٽ سٽ ڪنهن به لفظ ۾ معنوي مونجهارو ڪونه ٿو ٿئي. جنهن بنياد تي اهو ئي چئي سگهبو ته ٻوليءَ جي ڪنهن به لهجي ۾ ڪوبه اهڙو لفظ ناهي جيڪو معنوي بنياد تي مونجهارو ڪندو هجي. ان صورت ۾ علمي طور تي [ٺر] کي /ٺ/ جو بدل آواز (Allophone) ئي ڀانئبو!

[ٺر] کي بدل آواز (Allophone) طور مڃڻ ۾ ان لحاظ کان به مجبوري ٿئي ٿي جو ڪافي لفظن ۾ ان جا اچار نرالا ٿي وڃن ٿا. مثال طور هيٺين لفظن جي حالت ڏسو:

| لفظ | امڪاني صورت |
| --- | --- |
| سنڙي (اسم تصغير) | سنرڙي |
| ٺري | ٺرٺري |

لازمي طور تي اترادي ماڻهو اهڙو اچار بيهاري ويندا هوندا. پر اهڙي قسم جي آواز کي صرف Allophone ئي چئي سگهجي ٿو. اهو به لازمي ناهي ته ڄاڻايل آواز اترادي لهجي وارا ائين ئي ڪيندا آهن. ليڪن هي هڪ امڪاني تجزيو آهي.

مبادا، اهڙي قسم جي آواز جو بنياد وٺي سنڌي ٻوليءَ جا حيدرآبادي/ لاڙي ماهر /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ کي به بدل آواز چئي جند ڇڏائي هجين. ليڪن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پراڻن ڪتابن ۽ ڪاتبن آڏار /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جو صورتخطيءَ ۾ استعمال ڪري هڪ مجاهد ۽ محافظ جي حيثيت ماڻي آهي.

مختصر بحث بعد ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ /ٽر/ /ڊر/ ۽ /ڍر/ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن وڏن لهجن اترادي توڙي وچولي/ ساهتيءَ ۾ صوتين جي حيثيت سان استعمال ٿين ٿا، جڏهن تہ [ٺر] جو آواز Allophone جي حيثيت رکي ٿو.

### 2.3.3 /ٽر/ /ڊر/ ۽ /ڍر/ صوتين جي ديسي حيثيت

ديسي آوازن جي نوعيت واري ڇاڻ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪيل علمي ڪم مان حاصل ٿئي ٿي. ڊاڪٽر الانا جزم جي درست استعمال لاءِ 'گڏيل آوازن' جي وضاحت ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "لفظن جي وچ وارن گڏيل آوازن کان سواءِ ڪن لفظن جي منڍ ۾ بہ گڏيل آواز سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن. هيلتائين سنڌي ڪتابن ۾ منڍ وارن گڏيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي برابر خبر تڏهن پوندي، جڏهن لکيل صورت کي نظرانداز ڪري، اچاريل آوازن کي غور سان ٻڌبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۾ ڪي هيٺيان گڏيل آواز لفظن جي منڍ ۾ ڪم اچن ٿا:

| منڍ ۾ گڏيل آواز | لفظ جو اچار |
|---|---|
| /پر/ | پريمُ |
| /بر/ | بَرهمَڻُ |
| /ڏي/ | ڏياري |
| /ڏي/ | ڏيانُ |
| /پي/ | پيارُ |
| /گي/ | گيانُ |
| /ڪي/ | ڪياڙي |

(الانا، 1993: 143 ـ 144)

ڊاڪٽر الانا سنڌي ڪتابن ۾ غلطين جي ورجاءُ بابت اشارا ڏيندي، اڳتي لڇمڻ خوبچندائيءَ جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو تہ: "سنڌي ڪتابن ۾ 'ڏيان'، 'پيار' ۽ 'ڪياڙي' لفظن ۾ [ڏ]، [پ] ۽ [ڪ] کي ساڪن نہ سمجهي، انهن کي متحرڪ بڻائڻ لاءِ هيٺ [ا] سُر ڏنو ويو آهي. حالانڪ [ڏي]، [پي] ۽ [ڪي] وغيره اڌارن ورتل لفظن جو حصو آهن، پر ديسي صوتياتي نظام موجب گڏيل آواز آهن، جي سنڌي صوتياتي خصوصيتن جا حامل آهن. انهن گڏيل آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ

ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهڻي ضرورت آهي. /پريم/ ۽ /ڏيان/ وغيره لفظن ۾ پهريان ساڪن آواز ٻئي جوڙ سان گڏ. گڏيل آواز کان پوءِ ڪم ايندڙ ٻڌر سان متحرڪ ٿين ٿا." (الانا، 1993: 144 ـ 145)

ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ديسي گڏيل آوازن ڏانهن اشارو ۽ درست صورتخطيءَ لاءِ سفارش مان اها وضاحت ٿئي ٿي ته هن مونجهاري کي ڊاڪٽر الانا درست ڄاتو آهي ۽ انهن گڏيل آوازن (پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ) کي سنڌي ٻوليءَ ۾ هجڻ کي تسليم ڪري ٿو. حقيقت اها آهي ته معياري سنڌي ٻوليءَ جا معما ٻٽيل صوتي حيثيت رکندڙ آواز: /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ ٻوليءَ ۾ ڄاڻايل گڏيل آوازن جيان ديسي گڏيل آواز آهن. جڏهن /پر/، /ٻر/، /پي/ وغيره ديسي آواز ٿي سگهن ٿا، ته ڇا سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتي حيثيت رکندڙ /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ سنڌي ٻوليءَ جا ديسي گڏيل آوازن نه ٿا ٿي سگهن؟

اصل ۾ جاگرافيائي اثر ۽ هن خطي جي ويجهڙائپ سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ چند آواز/ اکر اهڙا آهن جيڪي 'ر' جي ملڻ ۽ 'ي' جي ڳنڍ سان ساڪن ٿي وڃن ٿا، پوءِ اهي جوڙ ڪنهن لفظ جي منڍ ۾ اچن، وچ ۾ يا پڇڙيءَ ۾. مثلاً:

پر، ٻر، گر، ٽر، ڊر، ڍر ۽ ڏيه ڏيه پي، گي، ڪي.

مذڪوره (ٽر، ڊر ۽ ڍر کان سواءِ) گڏيل آوازن کي مانواري الانا صاحب صوتئي (Phoneme) جي نشاني ۾ به لکيو آهي ۽ صوتئي جي نشانيءَ سان لکڻ ۾ به ڪو حرج ڪونهي. حقيقت ۾ ٽيڻ ائين ڪيندو هو ته ٻوليءَ ۾ نمايان صوتئي جي حيثيت رکندڙ گڏيل آوازن /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ جي درست صورتخطيءَ لاءِ به راءِ رکي ها. جيڪڏهن مجبوري ڇپيل مواد جي اڻپاس جي آهي، ته پوءِ ڊاڪٽر بلوچ جا ڪتاب مڙني آڏو آهن جن ۾ مذڪوره صوتين سان صورتخطي ڏنل آهي! پر جيئن ته ڊاڪٽر الانا بنيادي طور لاڙي/ حيدرآبادي لهجي جو فرد آهي، تنهنڪري گڏيل آوازن ۾ اهڙن صوتي حيثيت رکندڙ آوازن کان پرهيز ڪري ٿو.

عربي ـ سنڌي آئيوٽا ۾ اهڙي کوٽ، ۽ ٻي رخيءَ سبب ديوان لوڪناٿ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ کي بهتر ڄاڻائڻ جي دليلن ۾ تنقيدي طور تي هن نقطي تي خاص طور زور ڏيندي لکيو هو ته: "1. عربي ـ سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اچارن سان ڪوبه تعلق نه آهي، اچار هڪڙو ته لکڻ جو طريقو ٻيو.

2. عربي- سنڌي بنهه غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي به سپاويڪ اچار ڪري ٿي، عربي لپي انهن اچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي.

3. هن (عربي- سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي. نه فقط ايترو ليڪن غير وگيانڪ لپيءَ جي سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پئي آهي، جنهن ڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اچار اهڙا ڪندا آهن ڄڻ ته عربي ويٺا پڙهن." *(لوڪناٿ، 1959: 36-38)*

ڊاڪٽر الانا ديوان لوڪناٿ جي موٽ ۾ ڄاڻائي ٿو ته: "جن جن اعتراضن جي بنا تي ديوان لوڪناٿ عربي- سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون دراصل عربي- سنڌي رسم الخط ۾ نه آهن، پر لکندڙن جي اڻڄاڻائيءَ جو نتيجو آهن." (الانا، 1993: 15)

ديوان لوڪناٿ جي ان اعتراض ته "لفظ BRê(پرشٽ) ديوناگريءَ ۾ ئي درست نموني لکي سگهبو.BR (پر) ۾ [پ] ۽ [ر] ٻئي گڏجي اچن ٿا. ٻنهي جو گڏيل اچار ٿيو BR (پر) جيڪو عربي لپيءَ ۾ لکي ڪونه سگهبو جي لکڻ جي ڪوشش ڪندا ته انهيءَ جو اچار ڪير به برابر نه ڪري سگهندو. ساڳيءَ طرح [ش] ۽ [ٽ] جو گڏيل اچار ڪير به عربيءَ ۾ لکي ڏيکاري! جي لکندا ته ٿيندو 'شٽ' ۽ سڄو اکر لکبو ته ٿيندو 'پرشٽ' يا ان جو اچار عربي- سنڌي خواندو ڪندو پرشٽ'." جي جواب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته: "ڪوبه سنڌي 'پرشٽ' لفظ جو اچار 'پرشٽ' هرگز ڪونه ڪندو. هو بلڪل ائين ئي چوندو جيئن لوڪناٿ ديوناگري خط ۾ لکي ڏيکاريو آهي. هيءَ لفظ ٻن پدن وارو آهي، [پر] گڏيل آواز آهي، ان ۾ پهريون جز /پ/ ساڪن (vowel less) آهي. اهو جزم يا سڪون جي مدد سان نمايان ڪري سگهجي ٿو. ساڳي طرح [شٽ] به گڏيل آواز آهي، جنهن ۾ پهريون جز /ش/ ساڪن آهي، جنهنڪري ان مٿان جزم ڏيئي، ان کي ساڪن آواز جي صورت ۾ نمايان ڪري سگهجي ٿو." (الانا، 1993: 16- 17)

درست صورتخطيءَ ۽ جزم جي درست استعمال جي خيال کان ڊاڪٽر الانا جي هِجي ۾ مونجهارا آهن. ڇاڪاڻ ته 'جزم' جي درست استعمال بابت الانا صاحب جي هِجيفير علمي آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'جزم' جو ڪم 'پهريون متحرڪ، ٻيو

ساڪن' واري گڏيل آوازن سان ٿيندو آهي. جڏهن تہ هنن ديسي آوازن ۾ 'پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ' وارو گڏيل آواز ٿيندو آهي. يعني اسان ان قسم جي گڏيل آوازن (Cluster of sounds) واري معاملي کي تہ سمجهيو آهي، ليڪن جزم جي درست صورتخطيءَ ۾ واضح ناهيون.

بهرحال، مذڪوره سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو مونجهارو ان سبب اڀري ٿو جو ان 'ر' جي آميزشي آوازن واري مونجهاري تي ماهرن اصولي طور تي ڪو حل ڪونہ سوچيو آهي. ڊاڪٽر الانا ان مونجهاري جي نشاندهي علمي طور تي جا بجا ڪري ٿو ۽ کين ديسي گڏيل آواز طور تسليم ڪندي ان جي درست صورتخطيءَ جي سفارش بہ ڪري ٿو پر پوءِ بہ لاڙي/ حيدرآبادي لهجي جو هجڻ سبب وچولي معياري لهجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اعتراض جوڳن اهم صوتين ۾ ساڳي گروه جي گڏيل آوازن: /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ تي ڪابہ نظر نہ ٿو رکي.

اهڙن مونجهارن کي سمجهڻ ۽ ان جي حل لاءِ 1853ع واري ڪاميٽيءَ بہ ڪو توجہ ڪونہ ڏنو ان جو اهم سبب بہ مخصوص لهجي جي ماهرن جو هيو. اهڙي شڪايت اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽر الانا بہ هيئن ڪري ٿو تہ: "جيتوڻيڪ انهن (گڏيل آواز وارن) لفظن جو ڪو گهڻو ذخيرو نہ آهي، پر انهن جي لکت جو مسئلو حل ڪرڻ ضروري آهي. انهن لفظن کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏيڻو نہ آهي. اهي لفظ اڄ بہ اسان جي روزمره واري ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا آهن. ان ڪري اهي اسان جي سماج ۾ لغات جو حصو آهن. انهن ۾ اهڙن ٻين لفظن جي ڪا صورت شايد ان ڪري مقرر ٿي نہ سگهي، جو عربي ۽ فارسي ٻولين جي صوتياتي نظام ۾ لفظن جي منڍ ۾، مرڪب آوازن جا اچار موجود نہ هئا. ان ڪري عربي يا فارسي زبانن جي صورتخطين ۾ اهڙن مرڪب آوازن کي لکڻ جو رواج ڪونہ هو تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهيندڙ ماهرن، انهيءَ مسئلي طرف سوچيو ئي نہ هو. پر جيڪڏهن تقابلي مطالعي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ سڻاءَ جو مطالعو ڪيو وڃي ها ۽ ديوناگري رسم الخط جي مدد سان ٺيل گجراتي، مرهٽي، بنگالي وغيره زبانن ۾ اهو مسئلو 1849ع ۾ ئي حل ٿي وڃي ها. يا دير ۾ دير 1913ع ۾ هن مسئلي تي سوچيو وڃي ها، پر ائين نہ ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو ديوان لوڪناٿ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي دليلن ۾ پنهنجي تنقيد ۾ هن نقطي تي خاص زور ڏنو." (الانا، 2005: 213)

ڊاڪٽر الانا آڏو اسان به ساڳي شڪايت ڪريون ٿا ته ساڳئي گروهه جا ديسي ڳڏيل آواز_ جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا صوتي حيثيت رکندڙ ڳڏيل آواز /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ اچي ٿا وڃن _ به نظرانداز ڪيا ويا آهن. جنهن جو پڻ ساڳيو سبب آهي ته جيڪا ڪاميٽي موجود هئي انهن ۾ مخصوص لهجي جا ماهر هئا. جن جي لهجي ۾ 'ڳڏيل آواز' وارو تصور ڪونه هيو، ۽ نه وري ساڳيا ماهر ديوناگري مان اخذ ڪيل رسم الخطن کان واقف هيا، جو ته سڀ ڄاڻن ٿا ۽ ان بابت علمي طور تي ڄاڻائي چڪا آهيون ته ديوناگري صورتخطيءَ ۾ [ر] آواز لاءِ ڇهن قسمن جا اکر/ علامتون متعين ٿيل آهن. ان لاءِ بهتر ٿيندو ته اسان به ڳڏيل آواز ۾ ڪم ايندڙ [ر] جي اهڙي آواز لاءِ ڪا علامت مقرر ڪريون. جيڪا ٻوليءَ جي اهڙي مونجهاري کي منهن ڏئي سگهي.

### 2.3.4 سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي جي سڃاڻ

سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي جي حدبنديءَ تي ڪافي اختلاف رهيا آهن. خاص ڪري حيدرآباد ۽ ساهتي پرڳڻي جي وچ ۾! ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ان جي تاريخي حقيقت ٻڌائيندي لکي ٿو ته: "جيتوڻيڪ سنڌ جي 'وچولي واري ٻوليءَ' کي معياري تسليم ڪري ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو پر عملي طور گهڻي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفتر جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي." (بلوچ، 1992: 15_ 16)

اهڙو اظهار حيدرآبادي ماهر آنجهاني ڀيرومل به ڪيو آهي ته: "حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي. تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي." (ڀيرومل، 1956: 93_ 94)

مختصر ٻنهي عالمن جي راين مان اهو معلوم ٿيو ته حيدرآباد جي ٻوليءَ کي وچولي ۾ شمار ڪري نه ٿو سگهجي. البته ان کي وچولي جي دفعي ۾ ليکيو وڃي ٿو. جنهن مان مراد اها آهي ته اختياريءَ وارن وچولي ٻوليءَ جي ڇڪي ٻڌي حيدرآباد ۾ نسب ڪئي آهي.

ٻي صورت ۾ جن عالمن ساهتيءَ کي وچولي ۾ شمار ڪيو آهي، تن ۾ پروفيسر ڀيرومل، پروفيسر علي نواز جتوئي، مسٽر ڪيمچند هيراڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو محترم نصير اعجاز شامل آهن.

صوتي اعتبار کان اها ڳالهه واضح آهي تہ 'حيدرآباد ۽ ساهتي پرڳڻي' جي ٻوليءَ ۾ ڇڱو خاصو فرق آهي. ٻي صورت ۾ مڙني لهجن جو بنيادي نحوي ڍانچو ساڳيو آهي، ليڪن حيدرآباد جي ٻوليءَ تي لاڙي اثر آهي. جڏهن تہ ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ تي اترادي اثر آهي.

گريئرسن جي راءِ موجب ايترو آهي جو 'لاڙي لهجي جي ٻوليءَ کان اترادي ٻوليءَ جا آواز يا اچار وڌيڪ صاف ۽ چٽا آهن.' (گريئرسن، 2000: 61) ان صورت ۾ ساهتي پرڳڻي جي ٻولي، حيدرآباد جي ٻوليءَ کان وڌيڪ صاف ۽ چٽي آهي. جنهن بنياد تي ساهتي پرڳڻي جي ٻولي ۽ ان جي آوازن يا اچارن کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

### 2.4 'ر' جي لاڙ وارن آوازن لاءِ عالمن جا تجويز ڪيل حل

#### 2.4.1 ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو رايو

ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ 'ر' جي لاڙ وارن آوازن لاءِ سخت شڪايت سان راءِ ڏني هئي تہ: "منهنجي راءِ آهي تہ 'ٽ'، 'ڊ' ۽ 'ڍ' جي نرم اچارن کي نروار ڪرڻ لاءِ انهن جي پيٽ ۾ ننڍڙي 'ر' لکي وڃي." (دائود پوٽو 1997: 54)

صاحب موصوف اهو واضح ڪونہ ڄاڻايو تہ ڪهڙي نموني مذڪوره اکرن جي پيٽ ۾ 'ر' جو اضافو/ ڳنڍ ڪيو وڃي. امڪان آهي تہ:

- مرحوم جو خيال ساڳئي ڍنگ وارو هوندو جيڪو اڳين عالمن ڪم آندو ۽ ڊاڪٽر بلوچ عمل ۾ آندو.
- 'ٽ'، 'ڊ' يا 'ڍ' جي مٿان اعراب وانگر 'ننڍڙي ر' لکڻ جيئن آخوند گل وسرڳ آواز لاءِ ڪنهن اکر مٿان 'ننڍڙي هہ' جو اضافو ڪيو هو.

#### 2.4.2 ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو رايو

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'ر' جي لاڙ وارن صوتين جي حوالي سان انگريزي دؤر واري ترتيب ڏنل آئيوٽا کان اڳ، ڪم ايندڙ عالمن جي متعيّن ٿيل اکرن بابت ڄاڻائي ٿو تہ: " 'ٽر' ۽ 'ڊر' ٻئي روزمره جي سنڌي ٻوليءَ جا مخصوص اچار تسليم ڪري، انهن صوتين جي صورتخطي پڻ 'ر' جي اضافي سان قائم ڪئي وئي هئي، جيئن:

- ٽري، ٽِرٽو، ٽريٺي، پٽر، ماٽر، آڳاٽرو.
- ڊريگهہ، چنڊر، سمنڊر، جنڊر" (بلوچ، 1999: 443)

تنھنڪري ٽڏي دل سان انھن حرفن جو جائزو ورتو وڃي ۽ ضرورت موجب انھن کي جاءِ ڏني وڃي."

ڊاڪٽر داد محمد بروھي صاحب پڻ 'ر' جي آميزشي صوتين لاءِ صورتون تجويز ڪيون، جيڪي ھيٺ ڏجن ٿيون:

"ٽ ٿ ڊ ڏ" (بروھي، 1992: 17_18)

ر ڙ ڙه

ڊاڪٽر بروھي صاحب واري راءِ بہ لکڻ جي حوالي سان، ڏکيائيون پيدا ڪري سگھي ٿي، ھڪ تہ لکڻ ۾ رواني ڪانہ اچي سگھنديءَ ھيو تہ لکڻ ۾ بہ سوئي ڪپڙي تي ريشمي چٽيءَ جيان ڏاري ٿي بيھنديءَ فرض ڪريو تہ لفظ 'پٽ' لکڻو آھي، تہ 'پ' کي 'ٽ' سان ملائي لکڻ بعد وري 'ر' جي لارَ لاءِ لکيل اکر ڏانھن چِٽِي ھٽڻ لاءِ موٽڻو پوندو جيئن: 'پٽ' اھو طريقو ٻارن لاءِ ڪي قدر ڏکيو ٿي پوندو. اھڙن اکرن لکڻ جا انداز بلوچي آئيوينا ۾ نوٽ ڪيا ويا آھن، پر موجوده حالتن ۾ عربي- سنڌي آئيوينا ۾ اھڙي ردوبدل اڻ ضھائيندڙ ثابت ٿينديءَ چوتہ ھڪ پاسي اھا حالت آھي تہ اڳلو سودو ئي نہ ٿو سلي، ۽ ماٿھو وتي اُٿل گھرندو!

ھونئن ڪنھن اکر جي نئين شڪل يا صورت ناھڻ يا قبول عام ٿيڻ جو اصول اھو ئي آھي تہ اکر جي نئين صورت يا نئين چِٽي ان صورتِ ۾ مڃوتي حاصل ڪري سگھي ٿي، جو اھا اکري صورت موجود اکرن جي شڪل و صورت سان مشابھت رکي يا انھن جي نسل مان لڳي ۽ لکڻ توڙي پڙھڻ ۾ سرلائپ ۽ سھنجائپ رکي. ان کان علاوه ان جو ڪو وزني جواز يا تاريخي حوالو ھجي.

مورڏني آوازن جي صورتخطيءَ لاءِ ڄاڻايل مٿيان ٽي حل سامھون آھن، جن ۾ ڊاڪٽر داد محمد بروھيءَ جو ڄاڻايل حل صورتخطيءَ جي تاريخي اپياس يا ڪنھن بہ ٽڪ ۾ ڪونہ ٿو ٺريءَ جڏھن تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي صورتخطيءَ جو ڍنگ اڳوڻن عالمن/ ڪاتبن وارو اختيار ڪيل آھي، پر جيئن تہ اھو مسئلو ڪافي عرصي کان سرد خاني ۾ رھيو ۽ جڏھن ڊاڪٽر بلوچ ان مسئلي کي جاچيو تہ ھن جي اڳيان اڳين عالمن جو ڪيل ڪم سامھون ھيو جنھن کي جيئن جو تيئن عمل ۾ آندائين، موجوده حالتن ۾ جڏھن ان مسئلي کي علمي لحاظ کان جاچجي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اڳتي ڪيل عمل ۾ بہ مونجھارا سامھون اچن ٿا. جنھن صورت ۾ اھو عمل بہ قبوليت جو درجو نہ ٿو ماڻي سگھي. جڏھن تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي راءِ

مٿين ٻنهي عالمن جي راءِ ڪان ان لحاظ ڪان وزني آهي جو ان ۾ مونجهارن جو ڪو امڪان ڪونہ ٿو رهي.

## 2.5 مختلف صورتخطين ۾ 'ر' جي لاڙ وارن آوازن جا ڪڏيل حل

ڳڏيل آوازن بابت ڊاڪٽر الانا پنهنجي تصنيف 'سنڌي ٻوليءَ جي ايپاس' ۾ پڻ ساڳئي مونجهاري تي لکي ٿو تہ: هيستائين سنڌ جي ماهرن سنڌي زبان جي نصابي ڪتابن، وياڪرڻن توڙي سنڌي لغات ۾ هن موضوع طرف ڪوبہ توجہ نہ ڏنو آهي. مثال طور:

ڏيان، ٻيائي، ٻيار ڏياري، ڏياٽي، نياپو نياءَ، گيان،

ٽياڻ ڪياڙي جياپو پريم ڪروڌ گراهڪ ۽ برهمڻ." (الانا، 2005: 212_213)

ڊاڪٽر الانا جي ٻنهي ڪتابن (سنڌي صورتخطي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ايپاس) مان لفظن جي چونڊ سان جيڪي ڳڏيل آواز معلوم ٿين ٿا تن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا نظرانداز ٿيل صوتيا بہ سمائڻ جوڳا آهن. تن ڪي ڳڏي مڙئي هيٺ ڏجن ٿا:

بر، پر، ٽر، ڊر، ڍر، گر، ڪر، ۽ ڏي، ڏيہ ٻي، پي، ٽي، جي، گي، ڪي، ني.

مذڪوره ڳڏيل آوازن لاءِ ديسي ٻولين جي رسم الخطن يا صورتخطين ۾ ڪونہ ڪو حل ڄاڻايل آهي، هت صرف ڳڏيل 'ر' جا مثال مقصود آهن. ديوناگريءَ ۾ تہ اهڙي ڳڏيل 'ر' جيڪا اڳئين اکر جي ساڪن سان اچڻ سبب متحرڪ بڻجي وڃي، ان ڳڏيل آواز لاءِ اڳئين ساڪن اکر جي هيٺان ترڇي ليڪ جي علامت سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. جيئن:

| عربي سنڌي آئيوڊا موجب | ديوناگري آئيوڊا موجب |
|---|---|
| ب + ر = بر | b + R = bR |
| پ + ر = پر | p + R = pR |
| ٽ + ر = ٽر | t + R = t® |
| ڊ + ر = ڊر | d + R = d® |
| ڍ + ر = ڍر | F + R = F® |
| گ + ر = گر | g + R = gR |
| ڪ + رَ = ڪر | k + R = k® |

ديسي رسم الخط ديوناگريءَ ۾ اهڙن 'ر' جي لار وارن گڏيل آوازن لاءِ ڪي علامتون مقرر ٿيل آهن. جيڪي هن خطي جي ٻوليءَ جي آوازن جي پوري نمائندگي ڪن ٿيون. ديوناگريءَ ۾ 'ر' مختلف اچارن جي لحاظ کان چئن اندازن سان لکي ويندي آهي، مثلاً:

1) متحرڪ (اعرابن/ ماترائن سان)

2) آميزشي متحرڪ (گڏيل آواز ۾ پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ)

3) ساڪن (گڏيل آواز ۾ پهريون زير سان).

4) ساڪن (گڏيل آواز ۾ پهريون زير سان).

•

حرڪ لاءِ سڌو سنئون 'رَ' r جيئن: ڪارَجُ ________ kwrju

( آئيويتا ۾ هر اکر کي زير هجڻ سبب زير واري آواز لاءِ خالي'r' ڏيڻي پوندي آهي، ٻين اعرابن لاءِ ٻـ اها ساڳي 'r' ڪم آندي ويندي آهي.)

•

ميزشي متحرڪ 'ر' لاءِ اڳئين اکر هيٺان ترڇي ليڪ. جيئن: پرَيوُ____ pRBU

(اڳئين اکر کي ساڪن رکي ايندڙ آميزشي [ر] جي آواز کي زير ڏيڻ جي صورت ۾ هيءَ ترڇي ليڪ ڪم آندي ويندي آهي.)

• 'ر' ساڪن لاءِ ايندڙ اکر مٿان ڪنڍيءَ جو نشان، جيئن: ڪرتا ڌَرتا ___ Dqíwkqíw

( پهريون اکر زير سان هجڻ سبب ايندڙ [ر] ساڪن آواز لاءِ ٻئي اکر مٿان ڪنڍيءَ جو نشان ڪم آندو ويندو آهي.)

•

ڏيل آواز ۾'ر' ساڪن لاءِ اڳئين اکر هيٺان ڪنڍيءَ جو نشان، جيئن: ڪِرپا ___Ipw

( اڳئين اکر کي زير هجڻ جي صورت ۾ ايندڙ [ر] کي ساڪن ٻڌائڻ لاءِ هيءَ ڪنڍيءَ اکر جي هيٺان ڏني ويندي آهي.)

تجويز ڪيل راين جي ڇنڊڇاڻ

سنڌي صورتخطيءَ پٽاندر مٿيان تجويز ڪيل ٽي رايا خيال خاطر سامهون رکيا ويا آهن. جنهن مان ڪا هڪ بهتر يا آسان ٿي سگهي ٿي: ان ڪارڻ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي راءِ ڪافي مونجهارن کي رد ڪرڻ جي سگهه ساري ٿي:

ڊاڪٽر صاحب تاڪيد سان راءِ ڏني آهي ته: "'ٽ'، 'ڊ' ۽ 'ڍ' جي نرم اچارن کي نروار ڪرڻ لاءِ انهن جي پيٽ ۾ ننڍڙي 'ر' لکي وڃي". سندس خيال آهي ته اهڙي قسم جي ننڍڙي 'ر' مذڪوره اکرن جي مٿان لکي وڃي: ڇاڪاڻ ته مٿان لکڻ جو انداز پراڻن ڪاتبن يا عالمن وٽ عام هيو. آخوند گل محمد گل به وسرڳ اکرن لاءِ گهربل اکرن مٿان 'هه' جي لکڻ کي وڌيڪ ترجيح ان لاءِ ڏني جو ان ۾ ڪنهن به مونجهاري جو امڪان ڪونه ٿو رهي. جڏهن ته اڄ تائين اسان 'هه' وينجن ۽ 'ـهه' وسرڳ کي صورتخطيءَ ۾ باضابطه طور تي به آڻي ڪونه سگهيا آهيون.

ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جي هٿ اکرن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ڪافي پڇاڙيءَ وارا اکر اڳئين پد جي پيٽ ۾ لکندو هو تلفظي طور تي 'نون گهٽو'، جيئن: اسا، ما وغيره.

هن حوالي سان ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جو رايو انتهائي مضبوط ۽ سُهائيندڙ آهي ته مذڪوره اکرن جي پيٽ يعني مٿان اعراب جي صورت ۾ 'ر' جو اضافو ڪيو وڃي. ان سان اهو ٿيندو ته عام ماڻهو به ان چال کي آسانيءَ سان سمجهي ويندو ۽ 'وينجن' به ڪونه پائيندو.

## 2.7 نتيجو

- تاريخي ۽ علمي لحاظ کان اها ڳالهه ثابت آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو وچولو 'ساهتي پرڳڻو' آهي. جيڪو ٻوليءَ جو معياري لهجو (Standard Dialect) آهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي ٻن وڏن لهجن اترادي ۽ وچولي ۾ 'ر' جي ادغام وارا گڏيل آواز (Cluster of Sounds) /ٽر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ لسانيات جي اصولن موجب صوتيه (Phoneme) آهن.

- جڏهن تہ [ڙ] ۾ معنوي فرق پيدا ڪرڻ جي سگهہ ڪونهي ان ڪارڻ ان کي بدل آواز (Allophone) چئبو.
- ڊاڪٽر بلوچ مذڪوره گڏيل آوازن کي 'ر' جي اکر سان لکڻ جا مثال ڏيئي، پاڻ ڪم آندو اٿس. جيئن تہ ٻوليءَ جي وسعت سبب اهڙي اکر لکڻ سان بہ مونجهارا آڏو اچن ٿا. ان لاءِ صورتخطيءَ ۾ اهڙي راءِ کي غير مناسب تصور ڪجي ٿو.
- ڄاٽايل مورڏني صوتين لاءِ الڳ سان اکرن جو رکڻ ممڪن ناهي، ان ڪارڻ صورتخطيءَ ۾ اضافي وسرڳن (لهہ مهہ نهہ ٽهہ ۽ ڙه) جيان، ان جي استعمال لاءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي واري راءِ کي بهتر سمجهڻ گهرجي.
- ڊاڪٽر دائود پوٽي جي راءِ آهي تہ ڄاٽايل (ٽر، ڊر ۽ ڍر) صوتين جي پيٽ ۾ (اعراب نما) 'ر' جو استعمال ڪيو وڃي.

حوالا/ ذريعا:


- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند (1956) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ڪراچي:سنڌي ادبي بورڊ. حيدرآباد
- الانا،غلام علي خواجہ (1967) سنڌي صوتيات۔ ادبيات پبليڪيشن حيدرآباد
- الانا،غلام علي ڊاڪٽر (1993) سنڌي صورتخطي۔ سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد
- الانا،غلام علي ڊاڪٽر (2005) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس۔ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
- الانا،غلام علي ڊاڪٽر (2009) سنڌي صوتيات۔ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- بروهي داد محمد، ڊاڪٽر (1992) سڀني جي ٻولي۔ حيدرآباد: سنڌي ٻوليءِ جو با اختيار ادارو.
- بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر (1983) طالب المولیٰ ڏانهن هڪ ادبي خط ايڊيٽر: انور جوکيو ٽماهي سنڌ۔ اونهارو 1983. ص: 259۔ 263 حيدرآباد: سنڌ اسٽڊي سينٽر.

- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1992)۔ سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي۔ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1999)سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ۔ ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر.
- ٻگھيو قاسم ڊاڪٽر (1998) سنڌي ٻولي ( لسانيات کان سماجي لسانيات تائين). ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
- ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر (1978) سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج۔ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- پريم هدايت ، ڊاڪٽر (1995) اترادي ٻولي۔ حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- پريم هدايت، ڊاڪٽر (1999) سنڌي ٻوليءَ جو خيرپوري لهجو. ايڊيٽر: نهميده حسين، ڪلاچي، تحقيقي جرنل. ج: 2 (4). ص: 123۔ 133. ڪراچي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر. ڪراچي يونيورسٽي.
- ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر [1872] 2011. سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، مترجم: *ميمڻ امجد سراج*. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جتوئي، علي نواز پروفيسر (1996) علم لسان ۽ سنڌي زبان۔ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لڪاوٽ. دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه
- جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر (2000) سنڌي ڌوني وگيان. دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پريشاد
- حسن ابدالی محمد یوسف (2004) بلتی قاعده ۔ اسلام آباد: مقتدره قومی زبان.
- دائود پوٽو عمر بن محمد، ڊاڪٽر (1997) سون برابر سڱڙا (علامہ دائود پوٽي جا مضمون ۽ مقالا). مرتب: هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- گريئرسن، جي.اي (2000) برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو. مترجم: ڊاڪٽر نهميده حسين. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

- لغاري، عبدالڪريم، پروفيسر (1976) سنڌي الف- بي جي ارتقا- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- لغاري، عبدالڪريم، پروفيسر (1976) سنڌي الف- بي جي ارتقا. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- لوڪنات (1959) سنڌي ٻوليءَ جي لپي. بمبئي: مساني روڊ، بمبئي 19.
- مرزا، ممتاز (1993) ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت. مرتب: ممتاز مرزا. ڀٽ شاه: ڀٽ شاهثقافتي مرڪز.
- ميراڻي سڪندر علي ساجن (1995- 1996) ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ جا قسم. ايڊيٽر: امين لغاري. ٽماهي سنڌي ٻولي. ص: 68- 72. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر (1993) شڪارپور جي ٻولي- حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو.
- ميمڻ عبدالمجيد. سنڌي (1972) ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي. ٽماهي مهراڻ. ايڊيٽر: غلام محمد گرامي. ج 61 (2). ص 156- 171. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- هدايت پريم، ڊاڪٽر (1995) اترادي ٻولي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

رياضت ٻرڙو

# ڀيرومل مهرچند، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي "لطيفي لغتن" جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو

## A Comparative and Analytical Research Study on "Latifi Lughuat" written by Bheromal Mehrchand, Mirza Kalich Beg and Dr. N.A Baloch.

**ABSTRACT:**

First "Latifi Lughuat" Sindhi to English was written by Lelaram Watanmal Lalvani, it was published as a part of his book "The life, Religion, and poetry of Shah Abdul Latif, the greatest pot of Sindh". After it in 20th century, three dictionaries (Sindhi to Sindhi) of Shah jo Risalo were written, namely (1) 'Gharibul Lughat' by Bheromal Mehrchand (2) 'Lughat Latifi' by Mirza Kalich Beg (3) 'Roshni' by Dr. N.A Baloch. In this paper, I have carried out comparative and analytical research study on these Sindhi to Sindhi Dictionaries.

سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي، سنڌس شاعريءَ ۾ سمايل مثاهين درجي واري فڪري ڏاهپ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اُتم ڪماليت سبب خاص ۽ ڀرپور حيثيت حاصل آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جون اهي ٻئي اوچايون، ان کي انهيءَ اعليٰ پد تي وٺي رسائن ٿيون. جتي هن وقت تائين ٻيو ڪو سنڌي شاعر رَسي نہ سگهيو آهي. "حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو ڀرپور شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي اعليٰ فني صلاحيتن ۽ خوبصورت ٻوليءَ سان مالا مال ڪيو"(1). "شاهه جي رسالي" جي نالي سان مشهور ٿيل، لطيف سائينءَ جو فڪر بيتن ۽ وائين جي صنفن ۾ منظوم ڪيل آهي، جيڪي سنڌس دَور ۾ سنڌي شاعريءَ جون اهم صنفون هيون. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ سان ئي، انهن ٻنهي صنفن کي سنڌي شعري ادب جي نمائنده صنفن طور روڊي سگهه ۽ مستقل حيثيت ملي. اهو ان

ڪري ممڪن ٿي سگهيو تہ لطيف سائين سچي سنڌ گهمندو مختلف ڪم ڪندڙ پورهيتن سان ملندو، سندن محنتن، محبتن، مسئلن ۽ مامرن کي جاچيندو سنڌي ٻوليءَ جي رمزن، گوناگونيت ۽ وسعت کي پرکيندو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ سانڍيندو رهيو."شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ هئي خوبيون خيال جي گهرائي ۽ فني خوبيون اعليٰ درجي تي موجود آهن. هن جي فني خوبين ۾ لفظن جو ڪثرت سان استعمال ۽ لطافت ايئن آهي، جيئن سنڌو درياءَ ڇوليون هڻندو هجي ۽ هر بيت جي هر سِٽ ۾ صنعت سد حرفي جو استعمال سندس ڪلام جي اها خوبي آهي، جنهن سندس ڪلام ۾ ڪمال جو حسن ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي"(2). ان حُسن، دلڪشيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بيشمار خوبين جي ڪري اڄ بہ لطيف سائينءَ جا بيت ۽ وائيون پڙهندي ۽ ٻڌندي، منَ منجهہ سُڪون ۽ اطمينان جو احساس جاڳندو آهي، نوان جوش ۽ جذبا ڪر موڙڻ لڳندا آهن، ۽ همت ۽ جستجوءَ سان حياتي گذارڻ جون سوچون ۽ عمل پيدا ٿيڻ لڳندا آهن.

لطيف سائين 1690/1689ع مطابق 1102هہ ۾ ڄائو ۽ 1752ع مطابق 1165هہ ۾ وفات ڪري ويو.(3). ان لحاظ کان لطيفسائينءَ جي ڪتب آندل ٻوليءَ کي ٽن صدين جو عرصو ٿي چڪو آهي. لسانيات (Linguistics) جي دنيا ۾ ٽن صدين تي مشتمل عرصو ٻوليءَ جي تبديلي يا ڦيرڦار جي لحاظ کان تمام وڏو عرصو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻولي سياسي، سماجي، مذهبي، علمي، ادبي،ثقافتي ۽ ٻين گهڻن ئي عملن ۽ ڪارڻن سبب، مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذرندي رهندي آهي. ٻوليءَ لاءِ اها ڪا اُگري حالت نہ آهي، پر انهن تبديلين ۽ حالتن پٺاندر، ڪا بہ ٻولي پنهنجي جياپي جا جواز پيدا ڪندي رهندي آهي. "تبديلي ٻوليءَ ۾ هميشہ ايندي رهي آهي ۽ ٻوليءَ کي ٺاهڻ ۾ ان جو خاص ڪردار بہ آهي. ٻولي هڪ لچڪدار ڦرندڙ گهرندڙ وجود جي حيثيت ۾ هميشہ تبديليءَ جي حالت ۾ آهي"(4). ان کان سواءِ جيتري قدر ڪا ٻولي ٻين ٻولين سان لهہ وچڙ ۾ رهندي آهي، اوتري قدر ئي، پنهنجي اندروني سگهہ آڌار ان ٻوليءَ جو اثر وٺندي يا ان کي رد ڪندي آهي ۽ ان موجب پنهنجين خاصيتن کي نئون سنئون (up_date) ڪندي رهندي آهي.

گذريل ٽن صدين دوران، دنيا جي ٻين زنده ٻولين جيان، سنڌي ٻولي بہ تبديل ٿي آهي. ٽي صديون اڳ سنڌي ٻوليءَ جو ماحول ٻيو هيو ان جون سياسي، سماجي، ثقافتي حالتون ٻيون هيون، ۽ هاڻي سنڌي ٻوليءَ جو ماحول ٻيو آهي، ان جون سياسي،

سماجي، ثقافتي حالتون وغيره بدليل آهن. ان ڪري اهو ڪنهن بہ ريت ممڪن ئي نہ آهي، تہ سنڌي ٻولي تبديل نہ ٿئي. ٻولي جي تبديلين جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ اها تبديلي گهڻ رخي ٿئي ٿي، جن جو اڀياس هڪ الڳ مقالي جو گهرجائو آهي. ان تبديليءَ ۾ مختصراً چئجي تہ:

(1) هڪڙا لفظ واهپي منجهان نڪري، متروڪ ٿي، وڃن ٿا ۽ ٻيا انهن جي جڳهہ وٺن ٿا.

(2) متروڪ ٿيل لفظن سان منسوب معنائون بہ نڪري وڃن ٿيون.

(3) معنائون پڻ ڪنهن نہ ڪنهن لفظ/لفظن تي مشتمل ٿين ٿيون، ان ڪري اهي لفظ پڻ ٻوليءَ منجهان خارج ٿي وڃن ٿا.

(4) لفظن جا اچار تبديل ٿين ٿا. يعني انهن جي سُر آوازن ۾ تبديليون اچن ٿيون. انهن سُر/اُچارڪ تبديلين جو اثر، ڪن حالتن ۾ انهن لفظن جي معنائن تي پوي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ نہ بہ پويٿو. جيڪي لفظ پنهنجو اچار تبديل ڪن ٿا، انهن جي معنائن کي سمجهڻ ۾ پرکڻ سولو نہ ٿو رهي.

(5) ڪن لفظن جو واهپو محدود ٿيڻ لڳي پوي ٿو.

(6) پنهنجي ٻوليءَ جي بدران، ڌاريءَ ٻوليءَ جا لفظ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا.

(7) لفظن جي معنائن ۾ تبديلي واقع ٿئي ٿي، جنهن ۾ معنيٰ عام حالت منجهان ڪا خاص حالت پڻ اختيار ڪري ٿي.

(8) ڪي لفظ پنهنجي لغت واري معنيٰ ڇڏي، عام طور اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪتب اچڻ لڳن ٿا.

ان تناظر ۾، ٽي صديون اڳ واري لطيف سائينءَ جي، پنهنجي رسالي ۾ ڪتب آندل،ٻوليءَ سان بہ اهي معاملا لاڳاپيل آهن. جيڪا ٻولي لطيف سائينءَ ڪتب آندي، اها زنده ٻولين وانگر، تبديليءَ جي مرحلن مان مسلسل گذرندي رهي آهي. لطيف سائينءَ جا ڪتب آندل ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي ويا آهن، انهن جون معنائون بہ ماضيءَ ۾ رهجي ويون آهن، ڪيترائي لفظ هاڻي ايئن نہ ٿا ڳالهايا وڃن جيئن لطيف سائينءَ جي دَور ۾ مروج هئا ۽ڪن لفظن جون معنائون بدلجي ويون آهن. لطيف سائينءَ جي دَور جون حالتون هاڻوڪي دَور کان مختلف نوعيت جون هيون، ان ڪري هاڻوڪي دَور ۾، لطيف سائينءَ جي دَور وارن لفظن جو واهپو محدود

ٻڌجي ويو آهي.ان ڪري عام ماڻهن لاءِ ممڪن نہ آهي تہ اهي لطيف سائينءَ جي ٽي صديون اڳ ڪتب آندل ٻوليءَ کي مڪمل طور سمجهي سگهن. انهن مسئلن سان مُنهن ڏيڻ لاءِ، لغتن جي گهرج پوندي آهي، جن ۾ بنيادي طور ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سمورن لفظن جي داخلا، الف-بي وار ڪيل هوندي آهي، ۽ انهن لفظن جون معنائون لکيون ويندون آهن. انهن معنائن کي پڙ ڏيان سان داخل ڪرڻو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ غلط معنيٰ جي داخلا سان،لفظُ متنازعہ بڻجي،پنهنجي حيثيت وڃائي ويهندوآهي، جنهن ڪري عوامي ٻوليءَمان نڪري ويندو آهي.

"شاهہ جو رسالو" پهريون ڀيرو لسانيات جي ماهرارنيسٽ ٽرمپ (1828ع-1885ع) جي ترتيب ۽ اُپائڻ سان، جرمنيءَ جي شهر ليپزگ مان،1866ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ،لائق مرتبن ۽ شارحن طرفان الڳ الڳ ترتيبن سان، "شاهہ جو رسالو" مختلف سُرن، سُرن جي داستانن ۽ داستانن جي بيتن ۽ وائين جي واڌ،کوٽ۽ پڙهڻين سان وري وري، ڇپجندو رهيو آهي. انهن "رسالن" ۾ ٿيو ڇڻو فرق لفظن جي اچارن، معنائن ۽ سمجهاڻين جو پڻ رهيو آهي، جنهن جو خاص سبب شارحن طرفان لطيف سائينءَ جي فڪر موجب، سندس ڪتب آندل لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ جي ويجهو وڃڻ آهي، جيڪا رڳو ئي لغت واري نہ آهي، پر اصطلاحي، تمثيلي، استعاري ۽ تشبيهي بہ آهي. انريت،اول، "شاهہ جي رسالي" ۾ ڏکين لفظن ۽ محاورن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏيڻ جي شروعات ٿي، جنهن کان پوءِ رسالي جي ڏار لغتن جا ڪتاب بہ ڇپجڻ لڳا، تہ جيئن تفصيل سان نہ صرف معنائن کي سمجهي سگهجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري (Lexicon) کي بہ سهيڙي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ "شاهہ جو رسالو" سنڌي ٻوليءَ جو بہ بنيادي ماخذ آهي. ان کان سواءِ حاصل مطلب هيءَ بہ آهي، تہ معنائن ۽ سمجهاڻين ذريعي 'لطيفي فڪر' کي وڌ ۾ وڌ سمجهي، منجهانئس مستفيض ٿي سگهجي...

لطيفي لغتن جي سلسلي ۾ جنهن محقق سڀ کان اڳ، "لطيفي لغت" کي،لطيف سائينءَ بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل هڪ ڪتاب ۾ 1890ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپي پڌرو ڪيو اهو نامور اديب ليلارام وطڻمل لالواڻي (1867-1941) آهي.سندس ان ڪتاب جو نالو آهي:

"The Life, Religion, and Poetry of Shah Latif: The Greatest Poet of Sind".

اهو ڪتاب ٻن جُلدن(volumes) ۾ آهي. پهريون جُلد ابتدائي 16_ صفحن کان سواءِ 95_صفحن (جُملي 111_صفحن) تي مشتمل آهي، جن ۾ 6_ صفحا پُلنامي جا بہ شامل آهن. ٻيو جُلد 222_صفحن تي پکڙيل آهي. ان ٻئي جُلد ۾ بہ ڀاڱا آهن: پهرين ڀاڱي جي 41_صفحن ۾ "شاهہ جي رسالي" ۾ آندل 113_عدد، قرآن مجيد جي عربي آيتن ۽ حديثن ۽ ٻين عربي لفظن ۽ فُقرن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي، ۽ ٻئي ڀاڱي جي 181_صفحن ۾ "شاهہ جي رسالي" جي 1500 کان وڌيڪ ڏکين لفظن ۽ فقرن جي معنيٰ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. ان ريت، مٿين ڪتاب جي هڪ مُک حصي طور "پهرين سنڌي_انگريزي لطيفي لغت"ڇپي.نامور محقق ۽ لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ اِن لغت کي، "شاهہ جي رسالي جي پهرين لغت" لکيو آهي(5). ان ڪتاب جو عڪسي ڇاپو 95 ورهين تي محيط هڪ وڏي عرصي کان پوءِ، 1985ع ۾ "سنڌ ڪتاب گهر/انڊس پبليڪيشنز ڪراچي" طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو.

مٿينءَ لغت کان پوءِ، "سنڌي_سنڌي لطيفي لغتن" لکجڻ ۽ ڇپجڻ جو سلسلو ويهين صديءَ جي ابتدا کان شروع ٿيو. انهن لغتن منجهان، هيٺ، ٽِن مختلف"لطيفي لغتن" جو تذڪرو ڪجي ٿو جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ٽن وڏن عالمن ـــ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ـــ جوڙيون. جيڪي ترتيبوار "غريب اللغات"، "لغات لطيفي" ۽ "روشني: شاهہ جي ڪلام جي لغت" جي نالن سان ڇپيون. تفصيلي جائزي مان پڌرو ٿيندو تہ ٽنهي لغتن جي جوڙجڪ الڳ نوعيت جي آهي، ۽ پڻ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ٽنهي لغتن جي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جڳهہ تي وڏي اهميت آهي. ٽن لغتن منجهان، ڀيرومل مهرچند جي "غريب اللغات" ۽ مرزا قليچ بيگ جي "لغات لطيفي" ۾ چونڊ ڏکين ۽ اهنجن لفظن جون معنائون، سمجهاڻيون ۽ وضاحتون ڏنل آهن، جڏهن تہ ڊاڪٽر بلوچ جي "روشني: شاهہ جي ڪلام جي لغت" لطيف سائينءَ جي "ڪلام ۽ ٻوليءَ جي لغت آهي: يعني شاهہ جي بيتن ۽ واين ۾ آيل حرفن، لفظن، فقرن ۽ سٽن ۾ سمايل معنيٰ جي لغت آهي. مجموعي طور سان هيءَ شاهہ جي اصطلاحي ٻوليءَ جي لغت آهي"(6).

اهنجن يا ڏکين لفظن وغيره جي چونڊ جو معاملو ڏسجي تہ ڏيان گهرندڙ آهي. لغت نويسيءَ جي اصولن جي لحاظ کان پڻ، هيءُ هڪ اهم معاملو آهي، مثال

طور جيڪي لفظ "غريب اللغات" يا "لغات لطيفي" ۾ داخلا هيٺ ناهن آندا ويا، اهي انهن لغتن جي مرتبن موجب، سهنجا آهن. سوال اهو آهي، تہ ڪنهن بہ لفظ کي سولو يا ڏکيو سهنجو يا اهنجو سمجهي، لغت ۾ داخل يا اڻ داخل ڪرڻ جو معيار ڪهڙو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ، مرزا قليچ بيگ جي لغت جي تناظر ۾ هيءَ آهي، تہ "جڏهن ڪو صاحب خاص طرح ڏکين لفظن جي معنيٰ لکندو تہ هو ضرور انهن لفظن جي معنيٰ لکندو جيڪي سندس پنهنجيءَ ڄاڻ موجب 'ڏکيا' هوندا. انهيءَ ڪري اهڙي لغت ۾ اهي سيئي لفظ اچي نہ سگهندا، جيڪي سيني پڙهندڙن لاءِ ڏکيا هجن"(7). ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ هڪ حد تائين درست آهي، ڇاڪاڻ تہ سيني پڙهندڙن جي ذهني ۽ علمي سطح هڪ ڪري ناهي هوندي، ان ڪري لغت جي تقاضا هوندي آهي تہ منجهس هر لفظ جي داخلا رکي وڃي. البت، خاص نوعيت جي لغتن ۾ ان تقاضا کان پاسو ڪري سگهجي ٿو ۽ ضروري لفظن جي داخلا رکي سگهجي ٿي. ان کان سواءِ گهڻو امڪان اهو ٿي آهي، تہ لغت نويس طرفان، اهڙا لفظ 'ڏکيا' سمجهي شامل ڪيل هجن جيڪي اڪثريت لاءِ سچ پچ بہ ڏکيا هجن. جيڪڏهن لفظي چونڊ نہ رکبي، تہ پوءِ هڪ قسم جي جامع لغت جوڙڻي پوندي، ان ڪري، وري بہ لغت نويس جي علمي لياقت تي ڀروسو رکڻو ئي پوندو پوءِ اهو لفظ جي چونڊ جو هجي، توڙي ان جي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ جو.

هيٺ، ٽنهي لطيفي لغتن جون مختصر اپياس پيش ڪجي ٿو جنهن کان پوءِ ٽنهي لغتن جي چونڊ معنائن ۽ سمجهاڻين جو پيٽاپيٽي جائزو وٺبو.

(1) "غريب اللغات":-

سنڌيءَ کان سنڌيءَ ۾ جيڪا لطيفي لغت،سڀ کان اڳ، سن 1906ع ۾ ڇپي، اها "غريب اللغات" آهي.هيءَ لغت نامور محقق، اديب، تاريخدان ۽ ٻوليءَ جي ماهر پيرومل مهرچند آڏوآڻيءَ جوڙي، جنهن جو شاعريءَ ۾ تخلص "غريب"هيو جيڪو هُن لغت جي نالي ۾ شامل ڪيو يعني "غريب جي (جوڙيل) لغت". هڪ لحاظ کان، "غريب اللغات" لطيفي لغت جو پهريون پاڳو آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهس"شاهہ جي رسالي" جي فقط ٽن سُرن (1) ڪلياڻ، (2) يمن ڪلياڻ، ۽ (3) کنڀاتجي آهنجن لفظن۽ جملن جي معنيٰ ڏنل آهي. افسوس تہ ان اهم لغت جا ٻيا پاڱا تيار ٿي ۽ ڇپجي نہ سگهيا. ڊيمي سائز ۾ ڇپيل هيءَ هڪ ننڍي لغت آهي جنهن

۾ مرتب طرفان لکيل 'ديباچو' ۽ 'شاھ جو ٿورو ذڪر' 13ـ صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن تہ لفظن جو داخلائون ۽ معنائون پهرئين صفحي کان سَنهين صفحي تائين پکڙيل آهن، جن ۾ سر ڪلياڻ 15ـ صفحن، سر يمن ڪلياڻ 34ـ صفحن ۽ سر کنڀات 11ـ صفحن تي مشتمل آهي. لفظن جي داخلا وارو پاڱو ٻن ڪالمن ۾ ورهيل آهي. لغت ۾ داستان لاءِ 'فصل' جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي. "غريب اللغات" جي انفراديت هيءَ آهي، تہ هر هڪ سُر جي فصلءِ ان ۾ درج بيت جي ترتيب موجب، بيت جو نمبر ڏئي،اهنجي لفظ يا فُقري جي معنيٰ يا ضرورت موجب سمجهاڻي ڏنل آهي.اهڙي ڇپائي داخلائن جي پهرئين صفحي تي هنن وڏن لفظن ۾ ڪيل آهي: **"شاھ جي رسالي جي اهنجن لفظن ۽ جملن جي معنيٰ"**. پيرومل صاحب، لفظن ۽ معنائن جي لکڻ ۽ سهيڙڻ جي جاکوڙ بابت، جولاءِ 1906ع ۾ لکيل 'ديباچي' ۾ بيان ڪري ٿو "مون سعيو ڪري هٿي ڏٿي ڏکين ڏکين لفظن جون معنائون هٿ ڪيون ۽ 1905ع ۾ اچا معنائن جي ڪتاب ڇپائڻ جو خيال ڪيم تہ معلوم ٿيم تہ مرزا قليچ بيگ صاحب رسالي جون معنائون لکي تيار ڪيون آهن ۽ جلد ڇپائڻ وارو آهي. هن صاحب پوءِ منهنجي چوڻ تي پاڻ واريون معنائون ڇاپخاني ۾ موڪلڻ کان اڳ مهرباني ڪري مون ڏي ڏياري موڪليون. تنهن وچ ۾ وري هڪ لغت مرحوم آخوند عبدالرحيم بن محمد وفا عباسيءَ جي هٿ لڳيم ۽ هڪ ٽرمپ صاحب وارو رسالو مليم جنهن ۾ حاشئي تي انهيءَ ساڳئي آخوند صاحب جي دستخط اهنجن لفظن جون معنائون لکيل هيون. انهن ٽنهي سان پنهنجون لکيل معنائون پيٽڻ لڳس، پر انهي ڪم ۾ مون کي تمام گهڻو وقت لڳي ويو جنهنڪري گذريل سال پاڻ واريون معنائون ڇپائي ڪين سگهيس"(8). ان مان پڌرو آهي، تہ مرزا قليچ بيگ بہ ساڳئي وقت **"لغات لطيفي"** تي ڪم ڪري رهيو هيو جنهن وقت پيرومل بہ پنهنجيءَ لغت لاءِ ڪم پئي ڪيو. پيرومل لفظن جي چونڊ لاءِ 1900ع ۾ تعليم کاتي پاران ڇپرايل تاراچند شوقيرام جي "شاھ جي رسالي" کي ماخذ طور ڪتب آڻڻ سميت، ساڌو هيرانند ۽ تاراچند وٽان پڻ معنائون حاصل ڪيون ۽ لغت ۾ آندل ٽنهي سُرن جي ڇاپي جون چُڪون پڻ نشانبر ڪيون(9). "غريب اللغات" ۾ 'ديباچي' کان پوءِ آندل 'شاھ جو ٿورو ذڪر'، مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي" تان سهيڙي پيش ڪيو آهي، جنهن بابت 'ديباچي' ۾ ڇٽائي پڻ ڪيل اٿس.

هيٺ "غريب اللغات" جو مطالعو پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ حوالن واسطي اِن لغت جا صفحا نمبر ننڍي ڏنگيءَ اندر ڄاڻايا ويا آهن.

(1)لغت ۾ ڪجهه لفظن جا ضد درج ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ: 'اعليٰ' جو 'ادنيٰ'(ص: 1). 'سَتر' جو 'اوتر. ڏتر. ڪتر'(ص: 2). 'سگهائي' جو 'اگهائي'(ص: 13). 'ڪِي' جو 'اَڪي'(ص: 47) وغيره.

(2) ڪجهه لفظن جا مصدر پڻ ڏنل آهن. جهڙوڪ: 'نائين' جو 'نائڻ'(ص: 1). 'اُتو' جو 'اُتڻ'(ص: 2). 'ڏنا' جي معنيٰ 'ڏٺيا. چونڊيا' جا 'ڏٺڻ. چونڊڻ'(ص: 4)('ڏنا' جو مصدر 'ڏئڻ' ڏيڻ گهرجي ها). ''اپين'جو 'اپڻ'(ص: 47). وغيره.

(3) ضرورت موجب 'واحد'لفظ جو'جمع' ۽ 'جمع' لفظ جو 'واحد' ننڍين ڏنگين منجهه ڏنل آهي. جهڙوڪ: 'اُوءِ' جو واحد 'اُو'(ص: 2). 'انواع' جو واحد 'نوع'(ص: 16). 'تيغون' جو واحد 'تيغ'(ص: 23). 'ديون' جو واحد 'دئي'(ص: 41ـ42). وغيره. اتي ئي 'دئي' جو مذڪر 'دئو' بہ درج ڪيل آهي.

(4)تنهن وقت جي مروج انداز موجب. تمام گهڻا لفظ خاص ڪري ضمير ۽ حرف جر.هڪ لفظ وانگرگڏي لکيا ويا آهن. جهڙوڪ: 'هنجو'. 'هنکي'(ص: 1). 'ڪانسواءِ'(ص: 4). 'اوهانجي'. 'مونکي'. 'دلہ'(ص: 6). 'انجو'(ص: 8). 'چونٿا'. 'مهاينجا'(ص: 10). 'انهنجا'(ص: 11).'جنجا'. 'ديگہ'. 'جنجي'. 'اسانجي'(ص: 12). 'هنجا'(ص: 13). 'جنهنکي'. 'انجي'(ص: 14). 'توهانجو'(ص: 15). 'سمجهانٿو'(ص: 16). 'انہ'(ص: 38). 'اهڙيطرح'(ص: 39). 'جنهنسان'(ص: 44).'چڱيطرح'. 'جنهنتي'. 'جنهنجي'(ص: 45). 'پاڻہ'. 'تنهنکي'(ص: 47)وغيره. اهي سڀ. لسانيات جي ڄاڻو طور پيرومل صاحب کي الڳ الڳ لکڻ گهرجن ها.

(5)جملي جي نحوي جوڙجڪ ۾ ڪنهن لفظ ۾ تبديلي واقع ٿي آهي. تہ اهڙي لفظ جي بنيادي يا صحيح صورت بہ ننڍي ڏنگيءَ ۾ ڄاڻايل آهي. يا ڪنهن لفظ سان حرف جر ڳنڍيل آهي. تہ ان لفظ جي نشاندهي ڪيل آهي. جهڙوڪ 'هِنين' جو 'هِنيون'. 'هيجان' جو 'هيج' مان نهڙ(ص: 2). 'وحدتِ ويا' ۾ 'وحدت ۾ ويا' بعد 'وحدت = هڪڙائي'(ص: 4). 'ورسيا' جو 'ورس = پَلّ' مان جڙڻ. 'هلاچو' ۾ 'هل هلاچو'. 'پکٽان' ۾ 'پکي پکڻ'(ص: 5). 'سونائون' جو 'سوٹ = واقفيّت' مان نهڙ(ص: 39) يا. 'اوچون ٿيڻ' ۾ 'اوچ = مونجهارو'(ص: 45).

(6) ڪيترائي وٽندڙ ۾ منفرد لفظ معنائن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ: 'سگهتيوان'، 'تنوڻ'(ص: 1)، 'آڏيل'، 'ورڏاتا'، 'آد'(ص: 2)، 'وويڪ'(ص: 4)، 'پرتي شبد'، 'جيوَ آتما'(ص: 7)، 'پِڏري پَٽ'، 'سُڪر'(ص: 9)، 'ڳنائتي'(ص: 11)،'نلو'(ص: 13)، 'پريتم'(ص: 15)، 'ڏئيندڙ'(ص: 22)، 'گهاٽ'(ص: 45) وغيره.

(7) سلوڪ جي چئن درجن 'شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت' جا هندي لفظ 'ڪرم ڪانڊ، ڀڳتي يا اُپاسنا ڪانڊ، گيان ڪانڊ ۽ ساڪيات ڪار' ڏنل آهن(ص: 3).

(8) شرت صاحب، آخوند عبدالرحيم، آخوند احمديءَ ارنيسٽ ٽرمپ جي معنائن کي، نشاندهيءَ سان، شامل ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: 'رنج، ڏک'(ص: 17)، 'تير'(ص: 20)، 'باه'(ص: 21)، 'تات'(ص: 22)، 'ڪنيون'(ص: 43)، 'سورن مان'(ص: 46) وغيره.

(9) ڪن اصطلاحن جي نشاندهي ڪيل آهي، جهڙوڪ: 'ويءَ وهائڻ'(ص: 4)، 'ڪاتي پاءِ' يعني 'خودي وڃاءِ'(ص: 9)، 'حاضر جنهي هٿ ۾'(ص: 12)، 'راهه رد ڪرڻ = واهه بندي ڇڏڻ'(ص: 14)، 'سهي جئن سانداڻ'(ص: 22)، 'ويڻ ورائڻ = حرف جو حرف موٽائي چوڻ'(ص: 48) وغيره.

(10) ڪجهه لفظن جون معنائون اڻ پوريون ۽ اڻ ڇِٽيون آهن، جهڙوڪ: 'نرتون' جي 'نرت سان'(ص: 1) جڏهن تہ سر ڪنيات ۾ 'نرت = نظر' ڄاڻايل آهي(ص: 53)، 'هيجان' جي معنيٰ 'خوشيءَ سان' ڏنل آهي، اها 'خوشيءَ مان' بہ ٿيندي(ص: 2)،'وهانءَ' جي معنيٰ ۾ بہ 'وهانءَ'۾ 'ناقصائي' جي معنيٰ ۾ بہ 'ناقصائي' درج آهي(ص: 5)، 'چڪنن' جي معنيٰ 'انهن جا چڪن' ڏنل آهي(ص: 11) جڏهن تہ 'چڪن' جي معنيٰ کي نظرانداز ڪيو ويو آهي،'تنوار' جي معنيٰ ۾ ننڊي ڏنگيءَ ۾ 'بڪ بڪ' ڏنل آهي(ص: 13) جيڪا نهڪي نہ ٿي، وغيره.

(11) ڪي ترڪيبي فقرا پيڇڻ نہ گهرجن ها ۽ سڄا ئي ڏجن ها، جهڙوڪ: 'فائق ۾ فرمان' کي پيڇي، هڪ 'فائق' ۽ ٻيو 'ِ۾ فرمان' ڏنل آهي(ص: 2). 'فرمان' جي الڳ معنيٰ درج ڪجي ها.

(12) ڪن معنائن سان لاڳاپيل اضافي وضاحتون فُٽ نوٽن (foot notes) ۾ پڻ پيش ڪيل آهن، جهڙوڪ: 'ووڙين' جي معنيٰ 'ڳولين' ڏئي، فُٽ نوٽ ۾ لکيل آهي:

"ووڙڻ يا وتڙڻ = ڳولڻ. يا هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ. پوءِ شايد معنيٰ ٿي آهي 'وقت وڃائڻ' جا ديوان ليلارام وطنمل ڏني آهي"[3](ص: 3). لغت ۾ 'شايد' جو ڪم نہ هوندو آهي. لغت نويس کي حتمي طور ظي ڪرڻو هوندو آهي، تہ ڪهڙي مستند معنيٰ لکڻ جي ۽ ڪهڙي رد ڪرڻ جي آهي.

(13) ڪجهہ معنائن ۽ سمجهاڻين ۾ اضافي 'بيان' شامل ڪيل آهن، جيڪي نہ هجڻ گهرجن ها. جهڙوڪ: 'حقيقت' جي سمجهاڻيءَ ۾ 'سلوڪ' جا رهيل 3_درجا بہ ڄاڻايل آهن(ص: 3). 'ساکِي' ۾ آندل اضافو(ص: 4). 'ڍونيڍيان' ۾ آندل اضافو(ص: 5). 'سنيهڙا' جو وڏو فُٽ نوٽ درج ڪيل آهي جيڪو مڪمل اضافي آهي(ص: 6). 'سمن' جي تفصيل ۾ بيت غيرضروري آندل آهي(ص: 7). 'جا چتايم چت ۾'(ص: 8) ۾ 'چتايم' ۽ 'چت' الڳ الڳ داخل ٿين ها.'ڪليان' جي معنيٰ ۾ ڏنگيءَ منجهہ 'جنئن گلاب جون ڪليون' اضافي آهي(ص: 15).ان کان سواءِ 'راهہ رد ڪرڻ'(ص: 14). 'موکي'(ص: 33). 'صوفي سير سپن ۾'(ص: 36). 'رومي'(ص: 38). 'عزازيل'(ص: 39) ۽ 'جان عاشق مٿي رت'(ص: 44) جا فُٽ نوٽ اضافي آهن.

(14) ضميري پڇاڙي ڳنڍيل ڪن فعلِي لفظن جون صحيح تحريري صورتون ڏنل آهن. جهڙوڪ: 'ڏيم'(ص: 6) جنهن جو هاڻي صورتخطي 'ڏينم' مروج آهي. ان کان سواءِ درست صورتخطيءَ واسطي 'ڦيلاءِ'(ص: 36) بهتر آهي جنهن جي موجوده وقت ۾ صورتخطي 'ڦهلاءُ' هلندڙ آهي. واضح هجي تہ 'ڦ' جي آواز ۾ 'هہ' اڳ ۾ ئي شامل آهي.

(15) سرائڪي، هندي، عربي يا فارسي لفظن جي نشاندهي ڪرڻ ضروري نہ سمجهيو ويو آهي. البت 'سر' جي معنيٰ تير'لکي، ننڍي ڏنگيءَ ۾ 'سنسڪرت – شر' ۽ 'پکہ' جي معنيٰ 'تير. ڪنپ' ڏئي، ٻيءَ سِٽ ۾ سمجهاڻيءَ کي چِٽو ڪرڻ لاءِ انگريزي لفظ 'Barb of an arrow' پڻ لکيا ويا آهن(ص: 20).

(16) 'ڪاتي' جي داخلا ٻن صفحن تي ڪيل آهي(ص: 10 ۽ 11). جيڪا هڪڙي هجڻ گهرجي ها.

(17) ضرورت موجب بہ مختلف معنائون درج ڪَيون ويون آهن ۽ بيت سان نهڪندڙ معنيٰ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جهڙوڪ: 'ساٿر = ساٿ وارو سنگتي،

آذار (2) هڪ قسم جا پَن جي دوائن ۾ يا دوا طور ڪم ايندا آهن. هتي معنيٰ دوا'(ص: 13). 'ڪارون' جي معنيٰ ۾ ننڍي ڏنگيءَ ۾ ٻي معنيٰ 'مهرباني'(ص: 16) ۽ 'ڏوڏو' ڄڃي ساڳيءَ ريت 'ڏمٺوارو'(ص: 22) ڏنل آهي پر واضح ناهي تہ اها معنيٰ ڏنگيءَ منجھ ڪهڙي ڪارڻ ڏنل آهي.

(18) ڪجھ بيتن جي ڇنائي ڪيل آهي تہ بيت شاهہ ڪريم جو چيل آهي، جهڙوڪ: 'سنيهڙا' ۾(ص: 6)، 'نحو صرف' ۾(ص: 40)، 'ڪنز' ۽ 'جيان' ۾(ص: 41). جيتوڻيڪ لغت ۾ اهڙي وضاحت جي گهرج نہ ٿي رهي.

(19)ڪنهن بہ لغت جي مکيہ خوبي لفظ جا اچار هوندا آهن. هن لغت ۾ زير، زبر، پيش، وغيره جو استعمال تمام گهٽ ڪيو ويو آهي، جنهنڪري اچار جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو جڏهن تہ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ تہ اچار ڪي هر طرح درست ظاهر ڪرڻو آهي، تہ جيئن صحيح لطيفي فڪر کي درست طور سمجهي سگهجي.

(20) لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ ڪيترائي ساڳي لکيت وارا لفظ شامل آهن جن جون معنائون الڳ الڳ آهن. ان کان سواءِ ڪي لفظ نحوي بيهڪ ۾ ساڳي لکيتي صورت وٺي بيهندا آهن، جنهنڪري انهن جي نشاندهي ڪرڻ ضروري بڻجي پوي ٿو. "غريب اللغات" ۾ اهڙو مثال 'ڳري' جو آهي. سر ڪلياڻ ۾ 'ڳري - ڳلي يا گلي يا گردن ۾'(ص: 10) ۽ سر يمن ڪلياڻ ۾ هڪ هنڌ 'ڳري - ڳلي، گلي، گهٽي'(ص: 45) ۽ ٻئي هنڌ 'ڳري - واٽ، رستو گهٽي'(ص: 48). بهتر هو تہ ڪلياڻ ۾ ڏنل 'ڳري' جي اصل صورت 'ڳلو' بہ ڏجي ها.

(21) ڪن داخلائن ۾ بہ ۽ ٽي لفظ ڏنا ويا آهن جن مان هڪ هڪ لفظ جي داخلا الڳڏيڻ گهرجي ها، جهڙوڪ: 'وحدتِ ويا = وحدت ۾ ويا'(ص: 4) ۾ 'ويا' اضافي آهي، 'مون پريان جا - منهنجي پرينءَ جا'(ص: 10) ۽ 'مهاينجا - وڏيلن جا (2) پهلوانن جا (3) منهن ۾ يا اڳيان بيٺلن جا'(ص: 10) ۾ 'جا' اضافي آهي، 'تو پنڌ = تنهنجو پنڌ'(ص: 53) ۾ 'پنڌ' اضافي آهي، 'ڪريو وڃي - سيخ ٿيو وڃي'(ص: 59) ۾ 'وڃي' اضافي آهي.

(22) سر ڪلياڻ جي فصل-5، بيت-25 جي ٻن لفظن 'نفس جو' جون معنائون 'پنهنجو مون خود جو'(ص: 40) ڏنل آهن، پر ساڳئي سر جي فصل-8، بيت-

19 جي لفظ 'نفس' جي معنيٰ 'پاڻ'(ص: 48) ڏني وئي آهي. بهتر هو ته اولين داخلا ۾ 'نفس' لکي، ان جون معنائون ڄاڻائجن ها.

(23) "غريب اللغات" ۾ عام طرح هڪ لفظ جي هڪ ئي معنيٰ ڏنل آهي، پر ڪيترن ئي لفظن جون ٻه يا وڌيڪ معنائون به ڏنيون ويون آهن. جهڙوڪ: 'حڪيم = حڪمت وارو ڏاهو'(ص: 1)، 'تيلان = انهيءَ سبب، تنهن ڪري'(ص: 4)، 'ڏيل = جسم، سرير، اندر'(ص: 8)، 'قرار = پرتگيا، قول، وعدو'(ص: 9)، 'وڄ = وڄي، چيٽو اٽڪ، پڙدو'(ص: 21)، 'اماڙو = اوپرو، اپرڻ يا وڏي اڇڻ، تجلو چمڪو'(ص: 51)، وغيره. گهڻين معنائن جي اندراج سان، لطيف سائينءَ جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ وڌيڪ مواد ملي پوي ٿو.

افسوس اهو آهي، ته "غريب اللغات" جو ٻيهر هڪ به ڇاپو نه ڇپيو آهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي، ته هن لغت کي نئين سِر سُوڌي سنواري ڇپرايو وڃي.

"لغات لطيفي":-

"شاهه جي رسالن" ۾ عام طريقو اهو هو ته ڏکين لفظن جون معنائون سُر وار بيتن جي ترتيب سان، لکيون وينديون هيون. ان ڪري ئي پيرومل اهو طريقو "غريب اللغات" ۾ اختيار ڪيو ته جيئن بيتن کي پڙهبو به وڃجي، ته معنيٰ به معلوم ڪبي هلجي. پيرومل جي "غريب اللغات" کان پوءِ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به رسالي جي لغت"لغات لطيفي" سن1914ع ۾ ڇپائي، ته هُن به ساڳي ئي واٽ ورتي. يعني سُر وار ڏکين لفظن جون داخلائون درج ڪيون.البت،هُن پنهنجيءَ جوڙيل لغت ۾ هڪ نواڻ پري پهرين مکيه خاصيتهيءَ آندي، ته هر سُر هيٺ ايندڙ ڏکين لفظن کي، الف- بي جي ترتيب سان پيش ڪيو ته جيئن ڪنهن به سُر جي ڏکئي لفظ جي معنيٰ ڏسڻي هجي ته اُها، اُن سُر هيٺ، سولائيءَ سان ڏسي سگهجي. هن لغت جي ٻي مکيه خاصيت هيءَ آهي ته ان جي نالي "لغات لطيفي" ۾ لطيف سائينءَ جو لفظي اشارو موجود آهي يعني "لطيفي" (لطيف جي). ٽين اجا به مکيه خاصيتهيءَ آهي ته "لغات لطيفي" سچي "شاهه جي رسالي" جي پهرين لغت آهي، جنهن ۾ 37-سُرن جا ڏکيا لفظ سنڌي معنائن سان داخل آهن.

هيٺ "لغات لطيفي" جو مطالعو پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ حوالن واسطي اِن لغت منجهان صفحا نمبر نِنڍي ڏنگيءَ اندر ڄاڻايا ويا آهن.

(1)هيءَ لغت، ڇئن صفحن تي لکيل مرزا قليچ بيگ جي 'ديباچي' ۽ لفظن جي داخلائن ۽ معنائن تي مشتمل 366_صفحن تي مشتمل پهرين ذخيم لغت آهي. لغت جا صفحا نمبر پڻ 1_نمبر کان شروع ٿين ٿا، جيڪي ٻن ڪالمن ۾ ورهايل آهن. هن لغت ۾ فهرست جو صفحو ڇپيل ڪونهي، جنهنڪري گهربل سُر جي اهنجن لفظن تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. ان جي تدارڪ طور هر هڪ صفحي جي مٿان سُر جو نالو سر نمبر سميت، ڇپيو ويو آهي، جنهن سان گهربل سُر جا ڏکيا لفظ ورق ورائڻ سان ملي وڃن ٿا.

(2)هن لغت ۾ ڏکين لفظن، فقرن، مصرعن جي پاڱن، قرآن جي آيتن ۽ حديثن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون پيش ڪيل آهن. انهن ڏکين لفظن وغيره کي، سهولت خاطر، ٿلهو (Bold) ڪري ڇپيو ويو آهي. اهڙي هر هڪ ڏکئي لفظ کان پوءِ ۽ معنيٰ کان اڳ، ننڍي ڏنگيءَ ۾ اُن سُر جي داستان يا فصل جو عدد ڏنل آهي، جهڙوڪ: 'اُتائين (1) ڇپائين' يا 'ازل (1) شروعات – اصل'(ص: 1). 'اتائين' ۽ 'ازل' لفظن کان پوءِ ڏنل عدد (1) ظاهر ٿو ڪري تہ اهي لفظ پهرين داستان ۾ آهن. ان کانسواءِ جيڪڏهن ساڳيوئي لفظ اُن سُر سميت ٻئي ڪنهن سُر ۾ بہ آيل آهي، تہ معنائن جي پڄاڻيءَ تي، ننڍي ڏنگيءَ ۾ ٻہ عدد، ننڍي ليڪ (_) سان الڳ ڪري ڏنا ويا آهن، جن مان پهريون عدد سُر جي نالي ۽ ٻيو عدد داستان جِي نشاندهي ڪري ٿو جهڙوڪ: 'عزازيل (5) ابليس _ شيطان (9_1) (30_4)'(ص: 32). ان داخلا ۾ 'شيطان' کان پوءِ پهرين ننڍي ڏنگيءَ ۾ آيل عددَ '9' ۽ '1' ڄاڻائن ٿا تہ 'عزازيل' جو لفظ 9_نمبر سُر 'آبري' جي 'پهرين داستان' ۾ آيل آهي ۽ ٻيءَ ڏنگيءَ جا عددَ '30' ۽ '4' اشارو ٿا ڪن تہ 30_نمبر سر 'آسا' جي 'چوٿين داستان' ۾ بہ اهو لفظ آيل آهي. سُرن ۽ داستانن جي انهن عددن بابت، 'ديباچي' ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو "هر هڪ لفظ جي پليان ٻن ڏنگين ليڪن ۾ فصل يا داستان جو عدد بہ ڏنو ويو آهي ۽ جتي بہ انگ ڏنل آهن اُتي پهريون انگ سر يا راڳ جو آهي ۽ ٻيو انگ فصل يا داستان جو. جتي ساڳيو لفظ ٻين سرن ۾ بہ آيو آهي اُتي انهي لفظ جي پليان اُهي ٻيا نشانبہ اُتي ئي انگن ۾ ڏنا ويا آهن ۽ وري انهن سُرن ۾ نہ ڏنا ويا آهن. پر گهڻن هنڌن تي تہ ساڳيا لفظ

ٻين معنائن سان جدا جدا سرن ۾ وري وري بہ ڏنا ويا آهن. جنهنڪري پڙهندڙن کي زياده آساني ٿيندي"(10) انهن عددن سان منسوب "سرن ۽ فصلن جي ياداشت" 'ديباچي' جي پڇاڙيءَ تي، صفحي نمبر: 3 ۽ 4 تي، ٽيبل جي صورت ۾ ڏنل آهي. مٿي جن لفظن کي لِکيو ويو آهي، ان ترتيب سان اها ڏکيائي پيدا ٿئي ٿي تہ جڏهن ان لفظ کي واسطيدار سُر ۾ ڳولجي ٿو تہ اُتي اهو لڀي نہ ٿو. بهتر هو تہ هر سُر جي هر ڏکئي لفظ کي اُن سُر ۾ ضرور لکجي ها. ڇاڪاڻ تہ هيءَ لغت سُر وار مرتب ٿيل آهي، پوءِ يا تہ اتي بہ معنيٰ ڏجي ها يا وري اڳ آيل داخلا ڏانهن اشارو ڪجي ها. مثال طور سر ڪلياڻ جو لفظ 'وهسڻ' معنيٰ 'خوش ٿيڻ'(ص: 15). سر سهڻي جي ستين داستان ۽ سر سارنگ جي ٽئين داستان ۾ بہ شامل آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سر سهڻي يا سر سارنگ پڙهندي 'وهسڻ' جي معنيٰ ڏسڻ گهري، تہ پوءِ ڪيئن ڏسي! اهو لفظ تہ ٻنهي سرن جي اهنجن لفظن ۾ پنهنجيءَ جڳهہ تي موجود ئي ناهي! ڪو ماڻهو ڪيئن سمجهندو تہ اهو لفظ سر ڪلياڻ واري حصي ۾ آيل آهي! هيءَ تہ آسانيءَ بدران مشڪل ٿي پئي.

(3)'ديباچي' ۾ مرزا صاحب، "شاهہ جي رسالي" ۾ شامل ڌارئين ڪلام جي حوالي سان لکيو آهي، تہ "جيتوڻيڪ بيراڳ هنديءَ جو سُر ۽ مثنويءَ جا بيت ۽ هير رانجهو جو سر شاهہ صاحب جو ڪلام ناهن، ۽ پهريون هندي ٻوليءَ ۾ ٻيو پارسيءَ ۾ ۽ ٽيون سرائڪي يا پنجابي ٻوليءَ ۾ آهي تہ بہ جڏهن اُهي رسالي ۾ داخل آهن تڏهن انهن جا مشڪل لفظ ۽ معنائون بہ ڏنيون ويون آهن- ساڳي طرح سر ڍول مارئي، جو ڍٽڪي ٻولي ۾ آهي، تنهن جا بہ لفظ ڏنا ويا آهن"(11). مطلب تہ جيڪي بہ ۽ جنهن بہ ٻوليءَ جا اهنجا لفظ "رسالي" جي مختلف ڇاپن ۾ سهيڙيل شعرن ۾ شامل آهن سي سڀ ڏنا ويا آهن، جا چڱي ڳالهہ آهي. ان سان هيءَ لغت وسيع ٿي پئي آهي.

(4) عجب ڳالهہ آهي، تہ جنهن "رسالي" کي مرزا قليچ بيگ لغت جي بنيادي ماخذ طور ڪتب آندو آهي، ان جي مولف جو نالو ڇاپيندڙ سن وغيره بابت، 'ديباچي' ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ، ڪٿي بہ ڄاڻايل ناهي! 'ديباچي' ۾ فقط ايترو ڄاڻايل آهي، تہ "هڪڙو تازو رسالو ڇاپيو ويو آهي جنهن ۾ اهي سڀ [بيت ۽ وايون] ڏنل آهن ۽ جدا جدا پڙهڻيون بہ ڏنيون ويون آهن. انهن سڀني [يعني سمورن ڇپيل "رسالن"] جا ڏکيا ڏکيا لفظ معنيٰ سميت هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن"(12).

(5)موجوده الف-ب جي ابتڙ، جنهن ۾ 'ف' اکر ڪان پوءِ 'ق' آندل آهي، هن لغت ۾ آڳاٽي مروج الف-ب موجب لفظن جي ترتيب رکيل آهي، جنهن ۾ 'ق' جي جڳهه 'پ' اکر ڪان پوءِ آهي. ان ڪان سواءِ هر سُر اندر 'ا، ب، پ...' ڇپيو ويو آهي، تہ جيئن پڙهندڙ سولائيءَ سان گهربل اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولي وٺي، جا سٺي سهولت آهي.

(6)مرزا قليچ بيگ ب، پيرومل وانگر، اُن وقت جي مروج تحريري انداز موجب، ڪيئي لفظ گڏي لکيا آهن، جيڪي پڙهڻ ۾ اهنجا پڻ آهن، جهڙوڪ: 'تنجي'، 'انهيلاءِ'(ديباچو ص: 1)، 'انهنجا'، 'تنهنجا'، 'تنهنمر'، 'جنهنمر'، انهنجون'(ديباچو ص: 2)، 'انهيجو'(ديباچو ص: 3)، 'وهڻجي'(ص: 19)، 'نڪريتو'(ص: 22)، 'تاندنجو'(ص: 27)، 'جنهنجي'(ص: 28)، 'چڱي طرح'(ص: 29)، 'نيڪبخت'(ص: 31)، 'جنهنسان'(ص: 34)، 'دلبر'(ص: 39)، 'اوهانجي'(ص: 90)، 'هن جي'(ص: 251)وغيره. موجوده وقت ۾ جيتوڻيڪ اهڙا گهڻا ئي لفظ الڳ الڳ لکيا وڃن ٿا، تڏهن بہ ضرورت آهي، تہ جڏهن پراڻن ڪتابن جا نوان ڇاپا ڇپجن، تہ انهن کي الڳ الڳ لکجي.

(7)لفظن جي اچارن کي چٽو ڪرڻ واسطي، زيرن، زبرن وغيره جو مناسب واهپو ڪيل آهي.

(8)ڏکين لفظن جون گهڻيون معنائون ڏنيون ويون آهن، تہ جيئن پڙهندڙ سولائيءَ سان لطيفي فهم کي سمجهي سگهي. ٻن معنائن جي وچ ۾ ڪاما بدران، ننڍي ليڪ ڏني وئي آهي. جڏهن تہ جمع لفظن جون معنائون جمع ۾ ڏنيون ويون آهن. انهن جا واحد ناهن ڄاڻايل، جيڪي ڄاڻائڻ گهرجن ها.ٿورا ضد بہ ڏنل آهن، جهڙوڪ: 'وحدت' ۾ 'ڪثرت' جو ضد (ص: 15)، 'خفي' ۾ 'جلئي'(ص: 26)، 'ساڌ' ۾ 'چور'(ص: 162)، 'سبوجهہ' ۾ 'ابوجهہ'(ص: 176) يا 'ڪُل' ۾ 'جُزو'(ص: 259). ان ڪان سواءِ ڪن لفظن جون بہ صورتخطيون هلندڙ آهن، تہ اهي بہ ڏنيون ويون آهن، جهڙوڪ: 'جُسو جثو'(ص: 24)، 'ڪانهر، ڪانئر'(ص: 34)، 'پيند، پئد'(ص: 47)، 'توهار، توآهر، ٿهار'(ص: 91)، 'ڪُوٽيتي، ڪُٽيتي'(ص: 123)، 'مولا، مولي'(ص: 125)، 'جهانئن، جهانئين'(ص: 207)، 'گهنگهٽ، گهونگهٽ'(ص: 212)، 'برات، براد'(ص: 237)،'لاکيڙا، لاڪِيٽا'(ص: 299)، 'بيلانگ، بيلانگهہ'(ص: 352)، 'پاريڙيہ پارهيڙي'(ص: 362)،'ڪانئرو ڪانيرو'(ص: 363)، وغيره.

(9) لفظن جي داخلائن ۾ ترتيب جون، ڪي غلطيون موجود آهن. جهڙوڪ: 'اورڻ' کان اڳ 'اوليو'(ص: 2) آيل آهي، جڏهن ته اندروني اکري ترتيب موجب، پوءِ اچڻ گهرجي.'تنوارڻ' کان پوءِ 'تنوار'(ص: 3) آيل آهي، جيڪو اڳ ۾ اچڻ گهرجي.اهڙيءَ ريت،ٽن داخلائن 'پرک'، 'پروار' ۽ 'پري' کان اڳ 'پريٺو'(ص: 4)، 'جيڏيون' کان اڳ 'جيلنهن'(ص: 5)، 'منجهه' کان اڳ 'منڌ، منڌ'(ص: 13)، ٽن داخلائن 'نرتيون'، 'نسورو' ۽ 'نظاري' کان اڳ 'نگيو'(ص: 14)، 'وَالعصر' کان اڳ 'والله خير الماڪرِينَ'(ص: 14) ڏنل آهن. اهڙي درستگي سڄيءَ لغت ۾ ڪرڻ جي گهرج آهي.

(10) هن لغت ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي نِنڍي ڏنگيءَ ۾ لکيو ويو آهي، جهڙوڪ: 'ٻچاوان' (سرائڪي)(ص: 3)، 'ٻل' (سرائڪي)(ص: 5)، 'ڪِتِي' (سرائڪي)(ص: 10)، 'ڪُوءِ' (پارسي)(ص: 11)، 'ٻدان شيني بشُن' (بلوچڪي)(ص: 19)، 'بدره ساقي برخيز'(پارسي)(ص: 19)، 'ڪامُ' (هندستاني)(ص: 33)، 'ٿماري' (هندستاني تمهاري)(ص: 90)، 'رلڻ' (سرائڪي)(ص: 98)، 'قمر' (عربي)(ص: 102)، 'ڪلال' (پارسي)(ص: 103)، 'مئين' ۽ 'نال' (سرائڪي)(ص: 108)، 'رعد'(عربي)(ص: 119)، 'نفسي نفسي' (عربي)(ص: 125)،'همسون' (پنجابي)(ص: 157)، 'ڪروَت' (هندستاني ڪروٹ)(ص: 163)، 'بلد' (عربي)(ص: 170)، 'ٻيٽي' (هندستاني بيٽي)(ص: 170)، 'ڦاڙا' ۽ 'لڳهين' (بلوچڪي)(ص: 172)، 'چاڻڻ' (سرائڪي)(ص: 173)، 'رفيع الدرجات' (عربي)(ص: 176)، 'روان روش مروشي' (بلوچڪي)(ص: 176)، 'شتر' (پارسي)(ص: 177)، 'پاسنگ' (پارسي)(ص: 206)، 'لپيٽي وال' (سرائڪي)(ص: 212)، 'ملاح' (عربي ملاءُ)(ص: 212)، 'جاندي' (سرائڪي)(ص: 248)، 'خواندي' (پارسي)(ص: 251)، 'تاڪُل' ۽ 'تمر' (عربي)(ص: 325)، 'زمام' (عربي)(ص: 348)، 'شڪم' ۽ 'شمشير' (پارسي)(ص: 256)، 'غنود' (پارسي)(ص: 257)، 'ٻهُ' (سرائڪي)(ص: 352)، يا 'غُراب' (عربي)(ص: 354). البت، ڪن لفظن ۾ ٻولي ڄاڻائڻ رهجي به وئي آهي، جهڙوڪ: 'ديکڻ'(ص: 6)، 'ڍونڍڻ'(ص: 7)، 'ڳنهڻ'(ص: 12)، 'ٿماري'(ص: 21)، 'آکڻ'(ص: 44)، 'گانٺ'(ص: 216) وغيره.

(11) ڪن لفظن جي معنائن ۾ اهنجو لفظ ورجايل آهي، جيڪو نه هجڻ گهرجي، جهڙوڪ: 'ترڪ' ۾ 'ترڪ ڪرڻ'(ص: 3)، 'جيڏيون' ۾ 'هڪ جيڏيون'(ص:

5)، 'ڪلالڪي هٽ' ۾ 'ڪلال جي هٽ تي'(ص: 11)، 'مَٽُ' ۾ 'شراب جو مٽُ'(ص: 13)، 'هر زمان' ۾ 'هر'(ص: 16)، 'آڳ' ۾ 'آڳ'(ص: 16)، 'ٻارهين' ۾ 'ٻارهين مهيني'(ص: 20)، 'چيٽڻ' ۾ 'چيٽ ڪرڻ'(ص: 25)، 'خماريا' ۾ 'خمار ۾ وڙا'(ص: 26)، 'ٻٽ' ۾ 'ٻٽ تي'(ص: 45)، وغيره. انهن بدران ٻيا معنوي لفظ هجڻ گهرجن ها.

(12) ڪن هنڌن تي، ٻه ٻه لفظ گڏ لکيا ويا آهن، جن جي گهرج نه هئي، اهي الڳ الڳ شامل ڪرڻ گهرجن ها ۽ معنيٰ به الڳ ڏجي ها. جهڙوڪ: 'ڪلالڪي هٽِ'(ص: 11)، 'دادلو دوست'(ص: 130)، وغيره.

(13) ڪجهه لفظن جا، ضرورت موجب، معنائن جي پڇاڙيءَ تي ننڍي ڏنگيءَ ۾ مصدر به ڄاڻايل آهن. جهڙوڪ: 'ڪورين' جو 'ڪورڻ' ۽ 'ڪانيُئي' جو 'ڪانئڻ'(ص: 11)، 'تنواريو' جو 'تنوارڻ'(ص: 21)، 'سلي' جو 'سلڻ'(ص: 31)،'پيٺي' جو 'پيهڻ'(ص: 92)، 'پڇيو' جو 'پڇڻ' ۽ 'پهچَ' جو 'پهچڻ'(ص: 172)، 'پڙي' جو 'پڙڻ'(ص: 206)، ته ڪٿي فعل جي مجهولي صورت به ڏنل آهي، جهڙوڪ: 'مُهَڻ' جي 'مُسڻ'(ص: 14).

(14) لفظن جي اڪيلاڙين موجب، ڪجهه معنائن ۾ ڌيان ناهي ڏنو ويو جهڙوڪ: 'سُڱڻي'(ص: 8)، جي معنيٰ 'ڳڻن واري' ڏنل آهي، جيڪا 'سڻن ڳڻن يا خاصيتن واري' هجڻ گهرجي ها. 'سُ' اڪيلاڙي 'سٺو سٺي' جي معنيٰ ڏيندڙ آهي.

(15) 'حقيقت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جو چوٿون درجو. پهريان ٽي آهن شريعت، طريقت ۽ معرفت'(ص: 6). اتي، 'حقيقت' جي معنيٰ لکيل ڪانهي، صرف جڳهه ٻڌايل آهي. وري، 'طريقت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جو رستو- تصوف جو ٻيو درجو. پهريون شريعت ۽ باقي به معرفت ۽ حقيقت'(ص: 9). اڃا اڳتي، 'معرفت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'خدا کي سڃاڻڻ- سلوڪ جو چوٿون درجو. پهريان ٽي آهن شريعت، طريقت ۽ حقيقت'(ص: 13). يعني 'حقيقت' به چوٿون درجو ته 'معرفت' به چوٿون درجو ڄاڻايل آهن! ان کان سواءِ، 'جَبرُوت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جي ٽِي منزل مطابق حقيقت جي'(ص: 248)، 'شريعت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جو پهريون درجو جنهن ۾ خدا جي حڪم ۽ محمدي شرع تي هلڻو آهي، مطابق ناسوت جي'(ص: 256)، 'لاهوت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جي چوٿين منزل مطابق معرفت جي-ذات الاهي'(ص: 262)، 'ملڪوت' جي معنيٰ ۾ لکيل

آهي: 'سلوڪ جي ٻي منزل مطابق طريقت جي'(ص: 264)، 'ناسوت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جي پهرين منزل مطابق شريعت جي'(ص: 265)، ۽ 'هاهُوت' جي معنيٰ ۾ لکيل آهي: 'سلوڪ جي پنجين منزل لاهوت کان مٿي'(ص: 268). سنو ٽئي ها. تہ ڪنهن بہ اڳ آيل داخلا ۾ مختصر طور سڀ درجا يا منزلون باترتيب هڪ ٻيرو لکي ڇڏجن ها. تہ وري وري وضاحت جي گهرج نہ پوي ها.

(16)"لغات لطيفي" ۾ سر ڪلياڻ جون جُملي 258 اهنجن لفظن جون داخلائون درج ڪيل آهن.

"لغات لطيفي" جا، 1914ع ۾ پهرئين ڇاپي کان پوءِ،ڪجهہ ڇاپا پڌرا ٿيا آهن. جن ۾ سَن 1967ع ۾ ٻيو ڇاپو سن 1994ع ۾ ٽيون ڇاپو ۽ سن 2017ع ۾ چوٿون ڇاپو شامل آهن.انهن منجهان ٽيون ۽ چوٿون ڇاپو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد ڇپيا آهن. افسوس اهو آهي تہ ڇپائيءَ جي جديد سهولتن هوندي بہ، اهي ڇاپا ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڇپڻ بدران پراڻي ڇاپي جي عڪسن تي ڇپيا ويا آهن، جنهنڪري پڙهڻ ۾ ڏکيائي بہ ڪن ٿا ۽ بدزيب بہ لڳن ٿا. هن لغت کي پڻ نئين سِر سوڌي سنواريءَ ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪرائي ڇپڻ جي گهرج آهي.

(2) "روشني: شاهہ جي ڪلام جي لغت":-

حوالا:


(1) سوڍو شاهنواز ڊاڪٽر. "اوجاڳي اُجاريا". لطيف ساڃاهہ پبليڪيشن لاڙڪاڻو پهريون ڇاپو ڊسمبر 2000ع، ص: 221.

(2) قادري ايان ڊاڪٽر. "مون مُطالع سُپرين". شاهہ عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي. ڇاپو پهريون. اپريل 1995ع، ص: 33.

(3) شاهواڻي، غلام محمد (مؤلف). "شاهہ جو رسالو". سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو 1993ع، ص: 19 ۽ 35.

(4) ٻگهيو قاسم ڊاڪٽر. 'ٻولي ۾ تبديلي: ٻوليءَ جي ترقي يا تنزلي؟' (مقالو). ڪتاب "شاهہ ۽ سنڌ". سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، پهريون ڇاپو مئي 1998ع، ص: 59.

(5) جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر. مقالو 'سنڌي لغت-نويسيءَ جي تاريخ'. تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي". چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد. جلد ٻيو شمارو چوٿون. آڪٽوبر-ڊسمبر 2009ع، ص: 23.

(6) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "روشني: شاهه جي ڪلام جي لغت" (تحقيق ۽ ترتيب)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، نئون [ٻيو] ڇاپو 2014ع، مهاڳ جو پهريون صفحو.
(7) ساڳيو، مهاڳ جو پهريون صفحو.
(8) آڏواڻي، پيرومل مهرچند، "غريب اللغات"، پهريون ڇاپو 1906ع، ص: 5_6.
(9) ساڳيو، ص: 6_7.
(10) بيگ، قليچ، مرزا، "لغات لطيفي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ٽيون ڇاپو 1994ع، ص: 1.
(11) ساڳيو، ص: 2.
(12) ساڳيو، ص: 2.
(13) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "روشني: شاهه جي ڪلام جي لغت" (تحقيق ۽ ترتيب)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، نئون [ٻيو] ڇاپو 2014ع، مهاڳ جو پهريون صفحو
(14) نقوي، نجف علي شاهه "ڪمتر"، سيد، 'سُر ڪنڀات جي) لغت' (مضمون)، ڪتاب: "سُر ڪنڀات جو مطالعو"، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پهريون ڇاپو مارچ 1972ع، ص: 93.
(15) شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، 'پيش لفظ'، "لغات لطيفي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ٽيون ڇاپو 1994ع، ص: 6.
(16) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "روشني: شاهه جي ڪلام جي لغت" (تحقيق ۽ ترتيب)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، نئون [ٻيو] ڇاپو 2014ع، مهاڳ جو ٽيون صفحو.
(17) ساڳيو، ٽيون صفحو.
(18) ساڳيو، پهريون صفحو.
(19) ساڳيو، ٻيو صفحو.
(20) ساڳيو، ٻيو صفحو.
(21) ساڳيو، ٻيو صفحو.

میرزا دبیر
پي-ايچ.ڊي اسڪالر

# ڊاڪٽر بلوچ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي تحقيق ۽ قطعہ تاريخن جو جائزو

## AN ANALYTICAL STUDY OF DR. N.A BALOCH'S RESEARCH ON CLASSICAL POETRY AND CHRONOGRAMS

*ABSTRACT:*

Chronogram is a word, phrase or some letters of alphabet from which a date specially of a birth or death is inferred Dr. N. A. Baloch while compiling standard text of poetry of classical poets of Sindh also did comprehensive research on his biography and also mentioned some rare chronograms in this article these chronograms are discussed.

سنڌ جي معروف محقق، مؤرخ ۽ نقاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (01- ربيع الاول 1336هہ/16- ڊسمبر 1917ع - 02- جمادي الاول 1432هہ/06- اپريل 2011ع)، سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ٻولي، لغت، لوڪ ادب، لطيفيات ۽ سنڌي موسيقيءَ جي حوالي سان پنهنجيءَ پوري ڄمار جيڪي ڪم سرانجام ڏنا، تن کان سنڌ جو هر باشعور فرد چڱيءَ ريت واقف آهي. ڊاڪٽر صاحب جن بہ علمي ۽ ادبي رڳائن تي تحقيقي ڪم ڪيا، تن مان هڪ اهم رڳا سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اشاعت بہ هئي.

جڏهن ڊاڪٽر بلوچ، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سوانح ۽ "شاهہ جي رسالي" جو جامع، مستند ۽ معياري متن جي تياريءَ تي تحقيق پئي ڪئي، تڏهن پاڻ رسالي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ لاءِ شاهہ جي رسالي جي صورت ۽ هيئت مطابق ٻين اهلِ دل شاعرن جي چيل بيتن ۽ واين جا مجموعا پڻ 'رسالن' جي صورت ۾ مرتب ڪيا، تہ جيئن انهن جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ شاهہ جو ڪلام پڙهي ۽ پروڙي سگهجي. اِن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

> حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ جو رسالو سنڌي آسامي
> (ڪلاسيڪي) شاعري ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. مگر
> سنڌي آسامي شاعري جي مقصد ۽ ماهيت توڙي تاريخي

سلسلي کي سمجهڻ لاءِ ان جي سڄي سرمايي کي سهيڙڻ ۽ سامهون رکڻ ضروري آهي: يعني تہ شاهہ عبداللطيف کان اڳ واري دؤر جي اعليٰ شاعرن جي ڪلام شاهہ جي رسالي ۽ شاهہ کان پوءِ واري دؤر جي اهڙن شاعرن جي ڪلام کي جيڪو اساسي نوعيت جو آهي، پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آهي (شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو. 1972ع. ص: الف).

"شاهہ جي رسالي" جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۽ اُن جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي سڄاڻ ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جا قلمي نسخا هٿ ڪري، انهن کي پيٽي، پروڙي ۽ آخر ۾ حتمي پڙهڻيءَ کي قائم ڪري متن تيار ڪيو. پوءِ انهن ڪلاسيڪل شاعرن جي زندگيءَ جي واقعن ۽ حياتيءَ جي حقيقتن کي هٿ ڪري، سندن شخصيت ۽ ڪلام جو فني ۽ فڪري اڀياس ڪيو ۽ ان تي تحقيقي مقدما ۽ مهاڳ لکي، سنڌ جي اساسي شاعريءَ جي ذخيري کي منظرعام تي آندو، تن جو سلسليوار تفصيل هِن ريت آهي:

1) قاضي قاضن جو ڪلام (1999ع). ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ.
2) شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام (1968ع). حيدرآباد: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.
3) ميين شاهہ عنات جو ڪلام (آڪٽوبر 1963ع). حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
4) خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو (جون 1966ع). حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
5) راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق جو (1981ع). حيدرآباد: شاه عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.
6) شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو (1972ع). حيدرآباد: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.
7) رسالو غلام محمد خانزئي جو (1985ع). حيدرآباد: شاه عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.
8) خليفي غلام نبي جو ڪلام (2010ع). سانگهڙ: حُر هسٽاريڪل سوسائٽي.

9) رسالو پير غوث محمد شاهہ ڪچ واري جو (2013ع). ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

10) شاهہ عبداللطيف ۽ 12_13 صدي هجريءَ جا ڪي ٻيا شاعر (سيپٽمبر 2002ع). حيدرآباد: سنڌ ٻاٻوڪ موتي تنظيم.

اهڙي اهم ۽ بنيادي ڪم جي تڪميل تي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> شاهہ لطف الله قادري جي رسالي ۽ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي شايع ٿيڻ سان سنڌي آساسي شاعري جو پهريون تورڙي وچون دؤر ڪئي پوريءَ طرح روشن ٿين ٿا. البت آخري دؤر يعني شاهہ عبداللطيف کان پوءِ واري دؤر جي ڪن بلندپايي شاعرن جو ڪلام جيڪو اساسي حيثيت رکي ٿو سو اڃان تائين پوري تحقيق سان شايع نہ ٿيو آهي. گرهوڙي صاحب، روحل ۽ سچل سائين انهيءَ دؤر جا معلوم ۽ مشهور شاعر آهن؛ انهن کان سواءِ خليفو نبي بخش صاحب، سيد قنبر علي شاهہ ڀاڏائي، غلام حيدر فقير ٽيهو فقير محمد صديق سومرو سيد غوث محمد شاهہ ڪچ وارو ۽ مولوي غلام محمد خانزئي هن پوئين دؤر ۾ اساسي شاعري جا علمبردار ۽ 'رسالن جا ڌڻي' آهن (شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو. 1972ع. ص: الف ۽ ب).

اساسي شاعري سنڌ جو هڪ اهڙو علمي ۽ ادبي ذخيرو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن سمايل آهي. اهڙي علمي ۽ ادبي ذخيري کان سنڌ واسين کي متعارف ڪرائيندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي تعريف پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو:

> سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جو بنياد يا اساس اعليٰ انساني قدرن وارو فهم ۽ فڪر آهي: اهڙي شاعري جنهن ۾ محض ڪنهن قصي ۽ واقعي جي بيان يا محض شاعرانہ خوبين جي

اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمايل هجي. هن اعليٰ سنڌي شاعري جو اساس ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ انساني وحدت ۾ ويساهه ۽ معاشري ۾ اعليٰ خوبين واري شخصي ڪردار جي مفهوم تي ٻڌل آهي(بلوچ، 1990ع ص:458).

ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ کي "اعليٰ سنڌي شاعري" جي لفظن سان مخاطب ڪرائيندي لکي ٿو:

"اعليٰ سنڌي شاعري" جنهن آساس يا بنياد نبي صلعم طرفان ڏنل اسلامي تعليم جي روشني ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ معاشري ۾ شخصي ڪردار جي اعليٰ قدرن واري فڪر ۽ فهم تي ٻڌل آهي(بلوچ، 1985ع ص:01).

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اوسر جو احوال پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

قاضي قادن اساسي شاعري جي عمارت جو باني مباني هو. هو سنڌي ٻولي جو پهريون وڏو شاعر ۽ اساسي شاعري جو ابو هو. ڏهين صدي هجري ۾ قاضي قادن (وفات 958هه) اعليٰ سنڌي شاعري جي پيڙهه وڌي ۽ ميين شاهه ڪريم (وفات 1032هه) ان پيڙهه کي پختو ڪيو. هو ڪنهن حد تائين قاضي قادن جي سالڪانه فڪر جو شارح هو. يارهين صدي جي آخر ۽ ٻارهين صدي ۾ شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جي رسالن ۾ اساسي شاعري

> جي عمارت، هيئت ۽ صورت جي لحاظ سان،
> جڙيل راس ٿي. اعليٰ فڪر ۽ مضمونن جي نکيڙ
> جي لحاظ سان شاهه عبداللطيف ان کي
> سينگاري سهڻو ڪيو ۽ پڻ اهڙي راهه روشن
> ڪئي جو اڳتي لاءِ ان کي سينگارڻ جو سلسلو
> ويندي چوڏهين صدي تائين جاري رهيو. خاص
> طرح عبدالوهاب سچل، صوفي فقير محمد
> صديق، قنبر علي شاهه پاڏائي، خليفي نبي بخش
> ۽ آخر ۾ غلام محمد خانزئي اعليٰ اساسي
> شاعري جي "رسالن واري" ايوان کي سنواريو ۽
> وڌائي وڏو ڪيو(بلوچ، 1990ع. ص:459).

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ لاءِ ڪيل تحقيق جي حوالي سان ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو لکي ٿو:

> ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ انهن عظيم ۽
> اعليٰ شاعرن جي ڪلامن جي قلمي نسخن هٿ
> ڪرڻ، پيڙهڻ ۽ پرکڻ سمجهڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ
> حتمي پڙهڻين قائم ڪرڻ تي جيڪو نور
> نچوريو ۽ وقت صرف ڪيو آهي، تنهن جو ڪير
> ڪاٿو ڪري! اهو ته ٺيو انهن جو هڪ پهلو پيو
> پهلو وري ٺيو زندگيءَ جي واقعن ۽ حياتيءَ جي
> حقيقتن کي هٿ ڪرڻ، روايتن جو ملڻ، راوين
> جي حيثيت ڏي ڏسڻ زمان ۽ مڪان توڙي
> همعصر دور جي تاريخي ڪسوٽين تي پرکي
> نتيجا حاصل ڪرڻ ۽ يقيني صورتحال تائين
> پهچڻ کان پوءِ ڇپيل ۽ لکيل ڪتابن ۽ قلمي
> نسخن ۾ موجود مواد جي ڳولها ڦولها ڪرڻ ۽ آخر
> ۾ حتمي متن تيار ڪرڻ جي مرحلي تائين

> جيڪي ڪشالا ڪاٽيا تن تي تحسين جو اظهار
> به اهي ئي ڪري سگهندا، جن جو پنهنجو به ڪو
> مشاهدو هوندو(هَڪڙو 2012/02ع 310).

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي سڄاڻ ڪلاسيڪل شاعرن جي زندگيءَ جي احوال ۾ ان سان لاڳاپيل هر پهلوءَ کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي انهن سڄاڻ ڪلاسيڪل شاعرن جي چيل يا انهن جي وفات يا انهن سان لاڳاپيل ڪنهن واقعي تي چيل ناياب قطعه تاريخون به سندن جي ڪلام جي مقدمي ۾ شامل ڪيون آهن.

قطعه تاريخ شاعريءَ جي اُها صنف آهي، جنهن ذريعي ڪنهن واقعي جو سن ڪنهن لفظ فقري يا مصرع جي ذريعي بحساب جمل حاصل ڪيو وڃي ٿو. قطعه تاريخ جي تعريف ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تصنيف "تَڪمِلَۃُ التڪمِلَۃ" جي مقدمي ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

> منظوم سٽن ۾ اهڙا الفاظ آڻجن جن جي حرفن مان
> ابجد جي حساب سان ڳاڻيٽي جا اهي عدد حاصل
> ٿين جيڪي ڪنهن واقعي، وفات يا تعميري بناء
> جي سالن مطابق بيهن (بلوچ، 2007ع ص:29).

سنڌ ۾ چيل قطعه تاريخن جي اهميت ۽ افاديت کي پڌرو ڪنديءَ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ڪن شاعرن کي هن فن ۾ حيرت انگيز دسترس هئي ۽ انهن تاريخي قطعات منظوم ڪري پنهنجي معاصرن سان موازنا ڪيا(بلوچ، 2007ع ص:29_30). سنڌ ۾ قطعه تاريخ جي ارتقا جي حوالي سان ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب "سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ" ۾ لکي ٿو:

> سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾ اهڙي تاريخ چوڻ جو
> وڏو ذخيرو سنڌيءَ کان سواءِ فارسي ۾ پڻ موجود
> آهي. مگر اهو تاريخ چوڻ جو هنر سنڌ ۾ عربي
> زبان جي اناويهن حرفن جو ملهه مقرر ڪري يا
> ماده جو تعين ڪري قطعه جي چوڻ جو رواج به
> عربن جي دؤر کان سمجهيو وڃي ٿو(هَڪڙو
> 2005ع ص:19).

سنڌ جي باڪمال شاعرن سنڌيءَ کانسواءِ عربي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ قطعہ تاريخون چيون، پنهنجي سخن سنجيءَ جا جوهر پسايا آهن. سندن چيل قطعہ تاريخن جو ذخيرو ايترو تہ وسيع آهي، جو انهن کي سهيڙي، ترتيب ڏجي تہ ان جا ضخيم جلدَ جڙي سگهن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي جيڪڏهن اهڙو موقعو فراهم ٿئي ها ۽ لوڪ ادب واري اسڪيم ڊاڪٽر صاحب جي حياتيءَ تائين قائم هجي ها، تہ اڄ اسان وٽ شاعريءَ جي ٻين صنفن کان سواءِ قطعہ تاريخن جو بہ ڪجھ ذخيرو ان صنف جي تعارف، هيئت، سناءِ، پيش منظر ۽ پس منظر سميت موجود هجي ها! پر پوءِ بہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيق دوران مليل قطعہ تاريخن کي اهميت ڏني، ان کي محفوظ ڪيو آهي. انهن مان سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن سان لاڳاپيل قطعہ تاريخن جو جائزو هِتي ڏجي ٿو:

• <u>شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام:</u>

شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري (1020هہ/1611ع ـ 1090هہ/1679ع) قاضي قادن ۽ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪانپوءِ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو وڏو نالو آهي. هو پنهنجي دؤر جو عالم ۽ عارف هو. سندس طريقت ۽ تصوف جي سلسلي ۾ بہ ڪتاب "تحفة السالڪين" ۽ "منهاج المعرفت" فارسي زبان ۾ ۽ هڪڙو "سنڌي رسالو" يادگار آهن.

"منهاج المعرفت" تصوف جي سلسلي جو معياري ڪتاب آهي، جيڪو فارسيءَ ۾ لکيل آهي ۽ ايڪيهن بابن تي مشتمل آهي(بلوچ، 1968ع، ص:12ـ13). هن ڪتاب جي مقدمي ۾ شاهہ لطف الله قادريءَ تصنيف جو سن قطعہ تاريخ جي معنوي صورت ۾ قلمبند ڪيو آهي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" جي مقدمي ۾ پڻ نقل ڪئي آهي:

*در فکر آن شدم کہ مر این نسخہ را بود*
*تاریخ ابتدای کہ روشن چون خور شود*
*پرسیدم از خرد بدلم این ندا بداد*
*منهاج معرفت کہ <u>رہی</u> راست<u>بر</u> شود*

1078هہ

• <u>راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق جو:</u>

فقير محمد صديق سومرو (1170هہ/1756ع ـ 1265هہ/1848ع) جو تعلق درگاهہ جهوڪ شريف سان هو. پاڻ درگاهہ تي ٿيندڙ راڳ جي رسم جو باني بہ

• **شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو:**

قنبر علي شاهہ ڀاڏائي (1207هہ ـ 1264هہ/1846ع) پنهنجي وقت جو وڏو عابد زاهد، قلندر طبع ۽ درويش هو. هن پنهنجي روحاني رهبر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وات وٺي 'شريف' تخلص سان پنهنجو ڪلام رسالي جي صورت ۾ سُروار چيو. سندس ڪلام چوويهن سُرن ۾ ڇپيل آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪجهہ ڪلام ضايع ٿي ويو تنهن هوندي بہ سندس 1268 بيت ۽ 112 وايون محفوظ آهن. جيڪي اعليٰ سنڌي اساسي شاعري جو وڏو ذخيرو آهن(بلوچ، 1990ع، ص:466).

قنبر علي شاهہ ڀاڏائيءَ جي وفات تي سندس رسالي جي ڪاتب قاضي محمد ڪامل جي والد محمد مقيم سنڌي ٻوليءَ ۾ تاريخ وفات صوري ۽ معنوي صورت ۾ قلمبند ڪئي، جيڪا ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي مقدمي ۾ ڏني آهي:

والي ولايت جو ولي، جنهن کي سَريو سيڪو سڌ سماءَ
ڪامِلُ ڪرامت جو ڌڻي، خاصو سَيين ڀِٽ ڪئو خداءَ
نُورُ عليٰ سو نور هو، سِڄ ڪئون سرسُ ان جو سُهاءَ
درگاهہ حق جو دادلو ڏُتل ڌڻيءَ جو هو ڏرياءَ
فياض مرشد ميرُ هو، جلوو سندس هو جابجاءَ
سيد سچو سو شہ 'شريف' نوري سندس نروار ناءَ
هليا جڏهن حق جي حضور، دنيا ڇڏي جا بيوفاءَ
تاريخ پنجويهين پاڪ هئي، مهينو پلو حج جو بجاءَ
سن ان جو هاتف هيئن چيو عارف خدا هو رهنماءَ

1264هہ (بلوچ، 1972ع، ص:3ـ4)

• **رسالو غلام محمد خانزئي جو:**

غلام محمد خانزئي (1250هہ ـ 32ـ1322هہ) ولد خان محمد خانزئي بلوچن جي بروهي قبيلي جي نک مان هو جيڪي پير صاحب جهنڊي واري جا مريد هئا (بلوچ، 1985ع، ص:4). غلام محمد خانزئي "رسالي جو شاعر" هو. ڊاڪٽر بلوچ چواڻي تہ "رسالو غلام محمد خانزئي جو" سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي شاهڪارن مان آخري شاهڪار آهي، هيءُ رسالو شاهہ عبداللطيف جي رسالي جو تعبير ۽ تفسير آهي(بلوچ، 1985ع، ص:1). سندس هن رسالي ۾ "مناصح المؤمنين"

جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ مثنوي جي قالب وارو هڪ نظم ڏنل آهي، جنهن جو خاص موضوع توحيد، رسالت ۽ نيڪ عمل بابت هدايت ۽ نصيحت آهي(بلوچ، 1985ع، ص:11). هن نظم جي آخري بندن ۾ شاعر نظم جي تڪميل جي تاريخ ۽ سن قطعہ تاريخ جي صوري قسم ۾ هيئن ٿو قلمبند ڪري:

جيڪڏهن سن سال هجرت جو پڇن
سن تيره سؤ ورهہ ٻيو ٽا لکن
هي مهينو ٽا لکن ساري صفر
ٿي ڄهين تاريخ معنيٰ معتبر

ان کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي ٻن ڪلاسيڪل شاعرن سچل سائين ۽ نانڪ يوسف تي مقالا لکيا، انهن مقالن ۾ بہ ڊاڪٽر صاحب قطعہ تاريخن جي ذخيري وسيلي انهن شاعرن جي شخصيت ۽ علمي استعداد کي نروار ڪيو آهي. انهن مقالن جو تفصيل هتي ڏجي ٿو:

- حافظ عبدالوهاب فاروقي:

ڊاڪٽر بلوچ، سچل سائين تي پنهنجو لکيل مقالو "حافظ عبدالوهاب فاروقي" جي عنوان سان سچل نيشنل سيمينار خيرپور ۾ 07 مارچ 1982ع تي پڙهيو. سچل سائين کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کانپوءِ هڪ منفرد حيثيت حاصل آهي. ان متعلق ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي تہ:

> سچل سائين، شاعري، علم ادب ۽ صوفيانہ فڪر جي ميدان ۾ پنهنجي خاص مقام ۽ منفرد حيثيت جو مالڪ آهي، جنهن کي صحيح طور سمجهڻ جي ضرورت اڃا باقي آهي(بلوچ، 2012ع، ص:273).

ڊاڪٽر بلوچ سچل سائين جي شخصيت بابت غيرمعياري تحريري مواد بابت لکي ٿو تہ:

> سچل سائين بابت تحريري مواد جو گهڻي ڀاڱي جو افسوسناڪ پهلو اهو آهي، جو يا تہ کيس اسلام کان لاتعلق بلڪ شرع اسلام جو مخالف

تصور ڪيو ويو آهي، ۽ يا تہ وري ڪيس شاهہ عبداللطيف جو مد مقابل، بلڪ لطيف سائين ڪان بلند ۽ بالاتر ڪري پيش ڪيو ويو آهي(بلوچ، 2012ع، ص:273).

ڊاڪٽر بلوچ اهڙن غير حقيقي نعرن ۽ بيانن کي ترڪ ڪنديء سچل سائين بابت ٽن غلط فهيمن "ڇهن زبانن وارو يا هفت زباني شاعر"، "سچل سائين يا سرمست" ۽ "ڇا سچل سائين مجذوب هو يا ذهني طور سجاڳ ۽ بيدار؟" جي نشاندهي سندس ڪلام جي روشنيءَ ۾ بيان ڪئي آهي ۽ خاص ڪري سچل جي مجذوب هئڻ بابت ڊاڪٽر بلوچ سچل سائين جي چيل قطعہ تاريخن جا مثال ڏئي، ان دعويٰ کي رد ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

جڏهن سندس عمر ايڪهتر سال هئي، تڏهن هي شعر چيائين تہ:

گذشتہ عمر ما هفتاد و يک سال
ولی از غمزه عشقش جوانم

[يعني: اسان جي عمر جا ايڪهتر سال پورا ٿي چڪا آهن، پر محبوب جي غمزي ۽ ناز سببان اڃان جوان آهيان.]

ڪوبہ مجذوب ماڻهو پنهنجي عمر جا سال وٺي اهڙيون سجاڳي واريون ڳالهيون ڪونہ ڪندو(بلوچ، 2012ع، ص:278).

اهڙي ريت جڏهن مير رستم خان درازن جي درگاهہ جو قبو تعمير ڪرايو هو تڏهن سائين صاحبڏنو جي وفات جي قطعہ تاريخ سچل سائين فارسيءَ ۾ چئي ۽ ڪاشيءَ جي سِرَ تي لکائي، سندس مرقد تي هڻيئين.

| | |
|---|---|
| گل فردوس رحمت باغ فاروق | ز اسرارِ خدا واقف کما هی |
| ولایت او بود مشهور آفاق | ز فوقِ عرش اعظم تا بماهی |
| محمد حافظ و هادی تولد | سنش کامل نقل مظهر الاهی |
| 20 + 1081 = 1192ھ | + 91 1192ھ |

ان قطعہ تاريخ جي فني منزلت پرکينديء ڊاڪٽر صاحب اهڙين غيرحقيقي ڳالهين کي رد ڪري پنهنجي راءِ قائم ڪري ٿو تہ:

ان وقت سچل سائين جي عمر 73 سال هئي ۽ هن
قطعي ۾ ابجد جي حساب مان جيڪا فني نزاڪت
سمايل آهي تنهن مان سندس مڪمل ذهني بيداري
جو ثبوت ملي ٿو(بلوچ، 2012ع ص:278).

اهڙي ريت سچل سائين پنهنجي استاد حافظ عبيدالله جي وفات تي قطعہ تاريخ چئي آهي:

جستم از عقل سال تاريخش
گفت از اسم حافظ عبدالله
1233ھ

[يعني: مون پنهنجي عقل کان سندس وفات جي
تاريخ جو سال پڇيو: چيائين تہ اهو "حافظ عبدالله"
واري نالي مان نڪرندو] (بلوچ، 2012ع
ص:278).

اهڙا علمي دلائل ڏيندي، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن مقالي جي پڇاڙي تي اِهو نتيجو اخذ ڪري ٿو تہ:

ان وقت سچل سائين جي عمر ايڪاسي سال
هئي. انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ آخري عمر
تائين سچل سائين مڪمل طور سالم ۽ سجاڳ
هو ۽ سندس عقل بالغ ۽ بيدار هو(بلوچ،
2012ع، ص:278).

• فقير صاحب نانڪ يوسف:

سچل سائين جو مريد ۽ فقير قادر بخش 'بيدل' جو همعصر فقير نانڪ يوسف (جنم 1192ھ ـ 1269ھ) ولد محمد هاشم کوکر کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي هن مهان ڪلاسيڪل شاعر جي حالات، سوانح ۽ سندس ڪلام تي هڪ تحقيقي مقالو "فقير صاحب نانڪ يوسف" جي عنوان سان لکيو جيڪو "علمي آئينو" (1973ع) ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي هن مقالي ۾ فقير نانڪ يوسف جي شاعرانہ طبع جي منزلت بابت لکي ٿو:

سنڌ اندر اول شاعري شان جو سهرو شاهہ
عبداللطيف ڀٽائي کي بخشيل آهي. ان بعد

شمر و معرفت موجود وحدة الوجود جي عنايات جو
درجو سنڌ جي سرمست سچل سائين کي بخشيل
آهي ۽ ان بعد اگر ڪنهن انهن عنايتن جو درجو
پلئه پيل آهيم تہ اهو آهي فقير صاحب نانڪ
يوسفـ(بلوچ، 2012ع ص:261).

فقير نانڪ يوسف سنڌيءَ سرائڪي ۽ هندي ۾ ڪلام چيو آهي، سندس ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسي مرتب ڪري، سال 1983ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو. جنهن جو ٻيو ڇاپو ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي تصحيح ۽ واڌارن سان جولاءِ 2014ع ۾ شايع ٿيو. ان ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري آخر ۾ ٽن ضميمن جو بہ اضافو ڪيو آهي ۽ ٽئين ضميمي ۾ ڊاڪٽر صاحب جو مقالو ڏنو ويو آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن مقالي جي پڇاڙيءَ ۾ فقير نانڪ يوسف جي وفات تي فقير قادر بخش 'بيدل' جي چيل قطعہ تاريخ ڏني آهي، جيڪا هن ريت آهي:

این چہ دوری کہ در زمان رفتہ
عارف کامل از جہان رفتہ
یوسف مصر جانِ عزیز وجود
جانب ملک جاودان رفتہ
گشت روپوش این تجلی گاہ
بہ نہان خانہ بہ نشان رفتہ
نور حق مدتی بہ پستی ماند
باز بر اوج لامکان رفتہ
سال وصلش خرد بجست سروش
گفت طائر بہ آشیان رفتہ
1269ھ
(بلوچ، 2012ع، ص:272).

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي جن شجاڻ ڪلاسيڪل شاعرن جي اعليٰ سنڌي اساسي شاعريءَ جي ذخيري جي تصحيح ڪري ۽ مفصل مقدمہ لکي منظرعام تي آندو اهي پنهنجي ذات ۽ فڪر ۾ اعليٰ شخصيت جا مالڪ هئا ۽ سنڌن علمي، ادبي ۽ فڪري ذخيرو سنڌ جو اهڙو آملهہ ماڻڪ آهي، جن اسان هميشہ فخر ڪندا پيا رهنداسين.

حوالا:


1) بلواڻي ٽاندومل منشي: (1895ع). سنڌي جنتري شڪارپور: منشي پوڪرداس ٽانورداس تاجر ڪتب سڌ بازار.

2) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1968ع). شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

3) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1972ع). شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

4) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1981ع). راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق جو. شاه عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.

5) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1985ع). رسالو غلام محمد خانزئي جو. شاه عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.

6) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1989ع). شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام (جلد پهريون). حيدرآباد: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.

7) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (1990ع). سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

8) بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: (2007ع). تَڪمِلَةُ التڪمِلَة سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

9) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: (2012ع). ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا: علم ادب ۽ شخصيتون (جلد_4)، (مرتب: محمد ارشد بلوچ). ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ريسرچ.

10) بيدل، عبدالقادر فقير: (2008ع). تاريخي قطعات (مرتب: ميرزا فتح علي بيگ). بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي

11) هاشمي عبدالقدوس: (1987ع). تقويم تاريخي (قاموس تاريخي). اسلام آباد: اداره تحقيقات اسلامي

12) هَڪڙو انور فگار ڊاڪٽر: (2005ع). سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

13) هَڪڙو انور فگار ڊاڪٽر: (2012ع) هڪ ئي راٺوراڄ پڙهو جنهن کي ساري سرت هئي (مهراڻ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

14) Wollaston, Arthur N. (1882). An English _ Persian Dictionary. London.

15) https://habibur.com/hijri/ce_1917/12/

16) https://www.islamicfinder.org/islamic_date_converter/

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

**ولادت:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اباڻو ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلع سانگهڙ ۾ آهي. هتي ئي 16 ـ ڊسمبر 1917ع تي سندن ولادت ٿي ۽ هن ئي ڳوٺ، دنيا کي هيءُ ساڃاهه وارو سپوت آڇيو. هن ڳوٺ کي سندن ابن ڏاڏن جي مسڪن هجڻ جو شرف حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڏي جو نالو عرض محمد خان هو جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: علي محمد خان ۽ ولي محمد خان. ڊاڪٽر صاحب علي محمد خان جو فرزند آهي.

**خاندان:**

ڊاڪٽر صاحب جا وڏا اصل سنڌ جي سري يعني ديري غازي خان واري علائقي جا رهاڪو هئا. هنن جو تعلق لغاري بلوچ قبيلي سان آهي. اُتان اٽڪل ٽي سئو سال اڳ لڏي اچي موجوده سنجهوري تعلقي ۾ ويٺا. موجوده ڳوٺ جعفر خان لغاري اندازاً 1800ع ڌاري آباد ٿيو. جعفر خان، ٽالپري دؤر جو هڪ داناءُ ماڻهو ۽ همت وارو معزز شخص هو. هُن جي ڀومڻ واهه وٽ حيدرآباد ۾ راڄائتي اوطاق هئي. سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ ڪيس ٻه ٽين سربرآورده شخصيتن وانگر سرڪيولر پهتو ته چارلس نيپيئر جي دربار ۾ اچي حاضري ڏين پر جعفر خان قومي غيرت سببغاصب نصاري جي دربار ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري سرڪار جو مٿس عتاب رهندو آيو ۽ بعد ۾ هو مالي مشڪلاتن ۾ رهيو. انهيءَ ڪري علي محمد خان وارن جي مالي حالت پوئتي پئجي ويئي.

هو هڪ پيري مختيارڪار سان مليو. ان ڪانئس پڙهيل هجڻ جو پڇيو. علي محمد خان ته پڙهيل ڪونه هو. مختيارڪار کي عجب لڳو ته ههڙو اثر وارو، باهمت ۽ نيڪ توڙي وڃا وارو ۽ اڄڪلهه جي اصطلاح موجب سمارٽ ماڻهو پڙهيل ئي ڪونه هو! مختيارڪار کيس 8 ايڪڙ زمين جي آڇ ڪئي جيڪا پوءِ سٺ رپين جي قسطن تي ويهن سالن ۾ ڪل قسطون ڀرڻ جي شرط تي ڏني ويئي.

**والد جي وفات:**

علي محمد خان پنجويهن سالن جي عمر ۾ ڀرپور جوانيءَ ۾ وفات ڪئي جڏهن سندس فرزند نبي بخش پنجن يا ڇهن مهينن جو هو. اسڪول جي رجسٽر ۾ نبي بخش جي ولادت جي تاريخ 16 ڊسمبر 1917ع لکي وئي. ڊاڪٽر صاحب جو پنهنجو چوڻ هو ته سندس چاچي ڪيس ٻڌايو ته هو چيٽ مهيني (مارچ) ۾ ڄائو هو ۽ چيائين ته "اسڪول ۾ استاد عمر وڌائي لکي ته جيئن توکي نوڪري اڳ ۾ ملي". اڳ پندرهن سالن جي عمر کان اڳ نوڪري نه ملندي هئي. ولادت جو سال گهٽ ڪري 1919ع هو.

**تعليم جي ابتدا:**

نبي بخش خان جي والد جي وصيت هئي ته "منهنجي فرزند کي پڙهائجو". ڳوٺ جو ماحول به سنڌ جي ٻين ڳوٺن وانگر ائين هو جنهن ۾ تعليم جي ڳالهه ڪرڻ ڄڻ ته نئين ڳالهه هئي. پر سندس چاچي ولي محمد خان پنهنجي ڀائٽيي کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو هو. پر ڪو مڪتب يا سنڌي اسڪول هو ئي ڪونه ان ڪري ڳوٺ جي واٽئي پائي وَسُومل وٽ ڪيس پڙهڻ لاءِ ويهاريائين. ان وٽ هَتڪا اکر سکيو جن جي پٽيءَ پٽيان ايندڙ آخري فقرو ڪيس ياد رهيو اهو هو "ڇيهارو ڇِند پيِر ڪي". (يعني ڇُهار زنده پير ڪي)

**پرائمري تعليم:**

ان خانگي پڙهائيءَ ۽ اکرن سُڃاڻڻ کان پوءِ ڳوٺ پليو خان لغاريءَ ۾ جيڪو اسڪول پيو ان ۾ 1924ع ۾ پڙهڻ ويٺو. پرائمريءَ ۾ جيڪي استاد آيا، انهن جا نالا هي آهن: 1ـ محمد يوسف سومرو (هيءَ صاحب ڪڏڙي جو هو) 2ـ سومر خان لغاري 3ـ محمد قاسم پٽي (هيءَ صاحب منياٽيءَ جو هو) 4ـ محمد عثمان خشڪ صاحب محبت ديري جتوئيءَ جو 5ـ قادربخش جتوئي (هيءَ صاحب به محبت ديري جتوئي جو هو) 6ـ مسٽر ڇيٺانند نوشهري طرف جو. ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ موجب هي استاد حقيقي معنيٰ ۾ روشنيءَ جا منارا هئا ۽ پڙهائڻ سندن زندگيءَ جو مقصد هو.

**رانديون:**

ڇوڪراٽپ وهيءَ ۾ نبي بخش جيترو پڙهڻ جو تکو هو ايترو راندين جو به شوقين هو ۽ دل جان سان راندين ۾ حصو وٺندو هو. ڳوٺن ۾ جيڪي رانديون کيڏيون وينديون هيون، انهن ۾ ونجهه وٽي، ڪوڏي ڪوڏي، اٽي ڏڪر ۽ شاهه ڏڪر (هاڪي

وانگر هڪ راند) تہ ٿيندڙيون هيون، پر ڪي رانديون اهڙيون بہ هيون، جيڪي وڏيڪ ڏيان ۽ رٿابنديءَ سان کيڏيون ويندڙيون هيون. انهن ۾ هڪ راند هئي "سيڙهہ" جنهن کي "نانگيل لوسيل" بہ چيو ويجي ٿو. هن ۾ سرن جو هڪ ننڍو منارو ٺاهجي ٿو ۽ جيڪا ڏر ڏڪ هٽي اهو ڪيرائي وجهي، ان ڪٽيو. ٻي راند "ڪوئي ڪن ڦروڙي" آهي، جنهن ۾ هاراٽا ٻول بہ ڪم اچن ٿا. پنهنجن همراهن کي لڪائبو ۽ پوءِ وٽن ٺڪن جا ٺاٺا ڏس ڏِبا. ٻيءَ ڏُر پڪڙي، تنهن کان اڳ همراهن کي اچي پڙ ۾ پهچائبو ۽ سوڀ پائبي. اهي رانديون لاڙ توڙي ٻين پاسن ڏانهن بہ هلن ٿيون. هاڻي بہ جتي ٻي وندر نہ آهي اتي کيڏجن ٿيون. نبي بخش خان بلوچ اهي ۽ ٻيون ڪيتريون رانديون کيڏيون.

## مدرسي نوشهري ۾ داخلا:

ڳوٺ جي حالت جي مد نظر شاگرد نبي بخش جي تعليمي حاصلات هڪ ڪرشمو هو جيڪو سندس شوق جو ئي ثمر هو. خير سان 1929ع ۾ مشهور نوشهري فيروز مدرسي هاءِ اسڪول ۾ انگريزي تعليم لاءِ داخل ٿيو ۽ بورڊنگ هائوس ۾ رهيو. بقول ڊاڪٽر صاحب اتي سندس بهترين ڏينهن گذريا ۽ تعليم تربيت، علم ۽ عمل جو سليقو آيو. ٻين لفظن ۾ تہ نوشهري جي تعليم کيس اڳتي جي علمي توڙي عملي زندگيءَ جي جدوجهد لاءِ تيار ڪيو.

## قابل استاد:

بورڊنگ هائوس ۾ 120 تائين شاگرد رهندا هئا. بهترين استاد موجود هئا. جناب عثمان علي انصاري پرنسپال هو. مخدوم امير احمد صاحب جهڙي قرآن، فقهہ، تفسير ۽ عربي فارسيءَ زبان جي ڄاڻو سندس علمي شوق کي وڌيڪ جِلا بخشي. مخدوم صاحب علمي ادبي سرگرمين جو سرواڻ هو ۽ سندس ترغيب سان مدرسي ۾ مشاعرا بہ ٿيندا هئا. شاگرد نبي بخش ۾ شاعرانہ شعور هو ۽ بزم مشاعري جو سيڪريٽري ٿيو ۽ مخدوم امير احمد صاحب جي تربيت سان مشاعرن ۽ ادبي نشستن مان گهڻو پرايائين. آخوند ڪريم بخش صاحب پيش امام هو. مسجد ديني سرگرمين ۽ مولودن جي مجلسن جو مرڪز هئي. راندين جو بهترين انتظام هو ۽ شاگرد ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٻيون رانديون شوق سان ڪندا هئا. ڊرائنگ ٽيچر استاد گل محمد پٺاڻ ڊرائنگ توڙي راندين کيلن، سانگ پتلين ۽ ناٽڪ جي انداز جي سرگرمين ۾ اڳواڻ هو ۽ شاگردن کي همت، حوصلي ۽ اڳواڻيءَ جي تربيت ڏنائين.

نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ نوشهرو هڪ بهترين ادارو هو. ڪلاس پائي جن کي ڊاڪٽر صاحب پاڻهه سان سارينڊو هو تن ۾ هي نالا اهم آهن: شير محمد بلوچ (چيف انجنيئر ٿيو)، قاضي محمد ابراهيم (ايس.ڊي.ايم ٿيو)، محمد ادريس ميمڻ (ڊي ايس.پي ٿيو). انور علي پنجابي ۽ بشارت حسين انصاري اهي هوشيار شاگرد هئا. استادن جي محنت جا بہ ڪيترائي مثال آهن. انهن ۾ مسٽر هگوراڻي سائنس ۽ مئٿميٽڪس جو استاد هو. شاگردن ۾ مقابلي جو لاڙو پيدا ڪيائين. ڏکيا سوال ڏيندو هو. جاميٽريءَ جا ڪي سوال اهڙا ڏيندو هو جو شاگرد اسڪول مان موٽي بہ حل جي تلاش ۾ رهندا هئا. ڊاڪٽر صاحب ڪنهن دوست سان ڳالهہ ڪئي تہ هڪ سوال اهڙو هو جو سندس ذهن ۾ ڊوڙندو رهيو ۽ "خواب" ۾ اچي حل ٿيو.

### جهوناڳڙهہ ۽ علي ڳڙهہ:

هن ڀرپور زندگيءَ واري تعليم ۽ راندين جي دؤر ۾ نبي بخش خان هڪ هوشيار شاگرد رهيو. نوشهره اسڪول جي پڙهائيءَ جو ڪم ڏينهن جو ئي ڪندو هو رات جو ڪونہ پڙهندو هو. آخر 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. گريجوئيشن لاءِ پهريائين ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ ۽ پوءِ بهاءالدين ڪاليج جهوناڳڙهہ ۾ داخلا ورتائين. سندس تعليمي ڪارڪردگي نهايت شاندار رهي. هن سلسلي ۾ سماهي مهراڻ جي سوانح نمبر 1957ع ۾ ابن دريد جي قصيدي "مقصوره ابن دريد" جي باري ۾ لکي ٿو تہ پاڻ موڪل ۾ وطن وري ان کي مخدوم امير احمد صاحب کان پڙهيو ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪيائين. اهڙي ڀرپور ڪوشش جو اهڙو ئي وڏو نتيجو نڪتو. پاڻ 1941ع ۾ بي.اي آنرس فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ڪاليج ۾ پهريون نمبر ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيو. وڌيڪ تعليم لاءِ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ ۾ داخل ٿيو. ايم.اي ۾ بہ هو هڪ سراسري سطح جي شاگرد وانگر نہ هو پر عمدي ڪارڪردگي ٿي سندس نظر ۾ رهي. ڪنهن بہ معاملي جي تهہ تائين پهچڻ ۽ ڪنهن بہ موضوع جي صحيح معنيٰ حاصل ڪرڻ جي جستجو قائم رکندو آيو.

1943ع ۾ علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ پوزيشن سان ڪيائين. ايل.ايل.بي بہ علي ڳڙهہ مان فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. هي زمانو ننڍي کنڊ ۾ سياسي اٿل پٿل ۽ هيجان جو هو. جوان سال شاگرد نبي بخش خان بہ هڪ هيجاني

صورتحال مان لنگهي رهيو هو. علي ڳڙهہ ۾ ڊاڪٽريٽ جو مقالو "سنڌ تحت سطرۃ العرب" (سنڌ ۾ عرب حڪمراني) لکي پورو ڪرڻ وارو هو جو ڪراچيءَ ۾ مسلمان شاگردن لاءِ پهريون ڪاليج يعني سنڌ مسلم ڪاليج کليو جنهن لاءِ استادن جي ضرورت هئي. پير الاهي بخش صاحب وزير جي تاڪيد تي ڊاڪٽر صاحب اچي هن ڪاليج ۾ ڪجهہ وقت لاءِ تدريس جو فرض سرانجام ڏنو.

## ڪولمبيا يونيورسٽي:

قدرت اعليٰ تعليم لاءِ سنڌس علمي تشنگي کي دُور ڪرڻ لاءِ ٻيو موقعو فراهم ڪيو. ان وقت برٽش گورنمينٽ آف انڊيا مرڪزي اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو. ڊاڪٽر صاحب دهليءَ مان آل انڊيا سطح تي اها اسڪالرشپ کٽي ۽ سرڪاري طور تي ڪولمبيا يونيورسٽي (نيويارڪ) ۾ سندس داخلا ٿي ۽ کيس ريسرچ جو موقعو مليو. پاڻ 16_ آگسٽ 1946ع تي بمبئيءَ مان ولايت روانو ٿيو. هن سفر ۾ ٿي ڪتاب "پيلاين جا ٻول" جي تاليف جي شرعات ٿي.

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ رهي، نبي بخش خان 'تعليمي نظام ۽ انتظام' کي پنهنجو موضوع بنايو ۽ اُتان ايم.ايڊ ۽ ڊاڪٽر آف ايڊيوڪيشن جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊاڪٽريٽ جي دؤر ۾ کيس تعليم ۽ تحقيق جو بهترين موقعو مليو. ڪولمبيا ۾ تعليم ۽ تربيت لاءِ کيس بهترين استاد مليا. جن پروفيسرن جي رهبريءَ ۾ خاص نصابي ڪم ۽ ٿيسز مڪمل ڪيائين، اهي هي هئا: غير ملڪي شاگردن جي رهبريءَ لاءِ ڊاڪٽر ڪليئرنس لنٽن مقرر هو جنهن جي رهنمائي ۽ شفقت کي ڊاڪٽر صاحب ياد ڪندو هو. بين الاقوامي ثقافتن جي ڪورسز ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر ٽيوڪسبري هڪ بهترين استاد مليو. اهڙوئي ٻيو استاد ڊاڪٽر ٿامپسن هو جيڪو ڪريڪيوليم ڪورسز تي عالمانہ ليڪچر ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح ٻيو بهترين استاد ڊاڪٽر ڪائونٽس هو. نبي بخش خان جي تحقيقي مقالي جو موضوع هو:

A Program of Teacher Education for the New State of Pakistan

تحقيقي مقالي (ٿيسز) جي تياريءَ لاءِ نبي بخش خان جو عمومي صلاحڪار ڊاڪٽر اي ايس. ايوينڊن ۽ خاص صلاحڪار ڊاڪٽر ڪارل ڊبليو ٻگلو (Dr. Karl W. Bigelow) هو.

## وطن جي حُب:

'ڊاڪٽر آف ايڊيوڪيشن' جي ڊگري ملڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ کي اقوام متحده ۾ نوڪريءَ جي آڇ ملي، پر پاڻ وطن جي خدمت جي جذبي ۾ مئي 1949ع ۾ سنڌ واپس موٽيو. هت هن کي جنهن ملازمت جو وعدو هو سا ڪانه ملي ۽ جيسين ڪا بي نوڪري ملي، تيستائين ڊاڪٽر صاحب سفر لاءِ خاڪي ڪپڙن جا ٻه وڳا ٺهرائي سنڌ کي ڏسڻ پسڻ لاءِ مئي 1949ع کان آگسٽ 1950ع تائين ڪنڊ ڪڙڇ گهميو ۽ علمي ڪچهريون ڪندو رهيو ۽ تاريخي هنڌن کي ڏسندو رهيو.

ڊاڪٽر صاحب کي راڳ جو گهڻو شوق رهيو ۽ سنڌس ڳوٺ جو الهڏنو فقير ماڇي هن فن ۾ سنڌس استاد هو. راڳ سان گڏ ملهه جي فن کي مقبول بنائڻ لاءِ به گهڻي ڪوشش ورتائين. ڀٽ شاهه تي ٻهريون پيرو ڪرڪيٽ وانگر ملاکڙي جي ڪمينٽري (رواں تبصرو) ڪرڻ جو انتظام ڪيائين. ملهه ايسوسيئيشن ٺهرايائين. جنهن جو مير رسول بخش ٽالپر صدر ٿيو. حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم ۾ جيڪا ٻهرين وڏي راند ٿي سو ملاکڙو هو. ڊاڪٽر صاحب گهڻو پاڻ پتوڙيو پر ميهر شاهه جي ميلي تي ٻنوري ۾ جڏهن نامور ملهه وعدو ڪري نه پهتا ته پاڻ ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ وري هن معاملي ۾ هٿ نه وڌائين. 1949ع ۾ وطن ورڻ بعد هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين کيس نوڪري ڪانه ملي. سيپٽمبر 1950ع ۾ حڪومت پاڪستان جي محڪمه انفارميشن براڊڪاسٽنگ ڊويزن ۾ 'آفيسر به ڪار خاص' (O.S.D) مقرر ڪيو ويو ان بعد مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن کيس ڪلاس ون ۾ چونڊيو ۽ کيس وچ مشرق ۾ تعلقات عامه جي شعبي ۾ دمشق ۾ مقرر ڪيو ويو.

## سنڌ يونيورسٽي:

ڊاڪٽر صاحب جي دل ۾ تعليم ذريعي سنڌ ۾ سجاڳي آڻڻ جو جوش جذبو هو ته ٻئي طرف علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ترغيب هئي، سو ان عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي اچي سيپٽمبر 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شعبي تعليم جو پهريون پروفيسر ٿيو. ان بعد سنڌي شعبي کولڻ لاءِ اعزازي پروفيسر ۽ سربراهه ٿي محنت ڪيائين. سنڌي شعبي ۾ تحقيق جو بنياد سندس ڪوشش جو مرهون منت آهي، هتي ايم.اي فائينل (سنڌي) لاءِ مڪمل ٿيسز (اصلي يا ترجمو) جو سلسلو هليو ۽ 1953ع کان 1961ع تائين پنجاهه ٿيسز لکيون ويون، جن مان 35 مشهور انگريزي ڪتابن جا نوٽن ۽ حاشين سان ترجما

آهن ۽ 15 طبعزاد آهن. هن وقت تائين ايم.اي جي هنن ٿيسز مان فقط چار ڇپجي سگهيون آهن.

ڊاڪٽر صاحب 1958ع تائين سنڌي شعبي جو سربراهه رهيو. پوءِ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ چارج ورتي. وچ ۾ 16 مارچ 1953ع کان 30 جولاءِ 1954ع تائين پروفيسر محبوب علي چنہ بہ سنڌي شعبي جو استاد رهيو پر يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي علمي حيثيت ڊاڪٽر صاحب جي محنت ۽ علمي معيار سبب قائم ٿي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعليم جو شعبو جيڪو پهرين هڪ ڊپارٽمينٽ هو سو پوءِ انسٽيٽيوٽ بڻيو تنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب پروفيسر ۽ پوءِ ڊائريڪٽر رهيو. اهو عرصو 1951ع کان 1976ع تائين هو. تنهن وچ ۾ ڊاڪٽر صاحب ڊسمبر 1973ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو جتي جنوري 1976ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائين. 1973ع ۾ ڊاڪٽر صاحب کي نيشنل ميرٽ پروفيسر جو درجو مليو.

انتظامي خدمتون:

1976ع کان وٺي ڊاڪٽر صاحب جي اسلام آباد ۾ علمي خدمتن جو دؤر شروع ٿئي ٿو. اتي بہ اوتري ئي تندهيءَ سان ڪم ڪيائين، جيترو سنڌ ۾ پنهنجي جوانيءَ ۾ ڪيائين. ان وقت (1976ع ۾) ڊاڪٽر صاحب جي عمر 60 جي قريب هئي. ڊاڪٽر صاحب کي اسلام آباد ۾ وفاقي وزارت تعليم ۾ سيڪريٽري جي گريڊ ۾ آفيسر بڪار خاص مقرر ڪيو ويو جتي پاڻ جنوري 1976ع کان آگسٽ 1977ع تائين ڪم ڪيائين. ان عرصي ۾ هو "فيڊرل پي ڪميشن" (Federal Pay Commission) جو برجستو ميمبر ٿي رهيو. سيپٽمبر 1977ع کان مارچ 1979ع تائين ٻي وزارت يعني وزارت ثقافت، آثارِ قديمہ راندين ۽ سياحت ۾ آيو. ان وچ ۾ پاڻ اپريل 1977ع کان جنوري 1979ع تائين وفاقي ريويو بورڊ (Federal Review Board) جو ميمبر ٿي رهيو. 1 جولاءِ کان 10 آڪٽوبر 1979ع تائين قومي ڪميشن تحقيق، تاريخ ۽ ثقافت جو چيئرمين رهيو جتان ڊاڪٽر صاحب 22 نومبر 1980ع تي اسلاميہ يونيورسٽي اسلام آباد جو باني وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. هن عهدي تي آگسٽ 1983ع تائين رهيو ۽ هڪ نئين يونيورسٽيءَ جا بنياد پُختا ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب تاريخي ۽ ثقافتي تحقيق جي قومي ڪميشن جو چيئرمين بہ انهيءَ وچ ۾ رهندو آيو.

آڪٽوبر 1979ع کان 1982ع تائين هن ڪميشن جي نئين تشڪيل ۾ به ڊائريڪٽر رهيو. سنڌس ايامڪاريءَ ۾ هن اداري مان گهڻائي اهم ڪتاب شايع ٿيا، جن مان پنجن جو تعلق 'سنڌ' جي موضوع سان هو. ڊاڪٽر صاحب 1983ع کان وٺي 1989ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جو ڊئريڪٽر/ مشير رهيو ۽ بعد ۾ سن 1991ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو جتي 1993ع تائين خدمتون بجا آندائين.

## قومي اعزاز ۽ ايوارڊ:

ڊاڪٽر صاحب کي سندس مثالي علمي ڪم تي اعليٰ صدارتي قومي ايوارڊ به مليا، جن ۾ ايوب خان جي حڪومت ۾ تمغہ پاڪستان ۽ ستاره قائداعظم اچي وڃن ٿا. 1979ع ۾ کيس صدارتي 'تمغہ حسن ڪارڪردگي' مليو. 1991ع ۾ کيس 'اعزاز ڪمال' حاصل ٿيو ۽ اڳتي هلي پرويز مشرف جي حڪومت ۾ (2002ع) ۾ "ستاره امتياز" ڏنو ويو جو ايوان صدر ۾ سندس نياڻيءَ ورتو. وفات کان چند ڏينهن اڳ 23 مارچ تي يوم پاڪستان جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب لاءِ اعلائيل مُلڪ جو اعليٰ ترين سول ايوارڊ "هلال امتياز" کيس سندس گهر پُهچايو ويو. پر ڊاڪٽر صاحب جو علمي مرتبو ۽ تحقيقي ڪم انهن تمغن کان گهڻو گهڻو اوچو ۽ اُتاهون آهي. ان جو احساس فقط قدر وارن ۽ سجاڳ دلين کي آهي.

پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ اڳ ۾ لکي آيا آهيون ته پاڻ پڙهائيءَ ۾ مصروف رهيو ۽ شاندار تعليمي نتيجا نڪرندا رهيا. تحقيق ۽ لکڻ پڙهڻ جو سمورو دؤر ڊاڪٽر صاحب هڪ مُهم ـ جُو شخص وانگر گذاريو آهي. جيڪو به مقالو ڪتاب يا ڪا رٽا هٽ ۾ رهيس ته صبح جو اڪ ڪلڪ سان پهرين ان جي ڳُلتي ڪيائين. اگر کيس صبح جي پهر ۾ ڪا مصروفيت نہ رهي ته ان ڏينهن منجهند تائين لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف رهيو. منجهند جي مانيءَ ۽ آرام کان پوءِ به ٻـ ـٽي ڪلاڪ ڪم سندس دستوري مشغلو رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قائم ٿيل آفيس ۾ ڊڪشنري يا لوڪ ادب جي ڪتابن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪم ته سندس هڪ معمول رهيو. رات جو 12 بجي ۽ هڪ تائين لکڻ پڙهڻ ۽ تحقيق جو ڪم ڊاڪٽر صاحب ائين جاري رکيو جيئن سمهڻ وارا سمهڻ کي اوليت ڏين ۽ ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ڪچهريءَ ۾ اڌ رات تائين جاڳن. ائين علمي دنيا جي هن پورهيت ۽ ثقافت جي سرواڻ اڻٿڪ انداز ۾ پنهنجي ڪم ڪيو.

انسان کي آرام بہ کپي، صحت کي صحيح رکڻ لاءِ گهمڻ ڦرڻ ڪجھ تفريح ڪرڻ دوستن ڏي اچڻ ۽ سير سفر، شڪار ڪرڻ بہ کپي. ڊاڪٽر صاحب بہ موڪلن ۾ سير ۽ تفريح جو شوق ڪندو رهيو. انهيءَ بهاني فرصت جي گهڙين جو صحيح استعمال بہ ڪيائين ۽ مجموعي طرح هڪ صحتمند زندگي بسر ڪيائين.

ڊاڪٽر صاحب جڏهن 1985ع ۾ هڪ علمي دوري جي سلسلي ۾ 5 مئي تي سعودي عرب، ڪويت، شام، تيونس، الجزائر ۽ مراڪش کان ٿيندو لنڊن پهتو تہ محنت ۽ سفر سبب طبعيت خراب ٿي پيئي ۽ 10 مئي 1985ع تي سندس دل جو آپريشن ٿيو. الحمد لله پاڻ صحتمند ٿيو ۽ وطن موٽي پنهنجي ڪم ۾ اچي مصروف ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب 6 اپريل 2011ع بمطابق 2 جمادي الاول 1432هہ بروز اربعا صبح صادق مهل هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري، ڪنهن بهتر جهان ۾ جاگزين ٿيا.

نوٽ:

ڊاڪٽر صاحب جي پهرين جنازي نماز سنڌ مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد جي پارڪ ۾ شام 5:30 وڳي شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري (جامعہ راشديہ پيرجو ڳوٺ) ادا ڪرائي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن عقيدتمندن، اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ صحافين، شاگردن ۽ شهر جي معززن شرڪت ڪئي. ٻي جنازي نماز تدفين وقت سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ شام 6:30 وڳي حافظ محمد يوسف پنيرو سڪندري ادا ڪرائي. ان بعد سندن خاڪي جسد علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي پيرانديءَ ۾ (سندن وصيت مطابق) مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. الله تعاليٰ ڊاڪٽر صاحب جي بخشش ۽ مغفرت فرمائي. (آمين).

پاڻ سوڳوارن ۾ پنج فرزند ۽ ٽي نياڻيون ڇڏيائين.

## قلمي پورهيو

لوڪ ادب:

1 مداحون ۽ مناجاتون، 1959ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

2 مناقبا، 1960ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

3 معجزا، 1960ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

4 مولود، 1961ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

5. ٽيھ اکريون (پاڱو پھريون)، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
6. ٽيھ اکريون (پاڱو ٻيو) 1961ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
7. هفتا، ڏينهن راتيون ۽ مهينا، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
8. جنگناما، 1984ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
9. واقعاتي بيت، 1961ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
10. مناظرا، 1961ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
11. سنڌي سينگار شاعري، 1986ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
12. پروليون ڏٺون معمائون ۽ ھول، 1965ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
13. ڳجھارتون، 1969ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
14. ڏور 1970ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
15. ڳيچ (جلد پھريون ۽ ٻيو گڏ) 1963ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
16. لوڪ گيت، 1965ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
17. بيت، 1971ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
18. نڙ جا بيت (سانوڻ ۽ سندس ساٿياري)، 1970ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
19. قافيون (جلد پھريون)، 1985ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
20. قافيون (جلد ٻيو)، 1987ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
21. قافيون (جلد ٽيون)، 1990ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
22. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-1 (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون) 1987ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
23. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-2 (بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون)، 1977ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
24. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-3 (پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون)، 1987ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
25. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-4 (بادشاهن، شاهوڪارن، ٺاهن، ٺڳن ۽ ٻين جون ڳالهيون)، 1961ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
26. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-5 (ٻارڙن آکاڻيون)، 1962ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

27. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-6 (جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون)، 1964ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
28. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-7 (ڳاهن سان ڳالهيون)، 1964ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
29. مشهور سنڌي قصا: رزميه داستان -1 دودو چنيسر (جلد پهريون)، 1976ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
30. مشهور سنڌي قصا: رزميه داستان -2 دودو چنيسر (جلد ٻيو)، 1977ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
31. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-1، موکي متارا، مري ۽ مگر ٽڙ، اُڊو ڪيهر ۽ هوٿل پري، ڦل وڏوئو ۽ پوري، لاکو ڦلاڻي، 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
32. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-2، سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي، 1972ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
33. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-3، ليلان چنيسر، 1971ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
34 مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-4، سسئي پنهون، 1964ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
35مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-5، مومل راڻو 1975ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
36. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-6، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو 1976ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
37. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جي حب الوطنيءَ جو داستان، عمر مارئي، 1976ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
38. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-8، ڍول مارو 1969ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
39 سنڌ جي سورهيائي ۽ هنرمنديءَ جو داستان- مورڙو ۽ مانگر مڇ، 1967ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

40 مشهور سنڌي قصا: ٻاهريان قصا ۽ عشقيہ داستان ـ7، 1964ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

41. رسمون رواج ۽ سوڻ ساٺ، 1978ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

42 سنڌي هنر شاعري، 1991ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي بورڊ پاران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جا ترتيب ڏنل لوڪ ادب سلسلي جا جملي 42 ڪتاب ڇپيا آهن ان ڪان سواءِ سندن تاليف ڪيل هيٺيان ٽي ڪتاب پڻ لوڪ ادب سلسلي جي ڪتابن ۾ شمار ٿيڻ گهرجن ۽ ائين اهي جملي 45 ڪتاب ٿين ٿا:

ٻيلاين جا ٻول: 1951ع (پهريون ڇاپو): سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد ۽ 1970ع (ٻيو ڇاپو) زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

لاڪوڦلاڻي: 1958ع سنڌي مجلس، شعبہ سنڌي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد

هرڳنيو: (مؤلف: آخوند عبدالرحيم وفا عباسي: مقدمو ۽ ايڊيٽنگ: ڊاڪٽر بلوچ) 1993ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري:

1. قاضي قاضن جو رسالو 1999ع انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو
2. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام 1968، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو
3. ميين شاهہ عنات جو ڪلام 1963ع سنڌي ادبي بورڊ
4. خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو 1966ع سنڌي ادبي بورڊ
5. شاهہ شريف ياڏائيءَ جو رسالو 1972ع انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو
6. راڳنامو: صوفي صادق فقير سومرو 1981ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز
7 رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو 1985ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز
8. ڪليات حمل 1953ع سنڌي ادبي بورڊ
9. ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري 1968ع سنڌي ادبي بورڊ
10. ڪليات سانگي، 1969ع سنڌي ادبي بورڊ
11. سيف الملوڪ عرف سيفلنامو: مولوي لطف عليءَ جي سرائيڪي شاعري 1960ع سنڌي ادبي بورڊ
12. خليفي غلام نبي جو رسالو: 2011ع ـ حُر هسٽاريڪل سوسائٽي، سانگهڙ

تحقيقي مقدما:

ان کان سواءِ هيٺين ڪتابن تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا جامع، تاريخي ۽ تحقيقي مقدما لکيل آهن:

اصغر سائينءَ جو ڪلام: پهريون ڇاپو (تحقيق: مولوي عبدالغفور شر سڪندري، مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1980ع چوٿون ڇاپو- تحقيق: پروفيسر محمد فاضل، پيش لفظ ۽ اڳيون مقدمو شامل: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1999، جمعيت علماءِ سڪندريه پير جو ڳوٺ

ديوان مسڪين: پير حزب الله شاهه راشدي 'مسڪين' جو ڪلام (مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، جمعيت علماءِ سڪندريه پير جو ڳوٺ

لغتون:

1. جامع سنڌي لغات (جلد پهريون) 1960ع سنڌي ادبي بورڊ
2. جامع سنڌي لغات (جلد ٻيو) 1981ع سنڌي ادبي بورڊ
3. جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون) 1960ع سنڌي ادبي بورڊ
4. جامع سنڌي لغات (جلد چوٿون) 1985ع سنڌي ادبي بورڊ
5. جامع سنڌي لغات (جلد پنجون) 1988ع سنڌي ادبي بورڊ
6. سنڌي اردو لغت: (ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان گڏ) 1959ع سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد
7. نئين جامع سنڌي لغات (جلد پهريون) 2004ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
8. نئين جامع سنڌي لغات (جلد ٻيو) 2005ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
9. نئين جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون) 2007ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
10. اردو سنڌي لغت: (ايضاً) 1960ع (پهريون ڇاپو)، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد 1989ع (ٻيو ڇاپو) انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄام شورو
11. هڪ جلدي سنڌي لغت: 1998ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
12. جواهر لغات اڪيچار سنڌي: (مؤلف: آخوند عبدالرحيم وفا عباسي، ايڊيٽنگ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1993ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
13. فرهنگ قوام فاروقي (مطالعو)
14. شاهه جي رسالي جي لغت "روشني" - (2002ع) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

سنڌ جي تاريخ:

1. تاريخ معصومي (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، تحقيق ۽ وضاحتي نوٽن سان مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1953ع سنڌي ادبي بورڊ
2. فتحنامو (چچنامو): فارسي متن جو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد- مقدمو ۽ حواشي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1954ع سنڌي ادبي بورڊ
3. تحفة الڪرام (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، ايڊيٽنگ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1957ع سنڌي ادبي بورڊ
4. سومرن جو دور (دودي چينسر جي ڳالهه ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشنيءَ ۾)، سيپٽمبر 1980ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

سنڌي ٻولي، ادب ۽ موسيقيءَ جون تاريخون:

1. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ: (1962ع (پهريون ڇاپو "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ": عنوان سان سنڌ يونيورسٽي پريس)، 1980 (ٻيو ڇاپو: "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جي عنوان سان زيب ادبي مرڪز حيدرآباد)، 1990 ۽ 1999ع (ٽيون ۽ چوٿون وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپو)، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
2. سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ: 1978ع شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه
3. سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي: 1992ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
4. سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو: 1993ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
5. علم موسيقي: شاعر رمضان واڍو 2006ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

متفرقه موضوع:

1. سپ رنگ: 1968ع مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد
2. سنڌ جي مڇي (ملڪي جي مڇيءَ جو مطالعو)، 1993ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
3. سنڌ جي مڇي (ڪاري جي مڇيءَ جو مطالعو)، 1995ع سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
4. اسان جو ڳوٺ: جعفر خان لغاري 1999ع خليل ڪتاب گهر، خيرپورميرس
5. رهاڻ هيرن کاڻ (جلد پهريون)، 2000ع خليل ڪتاب گهر، خيرپورميرس

6. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٻيو)، 2001ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
7. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٽيون)، 2002ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
8. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد چوٿون)، 2003ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
9. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد پنجون)، 2003ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
10. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ڇهون)، 2005ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
11. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ستون)، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
12. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد اٺون)، 2008ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو
13. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد نائون)، 2009ع، ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد
14. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ڏهون)، 2010ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو
15. گڏه: 1946ع (پهريون ڇاپو ڪراچي)

لطيفيات:

(الف) شاهه جي رسالي جو تحقيقي ايڊيشن:

1. شاهه جو رسالو (جلد پهريون) 1989ع
2. شاهه جو رسالو (جلد ٻيو) 1992ع
3. شاهه جو رسالو (جلد ٽيون) 1994ع
4. شاهه جو رسالو (جلد چوٿون) 1997ع
5. شاهه جو رسالو (جلد پنجون) 1997ع
6. شاهه جو رسالو (جلد ڇهون) 1995ع
7. شاهه جو رسالو (جلد ستون) 1998ع
8. شاهه جو رسالو (شاهه جي ڪلام جو مڪمل متن: جلد اٺون ۽ نائون)، 1999ع علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا اشاعت، حيدرآباد
9. شاهه جو رسالو (رسالي جو ڪلام: جلد ڏهون)، 1996ع علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا اشاعت، حيدرآباد
10. شاهه جو رسالو (10 جلد هڪ جلد ۾)، 2009ع ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ

(ب) شاهہ جي رسالي بابت وڌيڪ تحقيق:

1. شاهہ جي رسالي جا سرچشما: (جلد پهريون) 1972ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
2. شاهہ جي رسالي جي ترتيب: 1974ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
3. شاهہ جو رسالو: (برٽش ميوزيم ۾ محفوظ قلمي نسخي تي آڌاريل) 1969ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
4. شاهہ جو رسالو: (سر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ ٽن قلمي نسخن سان ڀيٽي تيار ڪيل) 1974ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
5. شاهہ جو رسالو: (ڏهن قلمي نسخن تي آڌاريل، سُر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ) 1977ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
6. شاهہ عبداللطيفؒ: (سوانح، رسالي ۽ راڳ بابت تحقيقي مضمون)، 1990ع مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
7. لطائف لطيفي: (فارسي متن، مصنف: مير عبدالحسين سانگي، ايڊيٽنگ ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1967ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
8. پنج گنج: (مصنف قادر بخش بيدل: مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1976ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
9. احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: (مصنف مرزا قليچ بيگ مقدمو ۽ سُڌ سنوار: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1972ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ

## (ت) باقي لطيفيات:

(هيٺيان ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زيرنگراني ۽ رهنمائيءَ هيٺ مرتب ٿيا)

1. شاهہ جي رسالي ۾ اسلامي اقدار: (ترتيب) 1967ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
2. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار جو معيار: (ترتيب) 1968ع شاهہ عبدالطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ

3. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ٻوليءَ جو معمار: (ترتيب) 1969ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
4. سُر ڪلياڻ جو مطالعو: (ترتيب) 1970ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
5. سُر جمن جو مطالعو: (ترتيب) 1971ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
6. سُر ڪنڀات جو مطالعو: (ترتيب) 1972ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
7. ر سريراڳ جو مطالعو: (ترتيب) 1973ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
8. سُر سامونديءَ جو مطالعو: (ترتيب) 1974ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
9. سُر سهڻيءَ جو مطالعو: (ترتيب) 1975ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
10. سُر سسئي آبريءَ جو مطالعو: (ترتيب) 1976ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
11. سُر معذوريءَ جو مطالعو: (ترتيب) 1977ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
12. طيف سالگرهہ مخزن 1_2: (ترتيب) 1960ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
13. طيف سالگرهہ مخزن 3: (ترتيب) 1961ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
14. لطيف سالگرهہ مخزن 4_5: (ترتيب) 1964ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
15. طيف سالگرهہ مخزن 6_7_8: (ترتيب) 1967ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ
16. طيف سالگرهہ مخزن 9: (ترتيب) 1968ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ

9. جامع الڪلام في منافع الانام: (ٻارهين صدي هجريءَ ۾ لکيل جي عالمن جي ٽيل عربي فارسي ۾ خط و ڪتابت) تاليف: الشيخ عبدالله بن محمد السندي تحقيق ۽ تنقيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. 2006ع. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

**عربي ڪتاب (ايڊيٽنگ ۽ مقدما):**

1. نُتف من شعر ابي عطا: 1961ع. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
2. غرة الزيجات: البيروني (تفصيلي مقدمو ۽ ايڊيٽنگ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. 1973ع. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو

**اسلامي تمدن جا هڪ سؤ ڪتاب رٿا:**

هن رٿا جو بنيادي خاڪو ڊاڪٽر صاحب تيار ڪيو ۽ پوءِ ان تي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو جنهن ۾ ڪتابن جا اصل متن ڳولي لهڻ، انهن جو اشاعتي خاڪو تيار ڪرڻ، جدا جدا عالمن کي ڳولي، ڪين اهي ڪتاب ترجمي لاءِ ڏيڻ، انهن ڪتابن جا مهاڳ لکڻ ۽ ڇپائڻ جا ڪم شامل هئا. ڪن حالتن ۾ ڊاڪٽر صاحب تحقيقي مقدما لکيا. جنهن جو خاص مثال قيمتي هيرن، جواهرن ۽ پٿرن بابت بيرونيءَ جي ڪتاب "ڪتاب الجماهر في معرفة الجواهر" جو مقدمو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته "اهو ڪم مون خاص طرح جناب حڪيم محمد سعيد صاحب جن جي رضا خاطر ڪيو. پاڻ مهرباني ڪري ڪتاب جي انگريزي ترجمي جو مسودو تيار ڪيائون. جنهن کي سندن صلاح مشوري سان مون تفصيل سان ايڊٽ ڪيو ۽ پڻ اُن تي مقدمو لکيو."

1. ڪتاب الجبر والمقابلہ: الخوارزمي (انگريزي ترجمو: ڊاڪٽر آيدين سايل، پيش نامو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1989ع. نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد
2. ڪتاب الجماهر في معرفةالجواهر: البيروني (انگريزي ترجمو: حڪيم محمد سعيد. نظرثاني ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ). 1988ع. نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد
3. ڪتاب الحِيَل: بنوموسيٰ (انگريزي ترجمو: ڊاڪٽر ڊونالڊ هِل. پيش نامو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ). 1988ع. نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد

4. الجامع بين العلم والعمل النافع في صناعة الحِيَلِ: الجزري (انگريزي ترجمو: ڊاڪٽر ڊونالڊ هل، پيش نامو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ). 1989ع، نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد

**نوٽ:** ڊاڪٽر صاحب پنجن وڏيڪ ڪتابن کي ايڊٽ ڪيو يا اشاعت لاءِ مڪمل ڪيو.

**سنڌ جي عالمن جا ڪتاب:**

**مصلح المفتاح:** (يعني دائري وارن جي سنڌي) تصنيف: سيد علي محمد شاهه تحقيق، تصحيح ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1070ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

**خزانة المعرفة:** (ملفوظات پير صبغة الله شاهه تجر ڌڻي) تاليف: پير سائين علي گوهر شاهه اصغر رح، مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1411هه جمعيت علماءِ سڪندريه درگاهه شريف پير جو ڳوٺ

**ڊاڪٽر بلوچ جا ڪجهه اهم سنڌي مضمون/ مقالا**

1. هندستان کان آمريڪا تائين سفر: مهراڻ-1 (آڳاٽو دؤر)، 1946ع
2. سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر: مهراڻ-3(آڳاٽو دؤر)، 1947ع
3. ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ شاعرانه مناظرو: ماهوار نئين زندگي- آگسٽ 1950ع
4. سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪچي محاورو(1): ماهوار نئين زندگي- سيپٽمبر 1951ع
5. سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪچي محاورو(2): ماهوار نئين زندگي- آڪٽوبر 1951عيد
6. شاهه جي عام مقبوليت جا سبب: ماهوار نئين زندگي- جنوري 1951ع
7. محمد بن قاسم جي فتح کان اڳ سنڌ جي حالت: ماهوار نئين زندگي- اپريل 1951ع
8. فتوحات محمد بن قاسم: ماهوار نئين زندگي- مئي 1951ع
9. لعل شهباز جي روضي جا تاريخي ڪتبا: ماهوار نئين زندگي- جون 1951ع

10. حمل لغاري ۽ سندس همعصر شاعر: ماهوار نئين زندگي- جولاءِ 1951ع
11. مقامات سنڌي: ماهوار نئين زندگي- آگسٽ 1951ع
12. قومي انقلاب جي تعمير ۾ ادب جو حصو: ماهوار نئين زندگي- آڪٽوبر 1951ع
13. سنڌ جو هڪ برگزيدو گهراڻو پير پاڳاره خاندان: ماهوار نئين زندگي 1952ع
14. شاهه صاحب جو مخدوم محمد معين ڏانهن خط ۽ ان جو جواب: ماهوار نئين زندگي- نومبر 1953ع
15. سنڌ جا سورهيه (1): ماهوار نئين زندگي- جون 1954ع
16. سنڌ جا سورهيه (2): ماهوار نئين زندگي- جولاءِ 1954ع
17. سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (1): ٽماهي مهراڻ- 1، 1955ع
18. سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (2): ٽماهي مهراڻ-2، 1955ع
19. سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (3): ٽماهي مهراڻ-3، 1955ع
20. ڇتو فقير سانگي: ٽماهي مهراڻ-4، 1955ع
21. درويش راضي شاهه لڪياري: ٽماهي مهراڻ- 1، 1956ع
22. سنڌي ٻولي، اُن جو ماضي، حال ۽ مستقبل: ٽماهي مهراڻ-2، 1956ع
23. ٿر ۽ مهراڻ جا لوڪ گيت: ٽماهي مهراڻ-2، 1956ع
24. پارس ڪاڻ: ٽماهي مهراڻ-3، 1956ع
25. پير پاڳارو شهيد صبغت الله شاهه ثانيؒ: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
26. رئيس المهاجرين مرحوم جان محمد جوڻيجو: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
27. مرحوم مولانا دين محمد وفائي: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
28. فولاد علي فقير شر: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
29. قاضي عبدالرؤف مورائي: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
30. مرحوم علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسيني: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
31. ميان نورمحمد شيخ ننگرپارڪري: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
32. مولوي بهاءُ الدين بهائي مرحوم: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
33. مولوي محمد صادق راڻيپوري: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
34. پير احسان الله شاهه راشدي مرحوم: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
35. مخدوم امير محمد: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع

36. مولوي عبدالله لغاري: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
37. مرحوم لعل بخش خان لغاري: ٽماهي مهراڻ سوانح نمبر، 1957ع
38. حضرت شاهه صدر: ٽماهي مهراڻ-1، 1957ع
39. خطبه استقباليه: 18- ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس، حيدرآباد سنڌ، 31 مئي 1958ع، شايع ڪندڙ مجلس عامله، حيدرآباد، 1958ع
40. بلوچي ٻولي، سندس ادب ۽ اديب: ماهوار نئين زندگي، آگسٽ 1958ع
41. رازي فقير جا راز: ٽماهي مهراڻ 2-3، 1955ع
42. سنڌي راڳ ڪانفرنس: ٽماهي مهراڻ -1، 1959ع
43. حيدرآباد شهر: ٽماهي مهراڻ -1، 1962ع
44. مسلم بنگال جي فارسي ادب جي هڪ اهم تصنيف: ڪتاب "شرف نامه احمد منيري": ٽماهي مهراڻ-1، 1967ع
45. عام سنڌي شاعري: ٽماهي مهراڻ 3-4، 1969ع
46. تذڪره مشائخ سيوستان: ٽماهي مهراڻ -1، 1972ع
47. شيخ احمد بن محمد صديق السنڌي عرف قاضي احمد دمائي: تحفه لواري شريف، 1975ع، انتظاميا جماعت لواري، بدين
48. 1857 ۾ سنڌ طرفان آزاديءَ جي جنگ: نئين زندگي، آزادي نمبر، آگسٽ-سيپٽمبر 1979ع
49. سپهه سالار درياخان جو حسب نسب: ٽماهي مهراڻ 1-2، 1980ع
50. مولود شريف، سنڌي شاعريءَ جي اهم صنف: ٽماهي مهراڻ 3-4، 1980ع
51. ڀنيور ديبل جو اصل ماڳ: ڀنيور ۽ ديبل، 1983ع
52. استاد گجهارت جو فن زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪن: روزانه مهراڻ، 10 مارچ 1984ع
53. علامه آءِ آءِ قاضي: سنڌ يونيورسٽيءَ جو محسن ۽ معمار: سوويني‌ئر، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو 1989ع (پڻ "مهراڻ" رسالي ۾ آيل)
54. مير ٻاگو ۽ سنڌ راڻي: سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، 1989ع
55. هنگلاج جو سفر: لطيفي لاٽ- مرتب: ممتاز مرزا، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع (پڻ "مهراڻ" رسالي ۾ آيل)

56. پير روضي ڌڻي جي ملفوظات 'مجمع الفيوضات' جامعہ راشديہ جا پنجاهہ سال۔ جمعيت علماءِ سڪندريہ پير جو ڳوٺ، 2003ع

57. .**A National System of Education and Education of Teachers**: Ph.D Thesis 1949, Columbia University, New York, Published by Sind Institute of Policy studies, Larkana (2003).

58. **Bilal:** An Esteemed Child of Liberty (1949).

59. **Arts and Crafts of the Lower Indus Valley:** Mehran Arts Council, Hyderabad (1964).

60. **The Traditional Arts and Crafts of Hyderabad Region:** Mehran Arts Council, Hyderabad, Pakistan (1966).

61. **The Musical Instruments of Sindh**: Mehran Arts Council, Hyderabad, Pakistan (1967).

62. **Spanish Cante Jondo:** Its origin in Sindhi Music By Aziz Baloch; English Translation & one chapter addition by Dr. N.A Baloch (1968).

63. **Kitab Hasil-al-Nahj':** The earliest work on Education in Sub-continent in Persian, Authored by Makhdoom Jaffar-al Bubakani District Dadu. Discovered and edited with a chapter wise summary in English by Dr. N.A. Baloch, Institute of Education, University of Sindh (1969).

64. **Education in Sindh Before the British Conquest and the Educational policies of the British Government,** Sindh University Press (1971).

65. **The Education Policy:** Implications and implementation (1972).

66. **Development of Music in Sindh:** Sindh University Press, Hyderabad (1973).

67. **The Historical Sindh Era: Monograph**: (1975).

68. **Curriculum And Teachers Education:** The volume on Muslim Education, First World Education Conference, Makka, 1977. Edited by N.A Baloch jointly with M.H Al-Affendi, published by Hodder and Stoughton, King Abdul-Aziz University, Jiddah, Saudi Arabia (1980).

69. **Seminar on the Documentation of Current History of Pakistan:** Proceedings and Recommendations 1947-80, NIHCR, Islamabad (1980).

70. **Advent of Islam in Indonesia:** NIHCR, Islamabad (1980).

71. **World of Islam Today:** Proceedings, Recommendations and Papers of the National Hijra Council on History and Culture, July 1980, NIHCR, Islamabad (1981).
72. **Pakistan:** A comprehensive Bibliography of Books and Government Publications edited with annotations 1947-80:Institute of History, Culture and Civilization, Islamic University Islamabad (1981).
73. **Knowledge for What?** Edited proceedings and papers of the Hijra Seminar on Islamization of Knowledge, held on 7, 8, 9 Rabi' al Awal 1402 H/ 4-6 Jan: 1982, Institute of Education, Islamic University Islamabad (1982).
74. **Fathnama-i-Sindh**: Persian text with comprehensiveintroduction in English, Islamabad, Institute of Islamic History, Culture and Civilization (1982).
75. **Beruni's Geodical Experiment on Nandana Fort:** District Jhelum. A Monograph: Islamabad (1983).
76. **Muslim Luminaries:** Leaders of Religious Intellectual and Political Revival in South Asia. (711-1206 A.D.), National Hijra Council, Islamabad, (1988).
77. **Great Books of Islamic Civilization:** National Hijra Council, Islamabad (1989).
78. **Boats in the Indus Delta and on the Coastline of Sindh:**Development In Historical Perspective. Department of Culture and Tourism, Govt of Sindh, Karachi (1990).
79. **The Educator Speaks:** Thoughts of Allama I.I Kazi, Sindh University Press Hyderabad, Sindh (1989).
80. **I.I Kazi: Reflections on Evolution**; Allama I.I Kazi Memorial Society, Hyderabad, Sindh (1992).
81. **Lands of Pakistan**: (Perspectives, historical andcultural), El. Mashriqi Foundation, Islamabad (1995).
82. **Sindh: Studies in History:** A Preliminary Version,Kalhora Seminar Committee, Karachi, (1996).
83. **Islamabad:** The Capital City of Pakistan.
84. **Allama I.I Kazi:** Unpublished Speeches & Writings, Allama I.I Kazi Chair Publication, University of Sindh (1999).
85. **Education Based on Islamic Values, Imperatives and Implications:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2000).
86. **A Programme of Teacher Education for the New State of Pakistan:** Published in parts, and based on his Ph.D. thesis, University of Sindh Educational Journal (1949).

87. **Sindh Studies Historical:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2003).

88. **Sindh Studies Cultural:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2005).

89. **World of Work:** Predicament of a scholar Edited by Prof. Muhammad Umar Chand, Institute of Sindhology (2007).

90. **North-West Frontiers of Pakistan and other avenues of Historical Writings**: Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2009).

91. **Quranic Concept of Book that Guides: Mission unto Light International,** Published by Professor Muhammad Yusuf Shaikh, Larkana (2010).

92. **Life and Thought of Shah Abdul Latif Bhittai: based on commentary of Shah Jo Risalo- Poetic Compendium of Shah Latif 's Ten Volumes.** Translated in English by Gul Muhammad Umrani. Published by Culture Department Government of Sindh, (2010).

93. **Searching in to Sophia:** Compiled and edited by Prof. Muhammad Yusuf Shaikh, Mr. Books, Islamabad (2010).

94. **The Concepts and Criteria Underlined in the Holy Quran for the 'Books' that guides and educates:** Allama I.I. Kazi Memorial Society, University of Sindh, Elas Kazi Campus, Hyderabad (1991).

95. **Votes for Women, Religion and secular Dichotomy, and other unpublished speachs and writings:** Allama I.I. Kazi Memorial Society, University of Sindh, Elas Kazi Campus, Hyderabad (1999)

96. **Some Aspects of Music Inheritance of Iran, Persian and Turkey:** University of Sindh Press, Hyderabad (1997).

97. **Paper presented at the conference on "Evolution of Political Thought in the Muslim World":** Bahaudin Zakaria University, Multan (1981).

98. **Measurement of Space and Time in the Lower Indus Valley of Sindh:** a paper presented at the Science Conference, Islamabad (1979).

99. **Teacher Education in the Muslim Society:** a paper contributed at the First World Conference on Muslim Education, Makkah, Saudi Arabia (1977).

100. **Folk Literature of Pakistan:** A general survey read at the Pakistan Folklore Seminar, Dacca (1968).

101. **A Survey of Traditional Culture of Pakistan and the Impact of Modern Development on Cultural Tradition:** A field study prepared for UNESCO (1956).

102. **In Search of the Indus Culture Sites in Sind:** The paper read at International Symposium on Moenjodaro, 23-25 Feb, (1973).

103. **Administration of Sindh Under the Calliphate:**Quarterly Journal of the Pakistan Historical Society, July-December, (1998).

104. **Early Advent and Consolidation of Islam in the Lands of Pakistan:** "Aspects of Islamic Studies" International Congress, London 5-15, April (1976).

105. **Historical Writings on Pakistani Tradition and Progress:** A paper presented at the Congress of Pakistan History and Culture, University of Islamabad, April (1973).

106. **Higher Education in Pakistan:** A paper published in Encyclopaedia of Higher Education, USA.

## ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ريفرنس

1. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو۔ 9 اپريل 2011ع (ڊاڪٽر بلوچ هال)
2. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ (سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان) 10 اپريل 2011ع (سنڌ ميوزيم، حيدرآباد)
3. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو۔ 11 اپريل 2011ع (ڊاڪٽر بلوچ هال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي)
4. سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن۔ 12 اپريل 2011ع (شيخ اياز آڊيٽوريم، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو)
5. بزم روح رهاڻ (حميد سنڌي) حيدرآباد۔ 17 اپريل 2011ع
6. سامي فائونڊيشن، عمرڪوٽ۔ 18 اپريل 2011ع
7. سنڌي ادبي سنگت، سانگهڙ۔ 21 اپريل 2011ع (ضلع ڪائونسل هال، سانگهڙ)
8. ڊاڪٽر اين.اي بلوچ ماڊل اسڪول، حيدرآباد (ايلسا قاضي ڪئمپس، يونيورسٽي آف سنڌ)۔ 7 مئي 2011ع

9. چيمبر آف ڪامرس، ڪراچي- 8 مئي 2011ع
10. آرٽس ڪائونسل ۾ ڪراچي يونيورسٽي- 8 مئي 2011ع (آرٽس ڪائونسل آڊيٽوريم، ڪراچي)
11. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (SGA) 16 مئي 2011ع (ريجنٽ پلازا هوٽل، ڪراچي)
12. اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد- اپريل 2011ع
13. پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف نيشنل افيئرس (PINA) لاهور- 15 اپريل 2011ع
14. اسلامڪ انٽرنيشنل يونيورسٽي، اسلام آباد-
15. سانا(SANA) لاس اينجلز (آمريڪا)- 4 جولاءِ 2011ع

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بابت ڇپيل مواد:**

1. ڊاڪٽر بلوچ هڪ مطالعو: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لاڙادبي سوسائٽي بدين، 1998ع
2. ماهوار نئين زندگي: ڊاڪٽر بلوچ خاص نمبر، ڊسمبر 1999ع پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ، جي.او.آر ڪالوني حيدرآباد
3. **20th Century Scholar**: Award conferred on Dr. N.A Baloch for his scholarship 1996, Kalhora Seminar Committee, Karachi
4. ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم: (جلد پهريون) مرتب تاج جويو سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2001ع
5. ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم: (جلد ٻيو) مرتب تاج جويو سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2002ع
6. ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم: (جلد ٽيون) مرتب- محمد عثمان منگي، سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2004ع
7. پيارن جا پيغام: (ڀاڱو پهريون) (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن لکيل خط ۾ ڪن جا جواب) مرتب: عنايت بلوچ، سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم، 2004ع
8. سڄڻن جا سلام: (ڀاڱو ٻيو) مرتب: محمد عثمان منگي، سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم، 2005ع
9. سچو ساربندي: ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا لکيل خط- انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو 2005ع

10. نقوش: (ڊاڪٽر بلوچ نمبر) لاهور
11. ڊاڪٽر بلوچ شخصيت اور فن: محمد راشد شيخ، اڪادمي ادبيات پاڪستان، 2007ع
12. ڊاڪٽر بلوچ (تاريخي انٽرويو) "نيوز اينڊ اوپينين" حيدرآباد جولاءِ آگسٽ 2007ع
13. ڊاڪٽر بلوچ سان قرب پريون ڪچهريون سگهڙن جا سلام ۽ دعائون:سينگاريندڙ: سگهڙ عبدالرحمن مهيسر، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ. 2001ع.
14. World of Work: (Predicament of a Scholar) Prof. M. Umar Chand, Institute of Sindhology, 2007.
15. علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو عظيم اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (تعزيتي تاثرات) مرتب۔ حافظ محمد يوسف پنهرو سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، آگسٽ 2011ع.
16. "مهراڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو (اپريل 2012ع ورسيءَ جي حوالي سان خصوصي اشاعت).

ڊاڪٽر نور محمد شاهه

# ٻنڌڻ سوئي ٻنڌ، جو پهچائي پرينءَ کي

## TIE-UP YOUR SELF IN SUCH A RELATION THAT MAKE YOU ABLE TO GET THE DEVINE LOVE

Purpose of Man's Life is to get the divine love by making smart character. Sensation of divine love is a universal experience of human history; all the Prophets and then the saints throughout the history till today have been witnessing the divine love in their lives. Tragedy of the modern world is that it has lost the internal unified classical way of life and is marching on external ground without the insight of life and its destination. Sensation of divine love can not be achieved by man's self wisdom but by the mercy of God through purification of heart and sincere thrust of divine love.

انسان جي زندگيءَ جو نصب العين خالق جو پيار حاصل ڪرڻ آهي. اُهو پيار تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن عشق ۽ تقويٰ عمل جو محرڪ بڻجن ٿا. يعني جڏهن عشق سان هردم هاديءَ جو حمد دل ۽ زبان تي طاري ۽ جاري هجي، عشق ۽ خوف خدا سان زندگي جو هر عمل ادا ڪيو وڃي. جڏهن عشق ۽ تقويٰ سان ڪائنات ۽ انسان جي تخليق تي غور ڪري خالق جي حڪمت ۽ عظمت کي سڃاتو وڃي، عشق ۽ خوف خدا سان احسن عمل ڪري، فسق ۽ فجور کان پاڻ کي پري ڪيو وڃي. جڏهن عشق ۽ تقويٰ سان وجدان، حواس ۽ عقل عاجزي اختيار ڪن. عشق ۽ خوفِ خدا سان عمل ۾ ڪابه وڏائي ۽ فخر باقي نه رهي. تڏهن مالڪ مهر ڪري مؤمن جي دل (بيت ربي) منجهان در کولي سوال پڇندو آهي "الست بربکم" (ڇا مان توهان جو رب نه

آهيان؟) جواب ۾ مؤمن شاهد ٿي چوندو آهي ۽ مومنن جي پوري تاريخ چوندي آئي آهي "قالو بليٰ شهدنا" (شاهد ٿي اقرار ڪندا آهن تہ ها بيشڪ تون ئي اسان جو رب آهين) اِن ميثاق کان پوءِ رب مؤمن کي پنهنجي مڪرم ۽ صالح ٻانهن ۾ شامل ڪري، پنهنجي پيار سان ايمان جي اُن باغ ۾ رهائي ٿو جنهن جي جڙن ۾ سندس فضل، نعمتن ۽ رحمتن جو پاڻي سدا روان دوان رهي ٿو.

مالڪ جو پيارءِ ٻاجهہ حاصل ڪرڻ جو طريقو اُهوئي آهي جيڪو شريعت سيکاريو آهي. شريعت هڪ تہ خدا جي عبادت جو طريقو متعين ڪيو آهي ۽ ٻيو تہ غلط ۽ صحيح عمل جي جاچ ڏني آهي. اها عبادت ۽ احسن عمل جي صراط المستقيم خدا جي پيار ۽ آخرت جي ابدي زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. قرآن مبين ۾ ارشاد آهي تہ:

"هيءَ دنيا جي حياتي سواءِ راند ريجهہ جي ٻيو ڪجهہ نہ آهي،
حقيقت جي ڄاڻو تہ دارالآخرت اصل زندگي آهي." (1)

حضرت شاهہ عبداللطيف رحمة الله عشق جي صراط المستقيم جو سبق شريعت کان سکڻ جي تلقين ڪئي آهي:

ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.
(سهڻي 04:10)

الله ۽ اُن جي رسول جي شريعت، فڪر ۽ عمل جو مڪمل نظامِ حيات آهي. طريقت، حقيقت ۽ معرفت ڪي الڳ مقام يا درجا نہ آهن، پر شريعت جي تعليم جا مختلف باب آهن. تنهنڪري "ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي" جو مقصد شريعت جي انهن سڀني بابن جو مڪمل علم ۽ مقصد حاصل ڪرڻ آهي. شريعت خدا جي حڪمن جو علم آهي، طريقت شريعت جو عملي نفاذ آهي. حقيقت وري شريعت ۽ طريقت جي ماهيت ۽ مقصد جي ڄاڻ آهي. معرفت، حقيقت جي مقصد جو عملي مشاهدو آهي.

ايمان، نماز، روزو، زڪوات ۽ حج اهڙا پنج باڪمال رڪن آهن. جن جي جڏهن ماهيت ۽ مقصد سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ انهن سان عشق ٿي وڃي ٿو. انهن پنجن رڪنن جي عشق سان ادائيگي صراط المستقيم جو سفر آهي. خدا جي معرفت ۽ دارالآخرت

جي زندگيءَ جو سفر آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليہ الله وحده لاشريڪ لهٔ جي صراط المستقيم تي عشق سان هلڻ جي تعليم ڏني آهي. فرمائي ٿو:

هٿين پيرين، مونڙيين، سرج ساهه پساهه
هوت گڏبئي حب ۾ رهبر متي راهه
جان جان ساڻءِ ساهه، تہ پاڙج ڪومَ پنهونءَ سين.

(معذري 5/5)

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليہ الله وحده لاشريڪ لهٔ سان جنهن عشق جي تلقين ڪئي آهي، اُن عشق جو سالار آري ڄام حضرت محمد صہ کي ڄاڻايو آهي ۽ سندس عشق جي روايت سان نباهي نيڻ جي تلقين هن طرح ڪئي آهي:

هٿين پيرين، مونڙئين، هلج ساڻ هنئين،
عشق آريءَ ڄام جو نباهي نئين،
جان جان ٿي جئين، تان پاڙج ڪو م پنهون سين.
(معذوري 2/5)

حضرت شاهه عبداللطيف فرمائي ٿو تہ وحده لاشريڪ له جو عشق جنهن جو سالار حضرت محمد صہ آهي، سو مستند عشق آهي، مؤمنن جي مشاهدي جي تاريخ اُن جي شاهد آهي، تنهنڪري اي سسئي توکي وحده لاشريڪ له جي عشق جي سَنَد آهي، تون اُن جو ٻئي ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڄاڻائجانءِ:

هٿين پيرين، مونڙيين، ڪهج پر ڪپار
متان، چوريا! چڏيين، پريتڻي پچار
توکي سند سسئي! سندي لنئون لغار
جي هونئي هوت هزار تہ پاڙج ڪو م پنهون سين.
(معذوري 2/5)

وحده لاشريڪ له جي صراط المستقيم تي پيغمبر خدا جي تعليمات موجب عشق سان هلبو تہ خدا جي معرفت ۽ فلاح واري مقصد کي حاصل ڪبو ٻي صورت ۾ جڳ ۾ اونده ايتري گهري آهي جو مقصد تائين پهچڻ محال آهي:

ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو ڏور مَ ڏيان ڏاں
ڪوڙين لک هزاں ان اونداهيءَ انڌا ڪيا.
(رامڪلي 9/9)

"اي پيغمبر! چئو هيءُ منهنجي راھ آهي مان الله جي طرف
سڏيان ٿو مان ۽ جيڪي منهنجي راھ تي هلن ٿا, دل جون اکيون
رکن ٿا ۽ الله پاڪ آهي ۽ مان شرڪ ڪرڻ وارو نہ آهيان"(2)

عاشقن کي من ۾ الله وحده لاشريڪ لہ جي محبت هوندي آهي, ڇو تہ ڪين دل اندر داتا جو مشاهدو هوندو آهي, محبت مشاهدي بنا نہ ٿيندي آهي, پر جيئن تہ تن (جسم) جي اکين کان محبوب جو مشاهدو ماورا هوندو آهي, تنهنڪري انهيءَ دوريءَ سبب عاشقن جي تن ۾ سڪ سدائين موجود رهندي آهي. شاھ صاحب عاشقن جو تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

عاشقن الله جي, محبت رکي من,
سندي سڪ پرين, تن ۾ آهي تن جي.
(يمن ڪلياڻ 1/7)

عاشقن جي تن من ۾ سڪ ۽ محبت هڪ ئي وقت موجود هئڻ سبب, هو هميشہ قرار ۽ بيقراريءَ جي گڏيل ڪيفيت ۾ رهندا آهن:

الله جئن نالوءُ, تئن مون وڏو آسرو
خالق! تنهنجي ڪاند جو پرو پاند نہ ڪوءِ,
نالو رب سندوءِ, رهيو آهيم روح ۾.
(ڏهر, 9/2)

عشق انـدر جي مشاهـدي ۽ غيب تي ايمان جـو نـالو آهي. عاشقن جو مشاهدو ۽ ايمان ڪامل هوندو آهي. مالڪ محبت کي متحرڪ رکڻ لاءِ قرار ۽ بيقراريءَ کي گڏائي ڇڏيو آهي:

عشق اهڙي ذات, جو مانجهي منجهائي مين کي,
ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين, رئڻ سجيائي رات,
اُٿيي وينجي تات, ميان محبوبن جي.
(برو سنڌي 1/3)

اٿين نہ آهي تہ ڪو عشق نراس آهي، الله حي القيوم پاڻ پنهنجي زنده قرب سان عاشق کي نوازي ٿو تنهنڪري شاهہ صاحب عاشقن کي هدايت ڪندي فرمائي ٿو:

عاشق! معشوقن جو وٺي ويهج سير،
اڃي پڇندءِ پاڻهي، پرتان پري پير،
پلاٽن جو پير، رهبر ٿيندءِ راهہ ۾.

عشق آزمائش آهي، ايثار ۽ صبر جو امتحان آهي. عشق نارالله آهي، عاشق کي ان آگ ۾ پنهنجو ايثار ۽ صبر ثابت ڪرڻو آهي. عشق ايمان ۽ يقين کي لال ۽ مستحڪم بڻائيندو آهي تہ مالڪ پنهنجي پيار سان عشق جي آگ کي گلزار بڻائي ڇڏيندو آهي. شاهہ صاحب عاشقن جي رهنمائي ڪندي فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو پاڻ کي عاشق ٿو چوائي تہ ان کي گهرجي تہ اول عشق جي انعامن جي چاڻ ۽ ايمان حاصل ڪري، تنهن کان پوءِ ان چاڻ ۽ يقين سان عشق جي آڳ ۾ ڪاهي پوي، ڪيس ويساهہ هجي تہ هيءَ آڳ اجهامڻي آهي. نراسائيءَ جي آڳ عوام کي ناهي ڏيٺي، صبر ۽ همت سان باهہ جي تؤ ڏانهن تيستائين تانگهڻو آهي، جيستائين مالڪ مهر ڪري باهہ کي گلزار بڻائي ڇڏي:

پتنگ چائين پاڻ کي، تہ جيريءَ پؤ جاٽي،
تان تان تاٽج توڏيءِ جان آڳ نہ اجهاٽي،
وسهہ وهاٽي، آگ نہ ڏجي عام کي.
(يمن ڪلياڻ 3/9)

پتنگ چايين پاڻ کي، پسي مچ مَ موٽ،
سهائيءَ سپرين جي، گهڙ تہ ٿيين گهوٽ،
اچا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين.
(يمن ڪلياڻ 2/9)

عاشق کي ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجيءَ سان صراط المستقيم تي هلڻو آهي، مالڪ جي مهر ۽ پيار جو ايمان کڻي هلڻو آهي، نراسائيءَ کي پاڻ کان پري ڪرڻو آهي، يقين سان ويجهو وڃڻ جي جستجو جاري رکڻي آهي، ڪنڌ ڪيڻو نہ آهي، سِر نوائي ڇڏڻو آهي، تان تہ مالڪ جو پيار پاڻ ئي پنهنجو ڪري وٺندو:

عاشق معشوقن جي وٽي ويهج رَند.
پيارينديءِ پاڻهي، ميخاني جو منڊ.
ڪيم ڪيڄ تون ڪنڊ، اوڏو ٿي اُن ڪي.
(يمن ڪلياڻ، 19/7)

عاشق پنهنجي رب جو هر وقت حمد و ثنا ڪن ٿا. مالڪ جي ذڪر ذريعي ئي مؤمن کي قرب جو قرار حاصل ٿئي ٿو تنهنڪري انهن کان ڪا ساعت بہ سڄڻ وسري ئي نٿو:

عاشقن الله جي سدا وائي وات،
فاذڪروني اذڪرڪم، تن ۾ اُها تات،
انهن کان ڪي ساعت، سڄڻ ويل نہ وسري
(يمن ڪلياڻ، 2/7)

عشق جو تعلق ڪائنات جي خالق سان آهي، جنهن جو حسن حقيقي مخفي آهي، ظاهر نہ آهي. تنهنڪري عاشق جي اندر ۾ سڪ، درد، اوسيئڙي، اخلاص ۽ ايثار جا جذبات پيدا ٿين ٿا. جيڪي پنهنجي ڪمال کي پهچي، عاشق جي سيرت ۾ عشق جا اوصاف بڻجن ٿا. عاشق مالڪ جي پيار جي صراط المستقيم جا سڀ اصول ۽ آزمائشون عشق سان پوريون ڪري، مالڪ جو پيار ۽ هدي حاصل ڪري ٿو. عشق جا سڀ اوصاف پنهنجي پنهنجي ڪمال ۾ مالڪ جي پيار ۽ هدي جا شاهد بڻجن ٿا.

عاشق جون اکيون ديدار لاءِ هر وقت آتيون هجن ٿيون، هر وقت سڪ سندس اندر کي ڪوري ۽ ڪپي ٿي پئي، پر عاشق جي وس نہ آهي تہ سڄڻ ڏانهن نظر کڻي نهاري سگهي. بيوسيءَ سبب نينهن ۽ نهارڻ تان ئي هٿ کڻي ڇڏي، پر ڪيس نينهن جو اهڙو مضبوط لوهي نير پاتل آهي، جنهن کي ٽوڙڻ تہ ٺهيو پر رڳو ڇوڙڻ بہ سندس وس نہ آهي. شاهہ صاحب پنهنجي عشق جي ايڏي مضبوط ٻنڌڻ جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي آهي:

سڪ تنهنجي سپرين! ڪپي ۽ ڪوري،
سگهان نہ ڇوري، ڏاڍو نير نينهن جو.
(سهڻي، 23/9)

جڏهن عاشق کي معلوم ٿئي ٿو تہ سڪ لاهڻ سندس پنهنجي وس جي ڳالهہ نہ

آهي، پر اها خدا جي وس جي ڳالهه آهي ته هو پنهنجي عاجزي بيان ڪري خدا کي ٻاڏائڻ شروع ڪري ٿو:

سِڪ سڪندين لاهه، وڇوڙيا ميڙ پرين،
ايڏي سڪ سچا ڏٽي، تو هي کي جڳاءِ،
من جنهن جو طالبو مهر تنين کي پاءِ،
ميڙائي جو ماءِ، ڪانگ لنوندو ڪڏهين.
(سهڻي، 27/9)

جيئن خدا جي ذات بي انت آهي، تيئن سندس سڪ به اڻ ڪٿ آهي. خدا انسان جي روح ۾ رهي ٿو ۽ ساهه کان به ويجهو آهي، پر طبعي صورت ۾ مجازي اکين کان اوترو ئي ماورا ۽ مٿي آهي. اکين کي واجهائيندي ورهيه ٿيو وڃن پر جانب جي جمال جي جهلڪ پسڻ کان به قاصر رهن ٿيون:

سڪ تنهنجي سپرين، جيئن تران تيئن تار
تونهين رهين روح ۾، تونهين اکئان ٻار
پرين! تنهنجي پار مون واجهائيندي ورهيه ٿيا.

عاشق پنهنجي اندر ۾ سڪ کي سانديندو رهيو سندس صبر جي انتها هئي جو نراسائين ۽ سورن کي لوڪ کان لڪائڻ لاءِ ٻاهر ٻاڦ ئي نه ڪيندو هو تان ته سڪ اندرو اندر جسم منجهان سوراخ ڪري ٻاهر ٻاڦ جي صورت ۾ نڪرڻ لڳي. شاهه صاحب پنهنجي صبر جي اهڙي انتها ۽ بيوسيءَ واري حالت کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

سڪ تنهنجي سپرين! اندر ٿي اجهل،
ٻڙڪيو ٻاهر نڪريه کوري ڪانئي ڪل،
ريءَ سراهيءَ سل، مون کي ڏنا سڄڻين.
(سهڻي، 24/9)

جڏهن سڪ اندر مان اجهل ٿي ٻاهر نڪري ٿي ته اها ٻاهر موجود سارو جهنگ ساڙي رک ڪري ڇڏي ٿي، جنهن سان گمراهي ۽ غفلت جهڙن چورن جا سڀ سبب اسباب ختم ٿي وڃن ٿا. سڄڻ جي راهه جا سڀ ڏڙا ڏکيون سڏا سنوا ٻڻجي پون ٿا ته پريئن ڏانهن پيرن پر پنڌ نبري پوي ٿو. سڪ کي سڄڻ وٽ پهچڻ ۽ پسڻ ۾

دير ئي نٿي ٿئي. اُئين رضي الله عنهم و رضو عنه وارو قرار ٿي وڃي ٿو:

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو لٿي چوران لڪ،
ويئي وجودان نڪري، جيڪا دڙي دڪ،
هڪ سڄڻ ہي سڪ، ہئي پهتا پاڻ ۾.
(سريراڳ، 24/5)

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو پڳي چوران
لڪ،سيڪڙو ۽ سڪ، ہئي گڏيا پاڻ ۾.
(ڪاهوڙي، 8/3)

هاڻي شاهه صاحب عاشق کي هدايت ڪندي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن تو سڪڻ جي راز انعام ۽ مقصد کي ڄاتو آهي ته پوءِ ڪنهن به تڪليف کان هرگز نه ڪيباءِ. سور ۽ تڪليفون حڪمت ۽ آزمائش تحت هوندا آهن. تون صبر ۽ تقوي اختيار ڪر. ماڻهن ۾ نراسائي ۽ نااميدي نه ڦهلاءِ. سڪ ته وصل جي اعليٰ وٿ آهي. ان جي اهنج کي اندر ۾ سڪائون ڪري سانڍج. ڇو ته اُن سان ئي توکي وصل جو وقار حاصل ٿيڻو آهي:

جي تو سڪڻ سکيو ته ڪاتيءَ ہئي مَ ڪِنجهه،
سپيريان جي سور جو ماڙهن ڏجي نه منجهه،
اندر ايءَ اهنج، سانڍج سڪائون ڪري
(ڪلياڻ، 13/2)

جيڪي پنهنجي غفلت سبب مقصد کي نٿا لهي سگهن، تن جي رهنمائي سڄڻ پاڻ ڪري ٿو ڪين ڏکن ۽ تڪليفن جي فطري تربيت جي مرحلن مان پنهنجي رهنمائيءَ سان پار ڪري، مقصد تائين آسانيءَ سان پهچائي ٿو جيڪي مقصد جو پري وارو پنڌ پيا پڇن، تن کي دل جي ويجهي پنڌ سان پاڻ وٽ پهچائي ٿو:

سڪي ہڏن جي، ساهڙ ساٿي تن جو
لهرن سر لطيف چئي، ڪلهن چاڙهيوني،
جي پڇن پنڌ پري، تن اماٽي اور هون.
(سهڻي، 21/1)

الله وحده لاشريڪ لہ سچ آهي ۽ بندگيءَ جي سچائيءَ کي پسند ڪري ٿو. عاشق خدا جي وجود جي سچ سان محبت ڪري ٿو ۽ سچ جي حسن کي اکين سان پسڻ لاءِ سڪي ٿو ڪيس خدا جو پيار تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن هو پنهنجي بندگيءَ جي سچائي، پنهنجي فڪر ۽ عمل ۾ آڻي ٿو. دنيا ڪچ آهي ۽ ان جي محبت غلاضت آهي، جنهن ۾ ڪوڙ ڪپٽ، حرص حسد، لالچ هبچ، منافقي، ٺڳي، نفرت، فتنو شر ۽ فساد موجود آهن. عاشق کي پنهنجي اندر مان اهڙي غلاضت کي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪرڻو آهي ۽ ڌوتل دل ۾ فقط الله وحده لاشريڪ لہ جي سچ جي محبت رکڻي آهي. جڏهن عاشق جو اندر سچ جي حسن جي تصور سان سجائجي ويندو تہ سندس سيرت ۽ عمل ۾ سچ جا امر سمائجي ويندا. ان طرح جڏهن عاشق جو اندر ۽ ٻاهر سچ جي حسن جي چانڊوڪيءَ ۾ منور ٿي ويندو ۽ ڪوڙ جي اونده ۽ غلاضت غائب ٿي ويندي، تڏهن روح جي سمنڊ ۾ سچ جا ڏيئا ٻرندا ڏسبا. جنهن کي شاه عبداللطيف "ساموڏي سچيت" سڏيو آهي:

مان پچنئي سپرين، چت ۾ رکج چيت،
سينو ڌوئي صاف ڪر، صابڻ ساڻ سپيت،
ساموڏي سچيت، ٿيءُ تہ پهچين پار کي.

انسان جي آڏو بہ بنيادي مقصد ٿين ٿا، جن مان هڪڙو ڪوڙ ۽ ڪچ جو مقصد آهي، ٻيو مقصد سچ جو آهي. ماڻهوءَ وٽ ٻنهي مقصدن مان ڪنهن بہ هڪ جي چونڊ جو اختيار هجي ٿو. انسان جي بنيادي آزمائش بہ اها آهي تہ هو ڪهڙي مقصد جي چونڊ ڪري ٿو. ڪوڙ ۽ ڪچ کي مقصد بنائڻ واري جي اندر ۾ ڪفر ۽ ڪثافت رهي ٿي، جڏهن تہ سچ چونڊڻ واري وٽ ايمان ۽ عاجزي هجي ٿي. ڪائنات جو خالق سچ آهي، جنهن کي ٻانهن جي محبت ۽ سچائي وڻي ٿي، ٻانهي کي مالڪ جو پيار ۽ سندس رضا وڻي ٿي:

"اهڙا ماڻهو جن سان الله جي محبت هوندي ۽ اُهي بہ الله سان محبت ڪندڙ هوندا". (3)

اهو ئي سودو سڦرو آهي، تنهنڪري شاه عبداللطيف هدايت ڪندي فرمائي ٿو:

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ، اُتي اور الله سين،
ڪيڏ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
ان پر اُتي اچ، تہ سودو ٿئي سڳرو.
(سريراڳ، 9/1)

مالڪ سچائيءَ کي پسند ڪري ٿو ۽ ڪوڙ کي ناپسند ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو سچائي ۽ ڪوڙ گڏ ڪٺي هلي ٿو يعني تہ هو محبت بنا رسمي طور عبادتون ۽ چڱا ڪم ڪري ٿو پر سندس دل دنيا جي ڪوڙ حرص ۽ لذتن ۾ قابو آهي، تہ اهڙي ماڻهوءَ جو ڪيو ڪارج وارو نٿو ٿئي، ڇو تہ ڪانڊ کي ڪوڙيءَ جو سينگار نٿو وٽي. هو تہ دل جي سچائي پرکڻ گهري ٿو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

هئين تہ گهڻو هوشيار ڪل بہ هيئي ڪانڊ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڳچيءَ پائي هار
ڪانڊ ڪوڙيءَ جو نہ وٽي، سئين ٻتين سينگار
وهم لهي وينجهار دليون پرکي داسڙو.
(ليلا چنيسر، 3/2)

دنيا جا مال، اسباب ۽ مرتبا ڪنهن بہ طرح فخر ۽ وڏائيءَ لائق نہ آهن، ڇو تہ پنهنجي اصليت ۾ اهي ڪوڙ ۽ ڪچ ئي آهن، نظر جو فريب آهن. جيڪو ماڻهو غفلت سبب ساڻن محبت ڪري ٿو اهو دوکو کائي پنهنجي مالڪ کان پري ٿي وڃي ٿو:

مڻيو ناهہ مڻيون، جو تو پسي هار هرڪئين،
اصل آهي آڳهين، سندو ڪوڙ ڪڻيون،
اِن گهوڙن هنئي گهڻيون، دوسنئان دور ڪيون.
(ليلا چنيسر، 9/1)

عاشق پنهنجي محبت ۽ سچائيءَ جي طلب سان مالڪ جو پيار ۽ رضا حاصل ڪن ٿا. انهن لاءِ پيغمبر صہ دارالآخرت ۾ لقاء ربہ ۽ جنت جي دائمي زندگيءَ جي خوشخبري آندي آهي، جنهن لاءِ مالڪ کين هدي ۽ ايمان عطا ڪيو آهي:

جنين سودي سچ جو وکر وهايو
بخرولهم البشري جو انهين لئي آيو
ان کي لالن لنگهايو ساندارو سمونڊ جو.

عاشق دنيا بجاءِ ڪائنات جي خالق سان محبت ڪري ٿو. هو خالق جي پيار ۾ مٿس مال ۽ دولت قربان ڪندو رهي ٿو. سندس ايمان آهي تہ مال ۽ دولت ڏيڻ وارو بہ خالق آهي، پر هو ڪڏهن بہ مال ۽ دولت جو سوال نٿو ڪري. هو خالص سبحان جي پيار ۽ رضا جو طالب آهي. هو مال، ملڪيت، عهدن، رتبن ۽ بادشاهين ۾ انسان جو وقار نٿو ڏسي، پر محبت، بندگي ۽ خدا جي پيار ۾ انسان جي شرف ۽ وقار کي ڏسي ٿو:

تو در آيس راڄيا، ٻيا در دور ڪري
دولهہ تو درٻار ۾ آيس پير ڀري
مڱڻون آئون نہ مال جو منهنجو پنڌ پري
وري ڪين وري متي ڏاران مڱڻو.
(سورٺ، 12/1)

مڱ نہ جهليان مورهين، نہ مون پنڌ پري
ڳٽي آيس ڳالهڙيءَ ڳجهي تو ڳري
سا سمجهہ سورٺ وڙ ويندس ڪين وري
پريان پير ڀري تولئي آئيو آهيان.
(سورٺ، 12/2)

عاشق، گهر يا ٻي ڪنهن بہ ملڪيت جي محبت من ۾ نہ ٿو رکي، ڪيس دل ۾ فقط الله جي محبت ئي آهي، سندس عبادت، عمل ۽ سخا جو سينگار فقط مالڪ جي پيار ۽ رضا خاطر آهي، هو صبح شام پيار ۽ وصل جي اوسيئڙي ۾ گذاري ٿو:

گهر، نہ وڙ نہ وٿ ڪا، آهم من مهار
ان اوسيئڙي اٿيان، سنجهي ڪري سينگار
پرين تنهنجو پار پسان مان پر ڪڏهين.
(سهڻي، 31/9)

عاشق پنهنجو حال، مال، گهر ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ خدا جي راهہ ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هجي ٿو هو دنيا جي هر رشتي ۽ تعلق کان بي نياز ٿي پاڻ کي مڪمل طور خدا

جي سپرد ڪري ڇڏي ٿو سندس جيئڻ جو مقصد گهر، مال ۽ اولاد نٿو رهي، پر خدا جو پيار ۽ رضا سندس اولين مقصد هجي ٿو. هو مالڪ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي فدا ۽ فنا ڪري ڇڏي ٿو:

حال قربان، مال قربان، گهوريان لڌاٿو
فدا ٿيءُ فقير جو شل رسي مَ راٺو
ميين سين ماٺو مناسب نہ ميندرا.
(مومل راڻو 17/7)

الله رب العالمين ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي، سندس ذات ڪائنات کان ماورا آهي، ڪائنات جي ڪابہ شيءِ سندس ثاني ۽ شريڪ نہ آهي، هو وحده لاشريڪ لہ آهي، سندس ذات هميشہ رهڻ واري آهي، هيءَ دنيا فاني آهي ۽ سندس مٽ نہ آهي، هو پنهنجي فضل سان ٻانهي جي مغفرت ڪري، کيس پنهنجي پيار سان نوازي ٿو:

تهن ڏاتي ڏت ڏٺي، ڏولا تنهنجو ڏٽ،
پائي تراڙي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ.
لاهي ڪسر، ڪٽ، اچي ڪوڙ ڦناتون ڪاڪ پر.
(مومل راڻو 18/6)

سهڻيءَ کي شريعت جي ڄاڻ ۽ عمل بہ هو تہ مالڪ جي قرب جو مشاهدو بہ حاصل هو. کيس فڪر ۽ عمل جي تقويٰ بہ حاصل هئي تہ خدا جي آڏو پنهنجي ذميوارين جي جوابداريءَ جو بہ شعور هو. انهن سڀني اوصافن سان گڏ الله کيس پنهنجي سڪ ۽ محبت ڏاج ۾ ڏني هئي ۽ ايمان بالغيب سان نوازيو هو. تنهنڪري پروردگار ۾ سندس ايمانِ ڪامل هو تہ موت جو درياءُ پار ڪرائي کيس يوم الدين تي وصل وارو ٻڌائيندو:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
"وامامن خاف مقام ربہ" اي لنگهيائين لنگهہ.
سڪندين کي سيد چئي، ڪين جهليندو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! سي اڪارئين.
(سهڻي، 2/11)

جڏهن عاشق محبت ۽ ايمان ڪامل سان آزمائش جو سچو درياءُ تري پار پهچي ٿو تہ محبوب جو قرب ۽ ڪرم يقيني طور حاصل ڪري ٿو. ڪنڌيءَ تي محبوب جي پيار جو سڏ سڻي عاشق جو روح راضي ٿي وڃي ٿو جيتوڻيڪ طبعي وصل جو پنڌ اجا بہ پري هجي ٿو پر قرب جو سڏ محبوب جي موجودگيءَ جي شاهدي ڀڄي ٿو ۽ عاشق کي دلي طور اطمينان حاصل ٿي وڃي ٿو. هي اهو مقام آهي، جتي محبوب مهربان ٿي سڏي ٿو ۽ عاشق قرب جو سڏ ٻڌي قرار ۽ اطمينان حاصل ڪري ٿو يعني عاشق ۽ معشوق جو گڏيل رضامندو جڙي ٿو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

چاهڪ چريءَ تار تريءَ آيون مٿي ڪوهہ،
سڻي سڏ ساهڙ جو راضي ٿيندن روح،
مينهون ساڻ صبوح، پرچي پار لنگهنديون.
(سهڻي، 16/5)

چاهڪ چريءَ ترتريءَ آيون مٿي آن
ڪوڙين ڪر کڻنديون، سڻي سڏ ڏراڙ
مينهون ساڻ ميهاڙ پرچي پار لنگهنديون.
(سهڻي، 13/5)


حــوالا:

1. قرآن مجيد، سورة: العنڪبوت، آيت: 64

2. ايضا سورة: يوسف، آيت: 108

3. ايضا سورة: المائدت، آيت: 45

4. شاهہ جو رسالو قاضي، آءِ آءِ علامہ، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون، سال 1993ع، سڀ بيت، حوالا اندر بيتن سان گڏ ڏنل آهن.

# CONTENT


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | Editorial | | |
| 2. | Allama I.I. Kazi – the Founder Vice Chancellor, University of Sindh, Jamshoro | Dr. N.A Baloch | 01 |
| .3 | Contribution of Dr. Nabi Bux Baloch in the compilation of classical poetry | Dr. M. Anwar Figar Hakro | 09 |
| .4 | A Research Studfy on History of Sindhi Language and Literature written by Dr. Nabi Bux Khan Baloch | Dr. Manzoor Ali Vesno | 19 |
| .5 | Short analysis of classical literature complied & researched by Dr. N.A Baloch | Dr. Nawab Kaka/Raz Shahani | 39 |
| .6 | (A Critical study of Dr. Baloch's opinion on Retroflex phonemes /tr/, /dr/, and /dhr/) | Dr. Altaf Jokhio | 54 |
| .7 | A Comparative and Analytical Research Study on "Latifi Lughuat" written by Bheromal Mehrchand, Mirza Kalich Beg and Dr. N.A Baloch | Riazat Buriro | 97 |
| .8 | Rearch carriedout by Dr. N.A Baloch on Classical Poetry and chronograms | Mirza Dabeer | 116 |
| .9 | Tie-up your self in such a relation that make you able to get the dovine love | Dr. Noor Muhammad Shah | 159 |

# PANEL OF PEER REVIEWERS

**A. Internal Reviewers**

**Dr. Ghulam Ali Allana**
Emeritus Professor,
University of Sindh, Jamshoro

**Dr. Kazi Khadim Hussain Qureshi**
Director,
Allam Ghulam Mustafa Qasmi Chair,
University of Sindh, Jamshoro

**Dr. Adal Soomro**
Ex-Chairman
Department of Sindhi,
Shah Abdul Latif University,
Khairpur

**Dr. Adbul Ghafoor Memon**
Chairman
Sindhi Language Authority,
Hyderabad

**Dr. Naheed Memon**
Department of Sindhi,
Krachi University, Karachi

**Dr. Hakim Buriro**
Aisstant Profcssor
Department of Pakistani
Languages,
Allama Iqbal Open University
Islamabad.

**Dr. Manzoor Ahmed Vesrio**
National Institute of Pakistan
Studies, Quid-e-Azam
University, Islamabad

**B. External Reviewers**

**Dr. Baldev B. Matlani**
Ex-Chairman, Department of Sindhi
University of Mumbai (E),
Mumbai, India – 400098

**Dr. Manoharlal B. Matlani**
Chairman, Department of Sindhi
University of Mumbai (E),
Mumbai, India - 400098

**Dr. Ravi Prakash Tekchandani**
Department of Modern Indian
Languages, University of Dehli,
India- 110007

**Dr. Jagdesh Lachhani**
Principal,
D.T. College of Arts, Science &
Commerce,
Ulhasnagar – 421001

**Dr. M. K Jetli**
Mumbai University, India,
D.127, Wowek Vehar, Delhi,
110095, India

**Dr. Jetho Lalwani,**
Professor (Rtd) Sindhi,
Madhawan, Aditia Bungalows,
Nobel Nagar, Ahmadabad,
382340. India.

**Dr. Anita Dodeja**
Jai Hind Collage, Alhas Nagar,
India

All rights reserved

# KEENJHAR

[ Research Journal ]


| | |
|---|---|
| Edited by: | Dr. M. Anwar Figar Hakro |
| Volume: | 20 |
| Year: | 2017 |
| Copies: | 300 |
| Price: | 200/- |
| Published by: | Department of Sindhi, University of Sindh, Jamshoro. |
| Address: | Chairman, Department of Sindhi,<br>University of Sindh, Jamshoro. |
| Email: | editor.keenjhar@usindh.edu.pk |
| Tel: | Ex-022-2771681-09 (2088) |
| Composed by: | Abdul Hakeem Samejo |
| Printed at: | |

Edition: 20
Year: 2017

# KEENJHAR

[Research Journal]

HEC Recognized

ISSN: 2077-902S

Editor
**Dr. M. Anwar Figar Hakro**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
University of Sindh, Jamshoro

# KEENJHAR

[Research Journal]

Volume: 20
Year: 2017

ISSN: 2077-902S

Editror

Dr. M. Anwar Figar Hakro

DEPARTMENT OF SINDHI
University of Sindh, Jamshoro
2017